انور پیرزادو

پُرط جُھرط



پُٹ جُھٹ

(کالمءِ ایڈیٹوریل)

انور پیرزادو

کتاب:	پُٹ جُھٹ
لیکک:	انور پیرزادو
کمپوزنگ:	عمیر علي میمٹ
ءِ پیج میکنگ:	(0314-2580057)
ٹائیٹل:	راز ناٹن شاهي
پریس:	الجنت پریس کراچي
چپائيءَ جو سال:	جنوري-2012ع
تعداد:	هک هزار
قیمت:	200 روپیا

چپائیندڑ:

انور پیرزادو اکیڈمي

A-64 نیز-1، گلشن حدید۔ کراچي

فون: 021-34718481

0334-3007566

سٹاءُ

* پنهنجي پاران 6

پُٹ جُھٹ (ڪالم)

* سنڌ: اڄ، ڪالهه، پريئن 11
* ڪي رِند پروڙن راڄُ قضييي ڪربلا جو 15
* شاهه فيصل مسجد ۽ ڳڙهي خدا بخش وارو فرق 19
* حڪمرانن لاءِ سنڌ جي تاريخ جو مطالعو لازمي آهي 23
* سنڌ ۽ پٽائي کي سمجهڻ جو سوال 29
* پٽائي کي اشتهارن جي نذر نه ڪيو وڃي 34
* سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ ڪيل اعلان 38
* پهرين آڪٽوبر وارو سانحو 42
* سنڌ جي تاريخي آثارن کي ڪير بچائيندو؟ 46
* ماري! مرين شال 50
* هارين کي مليل قرض جي سهولت 53
* سنڌ، جمهوريت جي ڦوٽهڙي لاءِ وڏو رت ڏنو آهي 57
* سنڌ ڪيس 60
* متان سوچيو! 63
* ايم آر ڊي تحريڪ کانپوءِ..... 66
* سياسي شطرنج واري راند 69

* ٻانهن تي زور کان وڌيڪ عقل کان ڪم وٺڻ جي ضرورت 73
* سنڌي مڊل ڪلاس کي سوچڻو پوندو 77
* جيڪي مئي ڪنداءِ سو جانب ڪيو جيئري 80
* بندر جان پئي، تان سکاڻئا مَرسمهو 81
* پ پ حڪومت سان جوڙيل جنگ 84
* سنڌي ماڻهن آخر ڇا سوچيو آهي؟ 88
* سنڌين جي قومي حقن جو ڇا ٿيندو؟ 92
* ڏُکيون جان نہ مڙن، تان تان پَنڻ نا ٿئي 96
* سنڌو درياء کي جهاز راني ۽ لائق بڻائڻ واري اسڪيم 100
* پاڪستان جي تحريڪ ۽ اڄوڪو نسل 103
* سچل سرمست جو ميلو 107
* اسٽيل مل ۽ رتوچاڙ جو خطرو 109
* هاڻي ڇا ڪجي؟؟؟ 112
* ڏرتيءَ جو عالمي ڏينهن 118
* دهشتگردن سان ڪهڙو سياسي ڊائلاگ 123
* "قومي" ۽ "علاقائي" اخبارون؟! 127

ايڊيٽوريل

* ٻوڏون، خطري جي گهنٽي ۽ مسڪين ماڻهو 131
* ڏاڙيلن جي دهشتگردي ۽ ٻهراڙين مان لڏپلاڻ 134
* ڪور ڪمانڊرن جي گڏجاڻي ۽ سنڌين جي من جو مانڊاڻ 137

* سياسي نخرا، سرچاءَ ڪميٽي ۾ ائين ترميم جو لاش 140
* دهشتگردي جو مانگر مڇ ۾ سنڌ جا مورڙا 143
* سنڌ جي ڪيس وڙهڻ واري تاريخي ذميواري 146
* ريل جي سيٽيءَ لاءِ ماڻهو پنڌ پاهڻ 148
* انڌا اونڌا ويڄ يا تاريخ جا نابين روح 149
* آسڻ جن اريج تن جا سُور ۾ سازدا 151
* سنڌ جي بحران واري تائيم بم جي ٽڪ ٽڪ 154
* مذهبي رواداريءَ وارو حق موجود 158
* شريعت بل واري ٽڪٽڪي تي اونڌو ٽنگيل انسان 161
* سنڌ ڏرتيءَ جي خشڪ نڙي آلي ڪريو 164
* هر دور جي يزيديت تي..... 167
* وڙهن سانَ لتاڙجن پُوڙا 169
* سنڌي سماج جو ڪرنگهو ۾ تاريخ جو ڏونڌ 172
* نہ ڪنهن ماريا جنگ ۾ نہ ڪنهن سُور ٻَرَي 175
* جهوڪ جي ڪيڏاري مان ڦُٽي نڪرندڙ عالمي انقلاب 178
* سياسي تبديلين واري سڌائي واءَ جا هلڪا جُهوٽا 181
* سنڌين جي دلين ۾ ڏارين جي آبادڪاريءَ جا ڏماڪا 184
* طاقتور حڪمرانن پاران حقيقتن آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ 186
* سياسي بيماريءَ جي وڌ ڪٽ وارو علاج 188
* سنڌ جي تاريخ ٽين هزاري عيسويءَ ۾ داخل ٿئي ٿي 190

پنھنجي پاران

انور پيرزادو اڪيڈمي پاران انور پيرزادي جي مختلف اخبارن ۾ رسالن ۾ ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل تحريرن کي سَھيڙي انھن کي ڪتابي شڪل ڏيڻ جو سلسلو ڪاميابي سان ھلندڙ آھي.

انور پيرزادو اڪيڈمي جيڪا سال 2007ع ۾ انور پيرزادي جي ٽيجھي جي موقعي تي وجود ۾ آندي وئي ھئي سا ھن وقت تائين انور پيرزادي جا ست (7) ڪتاب ڇپائي چڪي آھي، جڏھن تہ "پُٹ جُھٹ" نالي ڪالم ۾ "ايڊيٽوريلن" تي ٻڌل ھي اٺون ڪتاب آھي جيڪو اوھان جي ھٿن ۾ پھچي چڪو آھي.

اسان کي اھو لکندي بيحد سرھائي محسوس ٿي رھي آھي تہ انور پيرزادو اڪيڈمي پنھنجي مقصد تي پورو لھندي انور پيرزادي جي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل سنڌي مواد کي پنجن سالن جي مختصر عرصي ۾ ڪافي حد تائين ڪتابي شڪل ڏئي چڪي آھي. اڳتي انور پيرزادي جي شخصيت بابت ڪتاب آڻڻ جو پروگرام آھي. ان ڪتاب ۾ انور پيرزادي جي شخصي، ادبي، صحافتي، تحقيقي ۽ سنڌس شاعري بابت ٻين ليکڪن جا مضمون شامل ھوندا ۽ ان کانپوءِ سنڌس مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل انگريزي مواد کي ڪٽابي شڪل ۾ آڻڻ واري ڪم کي ھٿ ۾ کڻبو.

ھن ڪتاب اندر انور پيرزادي صاحب جا 1989ع کان 1990ع ۾ ھلال پاڪستان جي اخبار ۾ ڇپيل ڪالم "پُٹ جُھٹ"، ۽

عوامي آواز سنڌ سجاڳ ۽ سچ ۾ اخبارن ۾ ايڊيٽر طور 1990ع، 1991ع ۽ 1992ع جا لکيل ڪجھ ايڈيٽوريل شامل آھن.

ڪالم "پُٹ جُھٹ" انور پيرزادي جي سنڌي صحافت ۾ وري واپس اچڻ جو سبب بڻيو. انور پيرزادو جنھن 1973ع ۾ ھلال پاڪستان کان ٽرانسليٽر ۽ سب ايڈيٽر طور صحافت جي شروعات ڪئي ھئي، سو 1975ع کان وري انگريزي صحافت سان سلھاڙجي چڪو ھو. سندن سنڌي صحافت ۾ واپسي وري تڏھن ٿي جڏھن ڪيس 1989ع ۾ ھلال پاڪستان اخبار ۾ ھفتيوار ڪالم لکڻ جي دعوت ڏني وئي ھئي ۽ ايئن پوءِ ھر آچر تي انور پيرزادي جو ڪالم ڇپجڻ لڳو. ان ڪالم کانپوءِ 1990ع ۾ انور پيرزادي کي روزاني عوامي آواز اخبار جو ايڈيٽر مقرر ڪيو ويو ۽ ايئن پوءِ انور پيرزادي کي سنڌ سجاڳ ۽ سچ اخبارن جو ايڈيٽر بڻجي سنڌي صحافت جو مورچو سنڀالڻ جو فرض سونپيو ويو جيڪو جديد سنڌي صحافت جي تاريخ جو ھڪ روشن ۽ يادگار باب بڻجي ويو.

ڪالم "پُٹ جُھٹ" جيتوڻيڪ سال 1989ع ۽ 1990ع واري عرصي جو لکيل آھي (بينظير پٽو ۽ نواز شريف جي پھرين حڪومتن جي دور جو آھي) پر سياسي ۽ سماجي حالتون اڄ بہ ساڳيون آھن. ملڪ اندر پيپلز پارٽيءَ جي چونڊيل حڪومت آھي، اونئن ئي ايم ڪيو ايم آھي، اونئن ئي روز رسڻ ۽ پرچڻ، بليڪ ميلنگ ۽ دھشتگردي آھي. اونئن ئي ڪراچي ۾ آپريشن ۽ دھشتگردن بدران قومپرست پارٽين ۽ اڳواڻن کي ٽارگيٽ ٻڌائڻ، اونئن ئي حڪومت جي برطرفي جون سازشون ۽ خطرا، اڳ سنڌي وزيراعظم بينظير پٽو استيبلشمينٽ جي اک ۾ ڪنڌو ھئي ۽ ھاڻي ايوان صدر ۾ ويٺل سنڌي صدر آصف زرداري سندن ٽارگيٽ تي آھي ۽ اونئن ئي

جمهوري حڪومت جي بقا جو سوال آهي. ان ڪري 1989ع کان 1990ع تائين لکيل انور پيرزادي جو ڪالم "پُٹ جُھٹ" هاڻي پڙهجي ٿو تہ ايئن پائنجي ٿو جڻ اڄ جي حڪومتي ۽ مجموعي سياسي صورتحال تي انور پيرزادي جو ڪمينٽ آهي جيڪو اڄ جي سياسي صورتحال کي سمجهڻ ۾ ۽ ان روشنيءَ ۾ ڪا راءِ عامہ جوڙڻ يا حڪومت جي اصلاح لاءِ بيحد اهميت رکي ٿو.

"پُٹ جُھٹ" واري ڪالم کان علاوه هن ڪتاب جي خاص ڳالهہ انور پيرزادي جا ڪجهہ ايڊيٽوريل آهن، جيڪي غير روايتي انداز سان لکجڻ ڪري تڏهن بيحد مقبول هيا، ڇاڪاڻ تہ انور پيرزادي ايڊيٽوريل جهڙي سپ کان گهٽ پڙهي ويندڙ صنف جي مردار ڏانچي ۾ بہ پنهنجين دلکش، فڪر انگيز ۽ تخليقي تحريرن سان نئون روح ڦوڪي وڏو هو. انور پيرزادي جا ايڊيٽوريل "گائيڊ لائين" جي حيثيت رکندا هيا ۽ سنڌ، جمهوريت ۽ عوام جو انتهائي بهادري ۽ بيباڪي مان ڪيس وڙهندا هيا. انور پيرزادي جي ايڊيٽوريلن جا ڏنل عنوان ۽ سِٽون پڙهي سياسراتيون نڪريو ويندیون هيون.

سنڌي صحافت جي اها برابر هڪ خوشنصيبي آهي تہ اُها هاڻي جڏهن بہ پنهنجو ڪارج وجائڻ لڳندي، جڏهن بہ پنهنجو رستو پلجندي، جڏهن بہ ڪتان ڪو ٽيڙ ڪائيندي، جڏهن بہ گمراهہ ٽيندي، موقعي پرستيءَ جو شڪار ٽيندي تہ انور پيرزادي جهڙن ليجنڈ صحافين جو "صحافتي ورثو" سنڊن قبلو درست ڪرڻ لاءِ موجود ملندو.

هي ڪتاب جيئن تہ ڪالم ۽ ايڊيٽوريلن تي ٻڌل آهي ۽ هڪ ليجنڈ صحافي ۽ ايڊيٽر جو لکيل آهي، جنهن مان اسان اهو سمجهي ۽ پرائي سگهون ٿا تہ هڪ باضمير، باهمت، بيباڪ،

تخليقي، تحقيقي ۽ ڪميٽڊ صحافت ڪيئن ڪجي، ڪيئن سنڌ جو ڪيس وڙهجي، ڪيئن عوام ۽ جمهوريت جي مفاد ۾ صحافت ڪجي، ڪيئن عوام جي نبض تي هٿ رکي لکجي، ڪيئن هن ڌرتي، عوام ۽ ٻوليءَ جو محافظ بڻجي، ڪيئن انساني حقن جي پيڪڙين کي روڪجي، ڪيئن سماج سڌارڪ ٿجي، ڪيئن لکجي جو اخبار جي سرڪيوليشن وڌي وڃي، ڪيئن ايڊيٽوريل جهڙي سپ کان گهٽ پڙهي ويندڙ صنف جي روايتي ۽ مردار ڏانچي ۾ ساهه وجهجي، ڪهڙيون سِٽون سرجن جو پڙهندڙن کان سيسراتيون نڪري وڃن، ڪيئن وڪامجڻ کان پاڻ کي بچائجي ۽ ڪيئن تاريخ ۾ پاڻ کي زندهه رکجي، اهو ئي ته، "صحافتي اسڪول آف ٿاٽ" آهي جنهن جو نالو "انور پيرزادو" آهي ۽ هي ڪتاب انهيءَ "اسڪول آف ٿاٽ" جو هڪ ريفرنس آهي.

زرار پيرزادو
انور پيرزادو اڪيڈمي

پُٹ جُھٹ

(کالم)

سنڌ:
اڄ، ڪالهه، پريئن

اڄ

آسمان ڪاروڻي ويو ڪوڪڙ نظر نه ٿي آيو. هڪڙي جمعي جي شام ڪان وڻي پئي جمعي جي صبح تائين وڏڙي هڪ لمحي جو وقفو نه ڏنو. ان وچ ۾ سج ڪنهي نه ڪڍي، گهرن ۾ گوڏي جيڏو پاڻي بيهي ويو. اوڏڪيون پتيون جُهري پيون. ڪچين جاين جا هانءَ ڇڇي پيا. ڪڪاوان گهر پاڻي ۾ لڙهڻ لڳا. ڏٽڙيل، ابوجهه ۽ مسڪين ماڻهن جا فصل تباهه ٿي ويا. مال متاع لڙهي ويا. ارڪو ترڪو غرق ٿي ويو ۽ ڪيترا لاش دفن ٿي ويا.

ڏکي توڙ ڏڪار- توڻي وسن مينهڙا.

ڪالهه

اڇو اڇو- مسلمان پائر آهيو. هجرت ڪري آيا آهيو- اسان جي گهرن ۾ اڇي رهو. توهان کي دلين ۾ جايون ناهي ڏينداسين اڇو اڇو..... ۽ پوءِ سڄُ ايرڻ کان اڳي در ٿي ٽڪ ٽڪ- آئو پائي ڪيا حال هي؟ سوال: سائين، آپ لاڙڪاڻي کي هين؟ جواب ڪوڙ گاڏڙ- نهين مين دادو ۾ رهتاهون. موٽ: اڇا، سائين ڪو مارو گولي، نا، نا، فيصل ڪالوني، لانڍي، ملير، لطيف آباد، ناظم آباد، ڪراچي، سنڌ- ..... سال 1905ع، بنگال جو ورهاڱو- سال 1906ع مسلم ليگ جو قيام. سال 1913ع لنڊن جي هوٽل ۾ شراب ۽ سوئر جي گوشت واريءَ ٽيبل تي ونڊل ڪجهه ماڻهو- سال 1937ع: چونڊون:

سنڌ ۾ مسلم ليگ، اسڪور پڙي، سال 1946ع- هندو-مسلم فساد- سال 1947ع- سنڌ آزاد..... ڪالا باغ ڊيم، ٻهاري، غير مقامي مزدور، بيروزگاري، مطالبا، جلسا ۽ جلوس. ڳوڙها آٽيندڙ گئس، هوائي فائرنگ، سڌي فائرنگ، خيرپور ناٿن شاهه، لاکات، مورو، نوشهروفيروز، هالا، نئون ديرو، لاڙڪاڻو... ڏاڙيل، هندستاني ايجنٽ، تخريبڪار، گرفتاري ڪانپوءِ سالن جا سال لاپتا- اٺ سال، ڏهه سال، يارهن سال، چئو ته مان اميرالمومنين آهيان.

پريئن

زيلون ڪندڙ سيٽيون- بيهي رهو! هيءَ چا ٿيئي؟ سائين پيٽ آهي، ڪوڙ ٿو هٽين- هيءَ رندي آهي ۽ تون پڙوو- سائين، خدا جو قسم..... بڪواس بند ڪر. وِهو گاڏيءَ ۾، رات جو روڄ، پاڻ هڪ ڪوليءَ ۾ ته پيٽ ٻي ڪوليءَ ۾. اديا! مِني به ماڻ، مُني به ماڻِ، ڪير پڏندو، بس ڪري گذار.

اڙي ڏاڙهيءَ ڪُوڙَ! نماز پڙهندو آهين؟ سائين نه، گنهگار آهيان، ٻيا به ته ڪوڙ نماز نه تا پڙهن. پلا حج ڪيو اٿئي؟ نه سائين طاقت ڪانهيم، هڪ ويلو وهان، هڪ ويلو ڪاوان، گهر ۾ پلا قرآن شريف رکيل اٿئي؟ نه، سائين، اڻ پڙهيل آهيان، غريب آهيان، ايڏا کٽ به نٿرائي نه سگهيو آهيان، پلا، واٽين سان چو ٿو اٽين وهين؟ سائين ابن ڏاڏن کان گڏ رهندا اچون، هڪڙي ٻولي ڳالهايون، عيد برات ۾ هڪٻئي جي ڏُڙ وار تي اچون ويجون..... اڙي، هي مسلمان ناهي- رڳو نالو مسلمانڪو اٿس- مرتد آهي، ۽ مرتد جي سزا آهي سنگسار ڪرڻ- ويهه گاڏي ۾- اصلاح مُعاشره زندهه باد.

تنهن پريئن

سائين، اسان جو مطالبو آهي ته سينٽر کان علحدگي اختيار ڪئي ويجي، صوبائي خودمختياري ڏني ويجي، غير جانبدار پرڏيهي

پاليسي اختيار ڪئي ويجي، ايران ۽ افغانستان جي انقلابن جي حمايت ڪئي ويجي، جواب: نہ، هي ملڪ اسلام جي نالي ۾ ٺهيو آهي.

سائين، اسان فقہ جعفري جا پوئلڳ مسلمان آهيون، هتي فقہ حنفي کي سرڪاري مذهب قرار نہ ڏنو ويجي، جواب: نہ، هي ملڪ اسلام جي نالي ۾ ٺهيو آهي.

سائين، اسان جو پيو ڪو بہ مطالبو ڪونهي. اسان جي مادري ٻولي سنڌي آهي، اسان کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني ويجي، اسان موهن جي دڙي واري زماني کان وٺي هڪ قوم آهيون، اسان جي ٻوليءَ کي قومي ٻولي طور تسليم ڪيو ويجي. جواب: نہ، هي ملڪ اسلام جي نالي ۾ ٺهيو آهي.

۽ پوءِ ٽڪٽڪيون وڄايون ويون، انسان کي اونڌو ڪري ٽنگيو ويو. نيٺ جي ڦٽڪن کي تَر ڪيو ويو. ڦٽڪو مٽي ٽيو. انسان جي کل اڏامڻ لڳي، هٽ گراين کان ڪپجڻ لڳا. جن ڊاڪٽرن اهڙن آپريشنن ڪرڻ کان انڪار ڪيو انهن کي جيل اماڻيو ويو.

۽ پوءِ: ڳوٺ احمد خان برهماڻي، ڳوٺ صادق ماڇي، دائو ديرو، ڪسانو موري، ڳوٺ جانوري ۽ ٻيا ڳوٺ..... نيشنل هاءِ وي تي تامي گن مان گوليون، ڳيرو جوانن جا سينا پروڻ، لاشن کي گهلي روڊ تي آڻي، ٻہ سرون رکي، انهن تي مري ويلن جون ڇنگهون رکي، انهن جون تريون پڳيون ويون، رائيفلن جي بٽ سان- ۽ پوءِ..... ۽ پوءِ.....

ماروئڙا فقير- ڪنهن در ڏينڊا دانهڙي.

پڇاڻي

اها مايوسي آهي، اسان انقلاب جي دروازي تي پهچي ويا آهيون. انقلاب سامهون واريءَ گهٽيءَ جي موڙ تي اسان جو انتظار ڪري رهيو آهي. سامراج ڪمزور ٿي چڪو آهي ۽ سوشلسٽ دنيا فتح جي ترائي جي ڏُڻ تيار ڪري ورتي آهي، ان راهہ ۾ صرف هڪڙي رڪاوٽ آهي: سنڌي شاونزم، نسل پرستي ۽ قوميپرستي

جيڪا فيڊول دور جي لبرل بورجوا سياست آهي.

اڄ لال لـهـوءَ جـي سـرگـم تـي
ٿي سنڌڙي منهنجي رقص ڪري-
مُـنـهـن هـيـڏ، ٿـيـا غـدارن جـا
بـي شـرم وڏيـرن، پِـيـرن جـا-

6 آگسٽ، 1989ع

ڪي رِند پروڙن رازُ
قضيي ڪربلا جو

پٹائيءَ کان سوال: سائين، توهان شيعا آهيو يا سُني؟ جواب: بنهي جي وچ تي، سائين، بنهي جي وچ ۾ تہ ڪجهہ ڪين آهي. جواب: مان آهيان بہ "ڪينَ". "جي بي شرڪ پائنئين پاڻ کي تہ عين شِرڪ ايءُ۔ وجائي وجود کي پاڻان پاسي ٿيءُ۔ هڏهن ڪونهي هيءُ، هُو پڻ ڪينهي هِن ري"۔ سائين، هُو ڪير آهي ۽ هي ڪير آهي؟ جواب: هو الله ۽ هي انسان! سائين هي تہ شرڪ آهي: جواب ساڳيو: "جي بي شرڪ پائنئين پاڻ کي تہ عين شرڪ ايءُ"۔

سائين قضيي ڪربلا جو آخر راز ڪهڙو آهي؟

جواب: "انهيءَ منجهہ آهي ڪا اونهي ڳالهہ اِسرَارَ جي"۔ ڪُلها، ڪرنگهر، ڪنڊ، جُهرن جهونجهارن جا۔ سائين، ٿورو ڪولي سمجهايو. اها وڏاندري ويڑهہ آهي، جهونجهارڪو جهڳڙو آهہ. پائنئن سان سنئين، جڏان جيءَ جوکو ٿئي. اُپائي آهين، مهائي مرڻ تي، هڏ، هڪلڙ، ٻيلي سارڙ، مانجهيان ايءُ مَرڪُ۔ وجهن تان نہ فرق، رُک وهندي راند ۾۔ بهادر گڏيا بهادرين، ڪڙڳ ڪِلولِ ڪن، وجهن ڏڙ ڏڙن تي، هاڪارين، هڏن۔ ڪرن، ڪنڊ نچن، رڙ گجيو، راڙو ٿيو. گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڙ ٿورا ڏينهڙا. سو اهو راز شهادت جي سختي آهي.

سائين، شهادت جي سختي ڇا آهي؟

جواب: سختي شهادت جي مِڙيو ئي ملهار۔ نسورو ئي ناز جڙ شاديءَ جو ڏينهن. ڪانڊ ڪلاڙين ڪپڙين (گلن ڦلن سان پريل ڪپڙن ۾) وَر

ونايهو (شاديءَ لاءِ سنبريو) آءُ، جت سانگين (نيزن) جي سٽ وهي، ات وک وڌندي پاءِ۔ تان تان ڀَوُمَ ڀاءِ (ڀانءِ) جان جان نوڌرين نہ چڙهين (شهيد نہ ڪرين۔ شهيد نہ ٿئين) مَرُ مرين، آءٌ رُوئين، موٽي ڪانڌ مَ آءُ مڇڻ (متان) تو پئاءُ (تو پڄاڻان)، ڪچا ڪن جيڏيون (طعنا ڏينم جيڏيون)۔ ڪِلي وير (جنگ جي وقت) ڪٽڪ ۾ (لشڪر ۾)، سائُو (بهادر) سڀ نہ هون. پڙ تي سيئي پونِ، موٽڻ جنين مهڻو. ڪلي ويرَ ڪٽڪ ۾ پاکر (زِرهہ) جو پائي. اڃا ان کي جيئڻ جو آ سانگو (آسرو) آهي، سورهيہ سو چائي (چوائي)، جو رڳو ئي رڻ گهري. سورهيہ مرين سوڀ کي تہ دل جا وهم وسار ڳاهہُ (کاڄ) گڄُهن جو ٿيءُ، ويٺي جن ورهيہ ٿيا.

سائين: ڳِجَهہ تہ انتهائي بدصورت پکي آهي، ڍونڍ کائيندي آهي. ان جو ذڪر توهان جي شاعريءَ ۾ ڪئين آيو آهي؟

جواب: نہ بابا ايئن ناهي، ڳائو ڳجَهہ نہ کاءُ، ميهي ماس نہ هيرئين، تنين لئہ واجهاءِ، ڪلنگيون جن ڪپار ۾. ڳِجُهن ويٺي ڳاڙيا، ڏنجها ڏک گهڻا، تنگي لٿن توڻ جي (قوت گذارن جي)، سورهيہ ساماڻا، ڪندا راماڻا (لڙايون)، ڪوز ڪِلي جا ڪوڏيا، ڳجهڙين ڳارو راتو ڏينهان روڻ ۾، ڀُڻيو پڇن پاڻ ۾، ڪنهن منهن ڪيڏارو (جنگ جو ميدان)، کائن کڳمارو (ترار هڻندڙ)، ڪانئر پيو ڪِنو ٿئي.

سائين: جنگ جي شاعري اوهان سر ڪيڏاري ۾ ڪئي آهي يا ٻئي ڪنهن سر ۾ بہ؟

جواب: مون پنهنجو رسالو جيڪو ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلايو هو تنهن جي ترتيب مون پاڻ ڏني هئي. ان جي ابتدا سر سسئي سان ڪئي هئم ۽ ان جو پهريون بيت هو: پر توَو پرينءَ جو جُهڙ جان جهالا ڏئي۔ آءٌ تنهن آريءَ کي، رويو راهہ ڏسان گهڻو"۔ پر منهنجي مرڻ کانپوءِ ڪي پاڻ هُر تِڙيا محقق پيدا ٿي پيا جن منهنجي رسالي جي شروعات سر يمن ڪلياڻ سان ڪئي. سر يمن ڪلياڻ ان لحاظ کان تہ ٺيڪ آهي ڇاڪاڻ تہ اسان صوفي راڳ سماع شام جو سج لٿي مهل شروع

ڪندا آهيون جيڪو باک ڦٽيءَ مهل تائين هلندو آهي- (پرهہ ڦٽندي ڦال وڌم ويڙهيچن لئہ)- سو جيئن تہ سنگيت جي دنيا ۾ سر ڪلياڻ شام جو راڳ هوندو آهي، ان ڪري رسالي جي سُر وار ترتيب دوران پهريون سُر يمن ڪلياڻ رکيو ويو. پر ان سُر جا پهريان 12 بيت حڪيم کٽيءَ نالي هڪ ٻئي سنڌي شاعر جا ٺاهيل آهن جيڪي منهنجي رسالي ۾ زوريءَ پيوند ڪيا ويا. انهن خدشن جي ڪري تہ مان پنهنجو ترتيب ڏنل رسالو ڪراڙڍنڍ ۾ اڇلائي ڇڏيو هو- پر سنڌي ماڻهن ڪاڳرن بدران منهنجا بيت پنهنجي من جي ڦرهيءَ تي لکي ڇڏيا جيڪي بعد ۾ ظاهر ٿي پيا. بهرحال رسالي جي شروعات سر يمن ڪلياڻ ۾ منهنجو ڪلام 13 هين بيت کان شروع ٿو ٿئي. جيڪو "سر ڍونڍيان، ڌڙ نہ لهان، ڌڙ ڍونڍيان، سر نانهہ، هٿ ڪرايون آڱريون، ويون ڪپجي ڪانهہ، وحدت جي وهانءِ، جي ويا سي وڍيا"- سو مون جنگ جي شاعري رسالي جي پهرين سر يعني يمن ڪلياڻ کان شروع ڪئي آهي، جيڪا سسئي وارن پنجن سرن کان ٿيندي، سر کاهوڙي، رامڪلي، سورٺ، مارئي ۽ گهاتوءَ تي ختم ٿئي ٿي- "سوريءَ سڏ ٿيو- ڪا هلندي جيڏيون" جي وڍيو هئين تہ ويهہُ- نہ تہ وٺي واٽ وانءُ تون- سر جدا، ڌڙ ڌار، دوڳ جنين جا ديڳ ۾- سي مرڪن پچار- حاضر جن هٿ ۾"- "ديڳئين دوڳ ڪڙهن، ڪڙهين ڪڙڪو نہ لهي- تتي طبيبن، چاڪ چڪندي ڇڏيا"- "ملهہ مهانگو قطرو- سڪڻ سعادت- پاٻوهيو پڇن، ڪٿي هٿ حبيب جو- نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي پاڻ نہ ڪن- عاشق اجل سامهان، اوچي ڳاٽ اچن- ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو"- "رهي اچجي راتڙي، تن واڍوڙين وٽاءُ، جن کي سور سرير ۾، گهٽ منجهاران گهاءُ- لڪائي لوڪاءَ، پاڻهين ٻڌن پٽيون" (ميڊڪو ليگل ڪيس)- سو هي سڀ ۽ ٻيا انيڪ بيت مون سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ لکيا آهن جيڪا مڙوئي جنگ جي شاعري آهي. اوهان کي گُهرجي تہ 1689ع کان 1752ع تائين واري عرصي ۾ ۽ ان کان اڳ سنڌ ۾ جيڪي وڏيون

جنگيون وڙهيون ويون آهن، انهن بابت پڙهو ۽ پوءِ منهنجي رسالي جو ان لحاظ کان مطالعو ڪيو تہ مون علامتي شاعري ڪئي آهي. ايتري تائين جو عمر مارئي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار ۽ ٻيا سڀ جيڪي بہ روايتي ڪردار اوهان کي رسالي ۾ ملن ٿا سي سڀ علامت آهن انهن حقيقي ڪردارن جي جيڪي منهنجي دؤر ۾ سنڌ ۾ موجود هيا.

سوال: سائين، هڪ ذاتي سوال پڇڻ جي اجازت آهي؟

جواب: هائو.

سوال: سائين چون ٿا تہ توهان جي مزار تي وڃي جيڪو پٽ ٿو گهري ان کي پٽ ٿو ملي، ڪنهن جو محبوب وڇڙي ويو آهي تہ دعا گهرڻ سان موٽي ٿو اچي وغيره وغيره، ڇا توهان وٽ واقعي ايڏي ڪرامت آهي؟

جواب: "قبن ڪينهن پير، مرشد مساڻن ۾".

سائين: اڄ جا محقق چون ٿا تہ ڀٽائي جي شاعري قرآن شريف جو سنڌي ۾ ترجمو آهي. توهان ٻڌائيندا تہ توهان جي شاعريءَ ۾ خدا تعاليٰ جو تصور ڪيئن پيش ڪيو ويو آهي.

"سو هِي، سو هُو سو اجل، سو الله، سو پريت، سو پساهُ، سو ويري، سو واهرو".

سائين: آخر ۾ سنڌ جي عوام لاءِ توهان کو پيغام ڏيندا؟

"لوءِ وڃي ڪو چوءِ۔ منهنجو ماروئڙن کي
ڇانگان ڇڄي ڇيلڙو سو جي ڪنهن جو هوءِ،
صحيح ولوڙن سوءِ، آءٌ ڪئين وين وسريا"

آچر 13 آگسٽ 1989ع
بمطابق 10 محرم 1410هـ

شاهه فيصل مسجد ۽
ڳڙهي خدا بخش وارو فرق

هٽلر فاشسٽ هو ظالم هو ۽ نفرت ڪرڻ جي لائق هو. اهو آواز ويهين صدي جي پوئين اڌ ۾ دنيا جو مقبول نعرو ٿي ويو- پر اولهه جرمني ۾ ايڊا به ڪي ماڻهو آهن جيڪي چون ٿا ته هٽلر سان اها بي انصافي ڪئي پئي وڃي ۽ ان جو ڪارڻ اهو آهي ته ٻي مهاڀاري جنگ ۾ آمريڪا ۽ روس گڏ هٿا جيڪي هم آواز ٿي هٽلر جي غير ناموسي ڪري رهيا آهن. پر ان جي اها معنيٰ ناهي ته ڪو هٽلر دهشتگرد نه هو. البت دنيا جي تاريخ ۽ وقت، دنيا جو عوام ۽ مظلوم انسانيت کي ئي آخري فيصلو ڪرڻو هوندو آهي. ۽ تاريخ جي آڏو ڪنهن جي مصلحت پسندي هلي نه سگهندي آهي. سو بدين ڪي ڇڪائي ۽ ڪوڙ کي سچ چوڻ وارا هر دور ۾ موجود هوندا آهن ۽ انهن سان گڏ سچ تي سر ڏيڻ وارا ۽ ڪاڻي کي ڪاڻو چوڻ وارا به هوندا آهن. آخري فيصلو البت وقت کي ئي ڪرڻو هوندو آهي. دنيا جي تاريخ شاهد آهي ۽ انساني ارتقا جو اهو ميجيل اصول آهي ته دنيا وقت گذرڻ سان ترقي ڪندي رهندي آهي ۽ ان سان گڏ ڪوڙ جي قوتن تي سچ حاوي ٿيندو ويندو آهي. جيڪڏهن ايئن نه هجي ها ته پوءِ اڄ انساني تهذيب ڳولي نه لڀي ها، "لنوءُ ويچاري لڏي وڃي ها"، ۽ پٽائي ايئن نه چئي ها ته، "چڪيم چڳائي، سورانگهي سوريءَ کي".

سو شاهه فيصل مسجد ۽ ڳڙهي خدا بخش ۾ جيڪو فرق آهي اهو تاريخ جو معاملو آهي، جنهن کي عوامي عدالت ئي حل ڪندي. هي ڪنهن جي پسند يا ناپسند جو مسئلو ناهي. ڪلهه نام

ڪٺين وڏين اخبارن ۾ نام ڪٺيا وڏا تجزيہ نگار لکي رهيا آهن تہ فيصل مسجد ۾ پوريل بد روح کي ان جا مخالف ئي مشهور ڪري رهيا آهن. هي تجزيا حقيقت ۾ سچ نما هڪ اهڙي ڪوڙ تي ٻڌل آهن جن جو مقصد آهي تہ سچ جون قوتون بديءَ خلاف پنهنجو آواز بند ڪري ڇڏين. هنن کي ڀليءَ ڀت پروڙ هوندي تہ بديءَ کي بدي چوڻ سان چڱائي بدنام ٿي نہ ٿي سگهي. ان ڪري ضروري آهي تہ ڪوڙ کي اڃا بہ وائکو ڪيو وڃي، بدروحن جي خلاف هڪ اڻ کٽندڙ سلسلو شروع ڪيو وڃي ۽ ظلم خلاف لاڳيتو لکيو وڃي، ڀلي تہ ان جو نالو جهاد هجي يا انقلابي جنگ.

مونکي ياد آهي تہ ڪراچي ٽي ويءَ تي جڏهن اسلم اظهر ليکڪن جي ڪانفرنس گهرائي هئي تہ ان ۾ هڪ ليکڪ جي سوال جو جواب ڏيندي هن چيو هو تہ گذريل دور جي آمرن پنهنجن ڏينهن ۾ "ظلم جي داستانن" جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو هو سو اسان نہ هلائينداسون. ان وقت اها رواداريءَ جي تقاضا هئي پر اڄ لڳي ٿو تہ ڪوڙ کي پنهنجن مڙني پهلوئن سميت اگهاڙو ڪري بازار ۾ گشت ڪرائڻ ضروري هو تہ جيئن آئيندي جي انسان کي سچ جو ساٿاري ٿيڻ ۾ ڪا ڏکيائي نہ ٿي سگهي. سو چوڻ جو مقصد آهي تہ بدروح کي بڇڙائيءَ جي علامت نہ ڪوٺڻ سان ان جي حيثيت فرشتي واري ٿي نہ سگهندي. ۽ اهو ڪم پنج ڪروڙ آبادي جي صوبي ۾ ستر هزار ماڻهن کي جمع ڪرڻ سان بہ ٿي نہ سگهندو ڇاڪاڻ تہ فيصل مسجد ڏانهن ويندڙ رستا تہ کليل هئا پر جڏهن روهڙي ۽ ڪوٽڙيءَ کان رستا بلاڪ ڪيا ويندا هئا تڏهن بہ لياريءَ ۽ پنجاب جا ماڻهو ريل گاڏيءَ مان لهي، جهر جهنگ لتاڙي، ٻنين مان پنڌ ڪري، انڊر گرائونڊ طريقي سان ڳڙهي خدا بخش پهچندا هئا. ۽ ٻن ڪروڙ ماڻهن جي صوبي ۾ 5 لک ماڻهن جا ميڙاڪا بہ ڏٺا ويا. ڀلي تہ پوءِ اتي سڌي فائرنگ ٿيندي هئي، ڳوڙها گئس جا ڪڪر پيدا ڪيا ويندا هئا ۽ مقامي آفيسرن کي سزا طور بدلي ڪيو ويندو هو تہ توهان جي هوندي هتي هيترا

ماڻهو ڪيئن جمع ٿي ويا. سياسي مبصرن اهو به ڏٺو ته ڳڙهي خدا بخش جي تصوير ڇپڻ تي جڏهن اخبار ۾ بندش پئجي ويئي ته ان تصوير کي ٽانگن، پان ٻيڙين جي مانڊڻين، گهرن جي ڀتين ۽ چؤنڪن تي ماڻهن اچي پهچايو. فيصل مسجد وٽ ته اهڙي صورتحال ڪا نه هئي، پر اسان ڏٺوسين ته ڳڙهيءَ جي ٻاهران خود پرڏيهي صحافين کي پادر هنيا ويا ۽ اڄ جيڪي صحافي "برقعو مٽائي" جمهوريت پسند ٿي ويا آهن اهي جاسوس کاتي کي اطلاع ڏيندا هئا ته ڳڙهي ۾ ڪنهن ڪنهن ڇا ڇا ڪيو. سو سياسي وابستگيون پنهنجي جاءِ تي، پر تاريخ سان انصاف ڪرڻ ضروري آهي.

۽ ان لاءِ ضروري آهي ته سنڌ جي گذريل 11 سالن جي تاريخ لکي ڇپائي وڃي ڀلي ته ان تي هڪ ڪروڙ رپيا خرچ ڇو نه اچي- سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ ڪري پيش ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي - ان سلسلي ۾ ڪنهن به مصلحت پسندي جي گنجائش ناهي ڇاڪاڻ ته تاريخ جي تلوار ڪنهن جو نالو پڇي نه وهندي آهي- ستر واري ڏهاڪي ۾ سنڌ تي جيڪي ظلم ٿيا آهن. اهي ڪنهن ڪيا هئا، انهن ظلمن جا تفصيل ڪهڙا آهن، انهن ظلمن جو شڪار ڪهڙا ماڻهو ٿيا آهن، ان تي جامع ريسرچ جي ضرورت آهي. جنهن کانپوءِ ظلم جو ازالو ٿيڻ گهرجي- سڀاڻي وري اهي ساڳيا ئي ماڻهو سچ ۽ ڪوڙ جي جنگ ۾ وڙهندا ۽ سر ڏيندا- ان ڪري ضروري آهي ته انهن ماڻهن جا اهي سڀئي زخم ڇٽايا وڃن جيڪي هينئر تائين ناسور ٿي چڪا هوندا- ته جيئن هو سڀاڻي جڏهن ڪوڙ جي منهن تي دانگي ملڻ لاءِ سچ جو جهنڊو کڻي ٻاهر نڪرن ته انهن کي پيٽ جو ٻل ۽ ٻانهن ۾ ايتري شڪتي هجي جو جدوجهد جي هڪ نئين تاريخ کي جنم ڏيئي سگهن.

باقي بدروحن جي مجاورن کي سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته ڪلاشنڪوف جي زور تي چندي گڏ ڪرڻ سان حرام جي ڪمائي

مان پنهنجو پيٽ تہ پالي سگهجي ٿو پر تاريخ جي قيٽي کي پوئتي نٿو قيرائي سگهجي.

آچر 20 آگست 1989ع
هلال پاڪستان

حڪمرانن لاءِ سنڌ جي تاريخ جو مطالعو لازمي آهي

سنڌ جي اڇوڪن حڪمرانن کي گهرجي تہ اهي سنڌ جي ماضيءَ وارن حڪمرانن جي تاريخ تفصيل سان پڙهن. ٻين لفظن ۾ ايئن کڻي چئجي تہ اڄ جي حڪمرانن لاءِ سنڌ جي سياسي تاريخ جو مطالعو لازمي قرار ڏنو وڃي ۽ ان لاءِ جيڪڏهن حڪومت مناسب سمجهي تہ تاريخ جي ماهرن جي ڪا ٽيم مقرر ڪري، انهن کان ان موضوع تي ڪو جامع ڪتاب لکرائي، اهو سڀني ننڍين توڙي وڏن حڪومتي ڪارندن کي لازمي طور تي پڙهائي. ان مان فائدو اهو ٿيندو تہ جيڪي ماڻهو اڄ سنڌ ۾ حڪومت کن ٿا انهن کي ان خطي جي مخصوص سياسي مزاج ۽ ان خطي ۾ رهندڙ ماڻهن جي محکوميءَ واري نفسيات توڙي ان جي پويان لکل سياسي ولولي جو اندازو ٿي سگهندو. اهڙي طرح هو موجوده وقت ۾ ڪاميابيءَ سان حڪومت هلائي سگهندا. هي ڪم هن وقت جي حڪومت پاران قائم ڪيل اداري، "پيپلز اڪيڊمي آف سوشل سائنسز" پاران بہ ڪرائي سگهجي ٿو. هي ادارو جنهن کي سنڌيءَ ۾ "سماجي علم جو عوامي ادارو" ڪري بہ ڪوئي سگهجي ٿو سو اڇڪلهہ اسان جو هڪ دوست ظفر علي اڃڻ هلائي رهيو آهي. مونکي ياد آهي تہ جڏهن مرحوم پٽو صاحب جيئرو هو تڏهن سنڌ ۾ ننڍي کنڊ جي هڪ مهان دانشور سوپي گيانچنداڻيءَ کيس اهڙي اداري قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني هئي ۽ ان اداري کي هلائڻ لاءِ پڻ پنهنجي رضامنديءَ جو اظهار ڪيو هو. اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ پٽي صاحب جي نياڻيءَ

ان اهم تجويز تي عمل ڪيو آهي. بهرحال، هتي منهنجو مقصد ان اداري تي لکڻ ناهي پر ان ڳالهه تي زور ڏيڻ آهي ته اڄ جي حڪمرانن لاءِ سنڌ جي ماضيءَ جي تاريخ جو مطالعو ضروري آهي ۽ ان لاءِ هڪ جامع ريسرچ جي ضرورت آهي. سنڌ جي ماضيءَ وارن حڪمرانن جي تاريخ جي مطالعي ڪرڻ واري تجويز تي زور ڏيڻ مان مقصد اهو آهي ته صدين کان وٺي سنڌ جي سياسي تاريخ جي وهڪرن کي پروڙي اڄ جي سياسي اٿل پٿل واري ماحول ۾ ناسور جهڙن سنگين مسئلن جو حل ڳولي سگهجي.

سنڌ جي پنج هزار ورهيه پراڻي تاريخ جا ڪجهه اهڃاڻ موهن جي دڙي واري قتل شهر مان پروڙي سگهجن ٿا. سنڌ وادي جي هن تهذيب تي سوچجي ٿو ته لڳي ٿو ته ترقيءَ جي ان منزل تي پهچڻ لاءِ هن تهذيب جي سرجڻ وارو عمل گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه هزار سالن کان جاري هو. پر سنڌ جي تاريخ ان کان به پراڻي آهي ڇاڪاڻ ته هتي الهندي سنڌ جي جبلن ۾ جيڪي غار ملن ٿا انهن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته ڏرتيءَ جي هن ٽڪري مٿان جڏهن کان سمنڊ پنهنجو پاڇو هٽائي ويو هو ۽ پنهنجي پيٽ مان ڍڳها ڍڳها جبل جڙي هتي پرورش لاءِ چڏي ويو هو ان قديم دور ۾ سڀ کان پهريائين زندگيءَ جنم ورتو هو. ۽ ان درياهي زندگي جي ارتقا ٿيڻ کانپوءِ جڏهن انساني روپ اختيار ڪيو تڏهن پهريون انسان به جڙ سنڌ ۾ ئي پيدا ٿيو هو. شروع ۾ ان اوائلي انسان پٿر جو دور ڏٺو جنهن کانپوءِ غارن مان نڪري پنهنجي اڳهاڙپ ڏڪي، مال پالڻ لڳو ۽ زراعت ڪرڻ لڳو. اهڙي طرح سنڌ ۾ سماجي تاريخ بعد ۾ شروع ٿي جڏهن انسان پنهنجي وحشي جيوت جي خوفناڪ نشانن مان آجو ٿي هڪٻئي سان گڏجي رهڻ لاءِ تيار ٿيو. اها بي ڳالهه آهي ته انسان ۾ ايڏا تائين وحشي جيوت جا نشان موجود آهن جنهن ڪري اڄ به هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کي قتل ڪيو وڃي.

سنڌ ۾ سماجي زندگي پيدا ٿيڻ کانپوءِ هتي منچر ڪلچر

ملي ٿو جنهن کي ٻيڙيءَ وارو ڪلچر ٻ چون ٿا. جڏهن سنڌ جي ماڻهوءَ سنڌو جهڙي ديوتا ـ ٿما درياهه جي لهرن ۾ ڪُنن تي قابو پائي ورتو ته پوءِ هن ۾ جرئت پيدا ٿي ته هو اهڙي خوفناڪ درياءَ جي ڪپ تي پنهنجو گهر ٺاهي سگهي. ان دور جي جيوت جا نشان آمري، ڪوٽڏيجي، موهن جودڙو ۽ ٻين جاين تي ملن ٿا. سو سنڌ جي تاريخ جي قدامت اٽاهه سمنڊ وانگي آهي ڇاڪاڻ ته ماهر چون ٿا ته هن ڌرتيءَ جي عمر ساڌا چار ارب سال آهي ۽ ٿر جي ننگر پار تعلقي ۾ جيڪو ڪارونجهر نالي 36 چورس ميل علاقي ۾ جبل آهي، ان جي عمر ايڪائي ارب سال آهي.

پر منهنجو مقصد اهو ٻ ناهي ته امر جليل جي "سپ ڪوڙ" واري ڪالم جو چونڊيل عيوضي، جيڪو اڌ رات تائين جاڳي عياشي ڪري منجهند مهل ننڊ مان اٿي ٿو ۽ باٿ روم مان ٻاهر نڪري ڏسي ٿو ته هن چونڊ ڪٽي ورتي آهي ۽ حڪمران ٽي ويو آهي، اهو هيءُ ڪم ڪندو. سچي ڳالهه اها آهي ته موجوده حڪمرانن مان ڪيترائي ماڻهو تمام گهڻو پڙهيل ڳڙهيل آهن، پر ڪجهه ماڻهو اهڙا ٻ آهن جن کي سنڌ جي سياسي تاريخ جو تفصيل سان علم هجڻ تمام ضروري آهي. اها ڳالهه رڳو سنڌن لاءِ ئي ضروري ناهي پر سنڌ جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي، سنڌ جي عوام جي مستقبل جو مسئلو آهي.

ظاهر آهي ته سنڌ جي ايڏي اٽاهه تاريخ هن مختصر ڪالم ۾ نه اوتجي سگهي ٽي ۽ نه مونکي ان موضوع تي ايتري مهارت حاصل آهي. البت اهو ڏسي حيرت لڳي ٽي ۽ ان تي سنڌ جي اڇوڪن حڪمرانن کي ٻ سوچڻ گهرجي ته سنڌ مٿان صدين کان وڻي بالادست طاقتن جو انتهائي غير قانوني، غير انساني ۽ ظالماڻو غلبو رهيو آهي جنهن خلاف هر دور ۾ سنڌ جا ڌُرئيل عوام توڙي عياش حاڪم پنهنجي سگهه آهر وڙهندا رهيا آهن. مثال طور ڪلهوڙن جو دور ڏسو. انهن جي حڪومت دوران (1736ع کان 1778ع تائين)

سنڌ تي پهريائين دهليءَ جو راڄ رهيو جتي مرڪزي حڪومت مغلن جي هئي، وري 1739ع ۾ نادر شاهه جي حملي کانپوءِ جڏهن مغلن جي دهليءَ واري سلطنت ڇيهون ڇيهون ٿي ويئي تہ سنڌ کي ايران جو ڳيجهو بڻايو ويو. وري 8 سال پوءِ 1747ع ۾ احمد شاهه دراني جي هندستان ۾ ڪيل قتل عام جي نتيجي ۾ سنڌ کي ڪابل جو غلام بڻايو ويو. يعني 42 سالن جي مختصر عرصي ۾ سنڌ اول دهليءَ، پوءِ ايران ۽ وري ڪابل جي غلاميءَ ۾ پيسجندي رهي. جڻ ڪا نڌڻڪي جاگير هجي. چون ٿا تہ سنڌ ۾ ڪلهوڙا حاڪم اهو سمورو عرصو ساهُ مٽ ۾ ڪيو وينا حڪومت ڪندا هئا ۽ جڏهن ڏسندا هئا تہ مرڪزي حڪومت هيٺي ٿي آهي تہ ان کي تاوان پري ڏيڻ ۾ ڪن ٽار ڪندا هئا جنهن جي ڪين سزا بہ ملندي هئي. ان جو مثال سنڌ جي حڪمران نور محمد ڪلهوڙي جي روش مان ملي ٿو. چون ٿا تہ دهلي تي نادر شاهه جي حملي کانپوءِ سنڌ جي حڪمران جي دل مان دهليءَ جي مرڪزي حڪومت جو ڊپ لهي ويو ۽ هن ۾ ايتري همت پيدا ٿي جو نادر شاهي ظلم آڏو جهڪڻ کان انڪار ڪندي هن سنڌ پاران ادا ٿيندڙ تاوان ۾ ڪٽوتي ڪري ڇڏي. ان جي سزا هن کي اها ملي جو دهلي کان ايران واپس ويندي، نادر شاهه سنڌ تي حملو ڪري ڏنو ۽ نور محمد ڪلهوڙي کي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ڪيو. پويان نادر شاهه سنڌ جي حڪمران جا ٻي پٽ مراد يار خان، اتر خان ۽ غلام شاهه يرغمالي بڻائي ايران کڻي ويو ۽ نور محمد ڪلهوڙي کي تنهن زماني جا ويهه لک رپيا ڏنڊ پري ڏيڻ جي سزا ڏني. اهڙي طرح سنڌ جي سرزمين نادر شاهي گهوڙن جي سنبن هيٺان دهل جان وجڻ لڳي.

"گهوڙا گهٽي يونءِ، ناحق ويجن نگُئا،
مادر متان مونءِ، ڪانگ لونڊا ڪڍين"

وري جڏهن سن 1747ع ۾ نادر شاهه جي قتل ٿيڻ ڪانپوءِ

"ڏاچي هٽي ڏهه، ته توڏي هٽي تيرهن" واري پهاڪي وانگر ٻيو ظالم بادشاهه احمد شاهه درائي تخت تي ويٺو ته وري هن هندستان تي حملو ڪري ڏٺو. ۽ وري به سنڌ جي حڪمران نور محمد ڪلهوڙي اهڙي جابر بادشاهه سان مهاڏو اٽڪايو جنهن جي نتيجي ۾ افغان حملي آورن سيوهڻ ۾ لشڪر انداز ٿي 1754ع ۾ سنڌ تي حملو ڪري ڏٺو. سنڌ جو حڪمران بهرحال اهڙي عالمي سامراج جي حملي جي ست سهڻ جهڙو نه هو جنهن ڪري تخت چڏي وڃي ٿر ۾ رهيو. اهڙي طرح سنڌ جي ماضيءَ وارن حڪمرانن جي تاريخ پڙهي جڏهن ويهين صديءَ جي آخري دور واري سنڌ جي تاريخ تي نظر وجهجي ٿي ته لڳي ٿو ته راجا ڏاهر کان وٺي شهيد پٽي تائين سنڌ جي حڪمرانن کي وقت جي سامراج پئي لتاڙيو ۽ ماريو آهي، اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن آڻ نه مڃي آهي.

اها ته ٿي حڪمرانن جي تاريخ، پر جيڪڏهن سنڌ جي عام ماڻهن جي تاريخ پڙهجي ٿي ته لکين گمنام شهيد ملن ٿا جن هن ڌرتيءَ کي پنهنجي رت سان سنواريو آهي. ۽ ٽيون طبقو انهن عظيم شهيدن جو ملي ٿو جن ۾ شاهه عنايت ۽ مخدوم بلاول جهڙا ڪردار شامل آهن جن پنهنجي وقت ۾ عوام کي سامراجي طاقتن خلاف انقلابي طرز تي منظم ڪندي شهادت جو جام پيتو آهي. ان جو اندازو انهيءَ تاريخي حوالي مان ڪري سگهجي ٿو ته اڄ جي دنيا ۾ جديد انقلاب جي ابتدا پئرس ڪميون کان ٿي جنهن دوران هارين جي بغاوت کي 1794ع ۾ ڪچليو ويو. ان کانپوءِ فرانس جو انقلاب آيو ۽ بعد ۾ 1917ع وارو آڪٽوبر انقلاب روس ۾ آيو. جنهن جي عالمي اوسر پئرس ڪميون کان ليکي ويندي آهي. پر اسان کي وساڙڻ نه گهرجي ته ان پئرس ڪميون کان ڇاهتر ورهيه اڳ ۾ سنڌ جي انقلابي شاهه عنايت شهيد هارين ۾ انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪندي هڪ ڏڳهي جدوجهد ڪئي ۽ اڻ ڪتندڙ عذابن مان گذري 1718ع ۾ شهادت جو اعزاز حاصل ڪيو.

سِو سنڌ جي سياسي تاريخ واري فلم جي هيءَ رڳو هڪڙي سِين آهي. اسان جي حڪمرانن کي گهرجي تہ هو پوري فلم ڏسي پوءِ سنڌ جي زندگيءِ موت وارن مسئلن جهڙوڪ ڪالا باغ ڊيم، بهارين جي آمد، فوجي ڇانوڻيون ۽ صوبائي خودمختياري وغيره جهڙن مسئلن تي پنهنجي تاريخي فيصلو ڏيڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪن.

آچر 27 آگسٽ، 1989ع
هلال پاڪستان

سنڌ ۾ ٻٹائيءَ کي سمجھڻ جو سوال

"سنڌ قومي اتحاد" ۽ "سنڌي قومي اتحاد"، اڄ جي سياسي صورتحال ۾ بہ ٽڪرائيندڙ ۽ هڪٻئي کان مختلف نظريا ٿي وبا آهن. ۽ انهن ٻنهي نالن ۾ فرق بہ آهي. پر معنوي لحاظ کان ڳالھہ مڙوئي هيڪڙي آهي. انهيءَ سياسي هيڪڙائي جو چٺمپين ٻٹائي آهي جڏهن تہ ساڳي مقصد اندر جيڪا "سياسي ٻيائي" لکل آهي ان جا چٺمپين جدا جدا آهن.

هي مسئلو انهن ماڻهن لاءِ اهم ناهي جيڪي ٻٹائي جي مزار تي پٽ وڻڻ وڃن ٿا، مزار تي پيل پڙن کي ڳڻيڻ ڏئي باس باسي اچن ٿا ۽ پوءِ ڪاڻ مان ٿهيل ننڍڙي پاڃاري "جوڙي پٽن" جي ڪنڌ ۾ وجهي ٻٹائي جا سهرا ڳائيندي نڊر نياز ڏيئي واپس اچن ٿا. هيءُ خيال انهن ماڻهن لاءِ اهم آهي جيڪي ٻٹائيءَ کي ڪاني ڪرامت واري ڪنهن بزرگ کان وڌيڪ دنيا جو هڪ عظيم شاعر، سنڌي ٻوليءَ جو وڏو عالم ۽ سماجي علمن جو فيلسوف سمجهن ٿا. اهڙن ماڻهن لاءِ ٻٹائي جي شاعري سنڌ ڏرتي ۽ ان تي وسندڙ سنڌي ماڻهن جي قومي اتحاد لاءِ وڏي ۾ وڏي ۽ انتهائي اثرائتي طاقت آهي.

ان راءِ کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ ڪيترائي دليل ڏئي سگهجن ٿا. هڪ تہ سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ اڄ تائين اهڙو ڪو بہ ليکڪ يا شاعر پيدا نہ ٿيو آهي جيڪو سنڌ جي مختلف پاڳن ۾ رهندڙ ماڻهن جي مجموعي سماجي زندگي ۽ انهن جي اجتماعي شعور کان ايترو واقف هجي جيترو ٻٹائي آهي. سنڌ جاگرافيائي لحاظ کان خشڪي،

پاڻي ۾ جابلو علائقن ۾ ورهايل آهي. سنڌ جي ميداني علائقن ۾ اتر سنڌ، يا سرو وچولو علائقو ۾ لاڙ تي مختلف يونٽ آهن. ان کان علاوه خشڪي واري حصي ۾ ٿر ۾ ڪاڇي جو علائقو شامل آهي جيڪو پنهنجي جاءِ تي هڪ الڳ دنيا آهي. پاڻي وارن علائقن مان مني ۾ ڪاري پاڻي تي رهندڙ ماڻهن جي ٻولي، رهڻي ڪهڻي ۾ ثقافت هڪجهڙي ناهي. جابلو حصي ۾ به اهڙي طرح رنگبرنگي دنيا آباد آهي جتي جا ماڻهو جانور، نانگ بلائون ۾ وڻ ٻوٽا باقي سنڌ کان مختلف آهن. ان سان گڏ سنڌ ۾ سوين قبيلا، ذاتيون، نسل، خاندان ۾ پانت پانت جون برادريون رهن ٿيون. سو سنڌ جي چپي چپي ۾ نيون نيون لوڪ ڪهاڻيون، قصا ۾ روايتون ملن ٿيون. ۾ اڄ تائين جيڪي شاعر، اديب ۾ لوڪ فنڪار پيدا ٿيا آهن تن جو ڪلام پنهنجي پنهنجي علائقي جو رنگ ۾ ڍنگ رکي ٿو. پر پٽائي اڪيلو شاعر آهي جنهن جي ڪلام ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گونجي ٿي، سنڌي ٻولي جا جملي لهجا ٻُرن ٿا ۾ اترادي، لاڙي، ٿري، ميربحر توڙي جابلو ماڻهو ڳالهائيندي، ڪلندي رئندي توڙي وڙهندي نظر اچن ٿا.

اهو ئي سبب آهي جو اترادي ماڻهو جڏهن ٿر ويڻ ٿا تہ انهيءَ دنيا کي بلڪل نرالو ڏسڻ جي باوجود مڪمل اوپرائپ جو شڪار نہ ٿا ٿين، ڇاڪاڻ تہ هنن پٽائي جو سر سارنگ، ڏهر ۾ مارئي پڙهي هوندي آهي. وري ٿر جا ماڻهو جڏهن منڇر ۾ سنڌوءَ جي ڪنارن تي پهچن ٿا يا سموند جي سامهون اچن ٿا تہ اها دنيا هنن لاءِ بلڪل نئين هئڻ جي باوجود اوپري ناهي ڇاڪاڻ تہ هنن سر سريراڳ، سر ساموندي ۾ ڪاموڏ پڙهيو آهي. ساڳي طرح جنهن ماڻهوءَ سسئي-پنهون جا پنج سر پڙهيا آهن، سر رامڪلي ۾ ڪاهوڙي جو ٿورو گهڻو مطالعو ڪيو آهي ان لاءِ سنڌ جا اولهہ وارا جبل ۾ اتي وسندڙ ڪائنات اوپري نظر نہ ايندي ۾ جنهن پٽائي جي رسالي کي چگيءَ طرح اٽلائي پٽلائي ڏٺو هوندو ان لاءِ بروهڪي، بلوچي، هندي، ڏاڪي، فارسي ۾ عربي ٻولي بلڪل اجنبي نہ هوندين.

سوپٽائي سنڌ جي سماجي زندگي جو حقيقي "يونائيٽيڊ فرنٽ" آهي پلي ته ٽري ماڻهو بئراج ايراضين ڏانهن ويندي چوندا هجن ته، "اسان سنڌ ڏانهن وڃون ٿا"، پلي ته جمال ابڙي جي ڪهاڻي "پيراٽيءَ" واري بروهڻ عورت جنهن جو تعلق بلوچستان سان آهي اها جذباتي گرمي سردي وچان سنڌ کي پاراتا ۽ دعائون ڏئي، پلي ته پاڻي تي رهندڙ ماڻهو خشڪيءَ تي رهڻ ڪري بيمار ٽيندا هجن ۽ ڪچي جا ماڻهو پڪي تي وڃن، لاڙ وڇولي ۽ سري جا پانڌيئڙا هنگلاج ۽ لاهوت جي راهه وٺن، سيني جو سونهون پٽائي ئي ثابت ٽيندو.

ان ڪري بنا ڪنهن هڪ جي چئي سگهجي ٿو ته سنڌ کي هڪ قوم بڻائڻ ۾ جيترو تاريخ، جاگرافي ۽ بولي جو حصو آهي اوترو پٽائي جو پڻ آهي. البت ثقافتي ۽ ادبي لحاظ کان ڏٺو وڃي ته پٽائي کانسواءِ سنڌ جو قومي اتحاد يا سنڌي قومي اتحاد هڪ بي معنيٰ حقيقت آهي ۽ ان ڪري ايئن ۾ چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي رابطي واري زبان پٽائي جي بولي آهي جيڪا سنڌ جي هر حصي ۾ سمجهي وڃي ٿي. ان سان گڏ پٽائي سنڌ جي تاريخ پڻ آهي. سنڌ تي ثقافتي تاريخ جي سلسلي ۾ موڪي-متارن جي قصي جو ذڪر سنڌ جي ڪنهن قديم تاريخ ۾ نه ٿو ملي پر رسالي ۾ 23 بيتن جي ذريعي اهو قصو عام ٿيو آهي. اهڙي طرح ٻيا ڪيترائي تاريخي حوالا ۽ جنگيون آهن جن جو ذڪر رڳو رسالي ۾ ملي ٿو.

هي ته ٿيو پٽائي جي شاعري جو تاريخي، ثقافتي ۽ ادبي پهلو. پر جيڪڏهن گهرو ويچار ڪري ڏسبو ته سياسي نظرئي جي بنياد تي پڻ پٽائي سنڌ جو گڏيل محاذ آهي، ڇاڪاڻ ته هن جي شاعريءَ ۾ قومي ۽ طبقاتي جدوجهد کي گڏ ڪري هلائڻ جا اهي سيئي اشارا ۽ اهجاڻ ملن ٿا جيڪي ٽي سو ورهيه گذرڻ کانپوءِ اڄ سنڌ جي انقلابي ۽ ترقي پسند سياسي حلقن جي پروگرام جو خاص موضوع آهن. مثال "ڪي ڏرتي ماءِ، ڪي جر سندي سڄڻين هلي ۽ واجهاءِ، ٻنهي جيرن وچ ۾". هتي "ڏرتي" ۽ "سڄڻ"، قومي حقن ۽ سماجي نظام جي

علامت آهن. سو اسلام کان وٹي مادیت واري نظرئي تائين پٹائي سنڌي عوام جي رهنمائي ڪري ٿو. ڪارل مارڪس 1818ع ۾ جائو هو ۽ پٹائي 1752ع ۾ وفات ڪري ويو هو. پوءِ به پٹائي لکيو هو ته، "سو نه ٻي ڪنهن شي ۾ جيڪي منجهه تراب" (متي) يا، "بکيءَ کل مَر اڇهي، ڏکيءَ ڏمر نانهه" ـ "ڏکيون جان نه مڙن، تان تان پنڌ نا ٽٹي" ـ واري هيءَ شاعراٹي ست ۽، "ورڪرس آف دي ورلڊ، يونائيٽ" واري مارڪس جي سياسي نعري ۾ ڪو فرق ناهي پر جيڪڏهن هرويرو فرق جاچڻ جي ڪوشش ڪبي ته وري به نٹر کان نظم واري ست وڌيڪ اثرائتي نظر ايندي. ۽ جيستائين مارڪس جي انهيءَ قول جو تعلق آهي جنهن ۾ هن چيو هو ته، "رليجن از اوپيم فار دي پيپل" (مذهب ماڻهن لاءِ آفيم آهي)، ته ان لاءِ به بنا ڪنهن هڪ جي چئي سگهجي ٿو ته اهو ملن جو مذهب ته ٹي سگهي ٿو پر جيڪڏهن پٹائي جي مذهبي فلسفي جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪبو ته صورتحال مختلف نظر ايندي. "جي بي شرڪ پائڻين پاڻ کي، ته عين شرڪ ايءَ، وڃائي وجود کي، پاڻان پاسي ٹيءُ ـ هڏهن ڪونهي هيءُ، هو پڻ ڪينهي هن ري". سو هن بحث جي روشنيءَ ۾ سوال اهو ٿو پيدا ٹئي ته پٹائيءَ ته سنڌي ماڻهن ۽ سنڌ لاءِ سپ ڪجهه ڪري ويو آهي، اسان پٹائيءَ لاءِ ڇا ڪيو آهي ۽ ڇا ڪري سگهون ٿا؟ هن سوال جي جواب معلوم ڪرڻ کان اڳ هڪ ڳالهه اسان کي سمجهي وڃڻ گهرجي ته پٹائيءَ کي اسان جي ايتري ضرورت ناهي جيتري اسان کي پٹائيءَ جي آهي. ان جو سبب اهو آهي ته پٹائي هر سنڌي ماڻهو کي ڪجهه نه ڪجهه ياد آهي ۽ هر ماڻهو هن جي بيتن کي هانو سان هنڌائي سگهي ٿو ۽ پنهنجي ڄاڻ آهر ان مان اتساهه وٹي ٿو. سوال اهو آهي ته اسان پٹائي جي فن ۽ فلسفي تي ڪيتري تحقيق ڪئي آهي، رسالي تي کوجنا ڪري ڪيترا ڪتاب ڇپرايا آهن، پٹائي جي شاعريءَ واري خزاني مان سنڌ جي ميساريل تاريخ جي بابن کي ڪيترو جياريو آهي ۽ پٹائي جي نگريءَ کي مذهبي آستان کان وڌيڪ ثقافتي

سرگرمين جي مرڪز ٺاهڻ جي سلسلي ۾ اسان سرڪاري توڙي نجي سطح تي اڄ تائين چا چا ڪري سگهيا آهيون. حقيقت اها آهي ته پٽائي جي فلسفي کي ڳولڻ ۽ ڦولهڻ پنهنجي قومي ۽ طبقاتي وجود کي سمجهڻ جي برابر آهي. پاڻ سڃاڻڻ آهي ۽ هن ڪائنات ۾ پنهنجي شناخت ڪرڻي آهي. ان ڏس ۾ اسان تڇ جيتروبه ڪم نه ڪيو آهي. وقت ايا نه ويو آهي. ايئن نه ٿئي ته اسان جو ايندڙ نسل ايئن چوي ته اسان جا وڏا اڻ پڙهيل ۽ جاهل هئا جيڪي پٽائي جهڙي علم جي ماهر کي اُمي چوندا هئا.

آچر 10 سيپٽمبر 1989ع
هلال پاڪستان

پٹائي کي اشتهارن جي نڏر نہ ڪيو ويجي

اڄ پٹائي صاحب جي ميلي جي وچين ڏمال آهي. پٽ تي ماڻهن جا هجوم هوندا. سج لٽي کان اڳ ۾ ملاکڙو ٽيندوءِ سج لٽي کانپوءِ تمر فقير جا پونير پنهنجا تنبورا تاڻي پٹائي صاحب جي مقبري جي اڳڻ ۾ ڏانهس منهن ڪري اچي وهندا ءِ پوءِ شام جي راڳ ڪلياڻ سان شروعات ٽيندي. رسالو بر زبان پڙهيو ويندو. هڪ سُر کانپوءِ پيو تہ ٻئي کانپوءِ ٽيون سُر پڙهيو ويندو. ماڻهن تي وجد واري ڪيفيت طاري ٿي ويندي ءِ ڪيترا اندر ۾ ٽڦڪندڙ روح اوچنگارون ڏئي ننڍڙن ٻارن وانگي ءِ ڏکايل ماين وانگي پار ڪيڙي روئندا ـ ءِ پوءِ جڏهن رات لڙي ويندي ءِ سهڻيءَ جي دعا گهري ويندي. بعد ۾ اوپر پاسي کان آسمان ۾ جڏهن اچاڻ ظاهر ٿيڻ لڳندي تڏهن سُر مارئي جي داستان جي پهرين بيت جي پهرين ست پڙهندا: "پرهہ ڦٽندي فال و ڏم ويڙهيچن لئہ".

پٽ تي ڪلهہ پاڪستان جي وزيراعظم محترمہ بينظير پٹو گلن جي چادر چاڙهڻ آئي هئي. اڄ سنڌ جو وڏو وزير سيد قائم علي شاهہ ادبي ڪانفرنس جو خاص مهمان هوندو ءِ سياڻي ميلي جي آخري ڏمال ڏينهن سنڌ جو گورنر مسٽر جسٽس رٽائرڊ فخرالدين جي ابراهيم ميلي ۾ شرڪت ڪندو. اهڙي طرح ميلي جي ٽنهي ڏينهن دوران پانت پانت جا ماڻهو پٹائي صاحب جي حاضري پرڻ ڪانپوءِ واپس پنهنجن ماڳن مڪانن تي موٽي ويندا.

سنڌ جي اها روايت آهي تہ هن موقعي تي اهڙي ڪا بہ حرڪت نہ ڪئي ويندي آهي جنهن سان پٽائي جي آدرشن کي ڇيهو رسي يا سنڌ جي مهان شاعر جي سدا حيات روح کي ڪو صدمو رسي. البت هن کان اڳ وارن ڪجهہ سالن دوران ۾ موجوده حڪومت کان اڳ واري دور ۾ ڪجهہ خوشامدي ڪامورن اهڙيون ڪجهہ حرڪتون ڪيون هيون جن سان پٽائي صاحب جي روح کي پڪ ئي پڪ تڪليف رسي هوندي. انهن حرڪتن ۾ هڪ تہ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو رسالو ڇپائي سنڌ جي هڪ فوجي گورنر کي منسوب ڪيو ويو هو ۽ ٻيو پٽائي جي درگاهہ تي سندس مشهور بيت کي ٽوڙي مروڙي لکيو ويو هو: "سائينءَ سدائين ڪرين مٽي سنڌ سُڪار....." هن بيت ۾ هڪ جاءِ تي پنجاب جو نالو پيوند ڪيو ويو هو. جنهن تي خاصي واويلا ٿي هئي پر فوجي حڪومت ڪنهن جي ڪا نہ ٻڌي هئي. نيٺ جڏهن موجود عوامي حڪومت اقتدار ۾ آئي تڏهن وڃي پٽائي صاحب جي ٽوڙيل مروڙيل بيت کي صحيح نموني ۾ لکيو ويو.

هن سال پڻ هڪ اهڙي حرڪت ٿي آهي جيڪا پٽائي صاحب جي نہ رڳو آدرشن جي خلاف آهي پر ان کي سنڌ جي مها ڪوي جي شان ۾ گستاخي پڻ ڪوئي سگهجي ٿو. ٿيو ڇاهي تہ ميلي جي پهرين ڏمال واري ڏينهن حيدرآباد مان نڪرندڙ سنڌ مسلم ليگ جي واحد ترجمان سنڌي اخبار ۾ آمريڪي ڪمپني يونين ٽئڪساس جو هڪ اشتهار ڇپيو آهي جنهن ۾ نہ رڳو پٽائي صاحب جي روضي جو فوٽو ڇاپيو ويو آهي پر اهو بہ لکيو ويو آهي تہ اها پرڏيهي ڪمپني شاهہ عبداللطيف پٽائي پاران سنڌ کي خوشحال ڏسڻ وارو جيڪو خواب ڏٺو هو ان جي تڪميل ڪري رهي آهي. اهو ساڳيو اشتهار اڳين سال بہ ڇپيو هو ۽ ان کان اڳ واري سال بہ نمودار ٿيو هو. ۽ ان خلاف انگريزي ٽوڙي سنڌي پريس ۾ واويلا بہ ٿي هئي پر ڪو داد فرياد ڪو نہ ٿيو هو. ۽ وري 1989ع سال واري ميلي جي موقعي تي اهو ساڳيو اشتهار ظاهر ٿيو آهي جنهن ۾ پٽائي صاحب

جي مقدس نالي کي اقتصادي جنس سمجھي نفعي ڪمائڻ يا پنھنجي پرڏيھي اثر رسوخ وڌائڻ واري مقصد ڪارڻ وڪرو ڪيو ويو آھي. اسان کي ان تي ڪو بہ اعتراض ڪونھي تہ ڪا ڏيھي يا پرڏيھي ڪمپني پنھنجو ھڪ يا گھڻا اشتھار ڇپائي مشھوري ڪري ٿي. اعتراض صرف ان ڳالھہ تي آھي تہ واپاري مقصدن ۾ جائز ناجائز نفعي خوريءَ واري ڪنھن اڻ سونھائيندڙ ڪاروباري ڏنڊي ۾ عورتن کي ذليل نہ ڪيو وڃي ۽ بزرگ ھستين کي واپاري اشتھارن جي نڏر نہ ڪيو وڃي. منھنجي خيال ۾ آمريڪي ڪمپني يونين ٽيڪساس جي مالڪن توڙي مقامي دلالن يا ايجنٽن کي اھا خبر نہ ھوندي تہ پٽائي ڏاڍو ڏنگو شاعر آھي. ھي اھو انقلابي ڏاھو ۽ فلسفي شاعر آھي جيڪو جيستائين جيئرو ھو تيستائين ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڈ ۾ پنھنجو ڪاروبار ڪري نہ سگھي ھئي. سنڈ ۾ انقلابي صوفي تحريڪ جي نتيجي ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني 1662ع ۾ پنھنجا سنڈ مان تڏا ويڙھيا ھئا ۽ وري پٽائي صاحب جي وفات کان ڇھہ سال پوءِ 1758ع ۾ وڃي ٻيھر واپار شروع ڪيو ھو. سو ان تاريخي پسمنظر جي روشنيءَ ۾ ڏٺو ويندو تہ محسوس ڪري سگھبو تہ پٽائي صاحب جو سدا حيات روح اڃوڪي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي بہ سنڈ ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو.

سنڈ سان اھو 1612ع کان وٺي ھاڃو ٿيندو اچي تہ ھتي ڪڏھن انجمن سوداگران ڊچ اچي واپاري قرلٽ ڪن ٿا تہ ڪڏھن انجمن سوداگران پورچوگيز اچي مال ميڙيو وڃن تہ ڪڏھن انجمن سوداگران انگريز اچي مھربان ٿين ۽ ڪڏھن انجمن پنجابي سوداگران اچي ٿا مٽان ڪڙڪن. ۽ ايڏا اھو ڏڪ ئي نہ ٿو پچائجي تہ انجمن سوداگران آمريڪا مٽان اچي ٿي ڪڙڪي. سو اھي ڪنن جا ڪڙڪا ايستائين تہ برداشت ڪري سگھجن ٿا جيستائين سھڻي نہ ٿي ٻڌي، پر جيڪڏھن اسان جو پٽائي، مارئي، سھڻي، سسئي، نوري يا مومل وغيرہ جھڙن ڪلاسيڪل ۽ مقدس ڪردارن کي ڪنھن

انجمن سوداگران جو بک ڪيو ويندو تہ دانهن ضرور ڪنداسون پوءِ پلي اسان جي ڏکوڪ ڪنهن جي ڪنن تائين نہ بہ پهچي. البت اسان اهو ضرور چونداسون تہ اوهان پلي سنڈ ڏرتي جي گوڏن مان چوسي تيل ڪڍو پر خدارا پٽائي صاحب کي معاف ڪيو.

"مون وس ڪرڻ واڪا، ڀڏڻ ڪم پروچ جو".

17 سيپٽمبر، 1989ع
هلال پاڪستان

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ ڪيل اعلان

هن سال پٽائي صاحب جي ميلي تي ڪجهه اهم اعلان ڪيا ويا جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ "سنڌي لٽنگويج اٿارٽي" قائم ڪرڻ، سنڌي ليکڪن جي پلائي لاءِ سنڌ ۾ "اڪيڊمي آف ليٽرس" جهڙي ڪنهن تنظيم جو قيام، پٽ شاهه تي اوپن ايئر ٿيئٽر تعمير ڪرڻ ۽ پٽائيءَ جي راڳ واري اداري کي (جيڪو 260 سال پراڻو آهي) محفوظ ڪرڻ وڌي اهميت رکن ٿا. ان سان گڏ ٻيا به ڪيترائي اعلان ڪيا ويا جن جا تفصيل اخبارن ۾ ڇپجي چڪا آهن.

ان سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم "سنڌي لٽنگويج اٿارٽي" ۽ سنڌي ليکڪن لاءِ "اڪيڊمي آف ليٽرس" واري تجويز هئي جيڪا سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ادبي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي پيش ڪئي. ملڪ جي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو پاران مالي امداد وارو اعلان به خاصو اهم هو ۽ مجموعي طور تي پٽ شاهه کي صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جي علمي ادبي ۽ ثقافتي سرگرميءَ جو مرڪز بنائڻ تي ٻڌ ويچاريو ويو. جيستائين سنڌي لٽنگويج اٿارٽي قائم ڪرڻ جو سوال آهي، سا ته اها پراڻي ڳالهه آهي جنهن جو اعلان هن سال جي مهڑ ۽ نئين سال جي بجيٽ پيش ڪندي سنڌ جي ناڻي واري وزير ڊاڪٽر محمد اسماعيل اُڊيجي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪيو هو البت اڃا تائين ان تي عمل نه ٿيو آهي، خبر ناهي ڇو؟ - باقي جيستائين سنڌي ليکڪن جي "اڪيڊمي آف ليٽرس" جو تعلق آهي ته ان لاءِ ڪيترائي سوال ذهن ۾ اچن ٿا. مثال طور ڇا هي تنظيم

انهيءَ اڪيڈمي آف ليٽرس جهڙي ناهي ويندي جيڪا فوجي آمر جنرل ضياءَ ناهي هئي؟ ڇا سنڌي ليکڪن جي پلائيءَ لاءِ ٺهندڙ ادبي تنظيم جو نالو اهو ئي هوندو جيڪو جنرل ضياءَ تجويز ڪيو هو؟ ـ ڇا هن تنظيم جو مقصد به اهو ئي هوندو جيڪو هن وقت تائين هلندڙ "اڪيڈمي آف ليٽرس" جو آهي ۽ ان ۾ غير سنڌي اديب به هوندا. وغيره وغيره..... هن سلسلي ۾ چند ڳالهيون به خود وڏي وزير پاڻ صاف ڪري چڏيون هيون. مثال طور پنهنجي اعلان ۾ هن چيو هو ته ضروري ناهي ته هن تنظيم جو نالو "اڪيڈمي آف ليٽرس" هجي ۽ ٻيو ته هيءَ تنظيم سنڌي ليکڪن لاءِ هوندي. هنن ٻن نقطن کي سنڌ سرڪار جي واسطيدار عملدارن ضرور نوٽ ڪيو هوندو پر هن ڏس ۾ هڪ ٻيو نقطو ڏاڍو اهم آهي. اهو هي آهي ته جيڪڏهن ان تنظيم جو نالو "اڪيڈمي آف ليٽرس" نه هوندو ۽ اها جماعت سنڌي اديبن جي هوندي ته پوءِ سنڌي ادبي سنگت ۽ انهيءَ تنظيم ۾ ڪهڙو فرق هوندو؟ يا ڪٽي ايئن چئجي ته سنڌي ٻولي، ادب ۽ سنڌي اديبن جي پلائي لاءِ ٺهندڙ تنظيم جنهن جو سنڌ جي وڏي وزير پٽ شاهه ۾ اعلان ڪيو آهي اها پنهنجي عمل دوران سنڌي ادبي سنگت سنڌ کان ڪهڙي طرح مختلف هوندي؟ ڇا اها نئين ٺهندڙ تنظيم پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ قائم ڪيل اٽڪل 44 سال پراڻي جماعت سنڌي ادبي سنگت سنڌ کان وڌيڪ بهتر طريقي سان سنڌي ٻولي، ادب ۽ سنڌي اديبن جي خدمت ڪري سگهندي؟ يا هڪ ٻيو سوال اهو آهي ته ڇا نئين ٺهندڙ تنظيم ادبي گهٽ ۽ سياسي وڌيڪ هوندي يا وري موجوده تنظيم سنڌي ادبي سنگت ادبي گهٽ ۽ سياسي وڌيڪ آهي؟ انهن سوالن تي سنڌ جي ليکڪن، اديبن ۽ دانشورن توڙي ادب دوست حلقن کي ايتري ئي گهرائيءَ سان سوچڻو پوندو جيترو سنڌ سرڪار جي انهن عملدارن کي جيڪي، وڏي وزير پاران تجويز ڪيل ادبي تنظيم کي آخري انتظامي ڏانچو ڏيندا. هن سلسلي ۾ سنڌ سرڪار کي خاص ڪري اهو فيصلو سوچي سمجهي ڪرڻو پوندو ته تجويز

ڪيل تنظيم جي ٺاھڻ جو ڪم ڪجڻي کاتي جي حوالي ڪرڻو آھي يا ان لاءِ سنڌي اديبن جي ڪا ڪميٽي ٺاھي ويندي جيڪا اھو ڪم سرانجام ڏيندي؟ ۽ ان ڪميٽي ۾ مارشل لا ئي اديب ھوندا يا جمھوريت جا شيدائي؟ ھن بحث مان اھو سمجھڻ نہ گھرجي تہ منھنجي ذاتي راءِ مطابق سنڌي اديبن جي نمائيندہ تنظيم سنڌي ادبي سنگت اڳ ۾ ئي موجود آھي جيڪا سنڌ ۾ پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي ادبي تنظيم آھي ۽ جنھن جون ھڪ سؤ کان وڌيڪ شاخون ھن وقت بہ ڪم ڪري رھيون آھن ۽ جيڪا جديد، روشن خيال ۽ ترقي پسند ادب پيدا ڪرڻ جي سلسلي ۾ ھڪ وڏي ڪارخاني جي حيثيت رکي ٿي.

دراصل ھن بحث ڇيڙڻ مان منھنجو مقصد اھو آھي تہ ڇا ايئن ٿي نہ ٿو سگھي تہ بينظير پٽو ۽ سيد قائم علي شاھہ جي حڪومت ۾ سنڌي ادبي سنگت، سنڌ وٽ جھجھا مالي وسيلا جمع ٿي وڃن جن مان پانت پانت جا ڪتاب ڇپرايا وڃن، غريب ۽ مسڪين اديبن جا علاج ڪرايا وڃن، بي گھر اديبن کي اجھو فراھم ڪيو وڃي ۽ سنڌي ٻولي، ادب ۽ تاريخ تي تحقيق ڪرڻ لاءِ سنڌي محققن ۽ دانشورن کي پرڏيھہ موڪلي سگھجي وغيرہ وغيرہ. ان تي پٽ سنڌ جي اديبن توڙي سرڪار کي سنجيدگيءَ سان سوچڻو پوندو۔ ياد رھي تہ جنرل ضياءَ جي ڏينھن ۾ رجعت پسند تنظيم "فڪر و نظر" جي اڪائونٽ ۾ 5 ڪروڙ رپيا جمع ٿي ويا ھئا.

پر ان کان اڳ جو وڏي وزير پاران تجويز ڪيل تنظيم جڙي راس ٿئي يا نئين ادبي جماعت وارو ڪم پراڻي تجربيڪار ادبي جماعت کان ورتو وڃي سنڌ جي اديبن توڙي سرڪار کي گھرجي تہ ھو قوم جي ھڪ اپاھج ۽ بي گھر اديب بدر قريشي لاءِ ڪجھہ ڪن جيڪو گڏريل ويھن سالن کان ھڪ بستري تي بيمار پيو آھي ۽ جنھن جو وڏي اثر رسوخ وارو مالڪ مڪان ھن کي مسواڙي گھر مان ڪڍي ڪراچي جي ڪنھن سنسان گھٽيءَ ۾ اچلائڻ گھري ٿو. بدر

قريشي اپاهج هئڻ جي باوجود اڄ به پنهنجي پوري تخليقي سگهه سان جيئرو آهي ۽ زنده ادب لکي رهيو آهي.

رهيا اٿئي رات، صبح ويندءِ صابري
لنوَ لنوَ منجهه لطيف چئي، ڪر تنهين جي تات
جوڳين سندي ذات، ٻئي پيري پاڳ مڙي.

24 سيپٽمبر، 1989ع
هلال پاڪستان

پهرين آڪٽوبر وارو سانحو

اڄ پهرين آڪٽوبر جو ڏينهن آهي. پورو هڪ سال اڳ اڄوڪي ڏينهن تي پرهه ڦٽيءَ کان وٺي صبح جو ڏهين وڳي تائين سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچي ۾ ڳولهي ڳولهي سنڌين کي خودڪار هٿيارن جا برسٽ هڻي قتل ڪيو ويو هو. ان ڏينهن پاڪستان تي آمر جي ڇڏيل نگران حڪومت هئي ۽ سنڌ جو حڪمران اختر علي قاضي هو. غير سرڪاري اندازي مطابق هڪ سؤ کان وڌيڪ سنڌين جو قتل عام ٿيو هو. ۽ ان تعداد کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا هئا جن مان اڪثر اپاهج ٿي چڪا آهن. اهي ماڻهو جيڪي ان ڏينهن ماريا ويا هئا يا جيڪي ڦٽيا هئا سي ڪراچي جي جن علاقن ۾ رهندا هئا، اتان هنن جون پاڙون پٽجي ويون هيون. هن وقت ڪراچيءَ جا اهي علائقا گهٽو ڪري سنڌين کان پاڪ ڪيا ويا آهن. شاهه فيصل ڪالوني ان سلسلي ۾ هڪ مثال آهي.

جنهن ماڻهوءَ کي، ڏيهي ۽ پرڏيهي اخبارون ڪراچيءَ جو فرشتو ڪوٺيندیون آهن، ان جي ٽرسٽ وارين ايمبولينس گاڏين سنڌين جا لاش کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ان ڏينهن کان وٺي اڄ تائين هن واقعي بابت ملڪ جي نام نهاد قومي اخبارن هن سانحي جي ذڪر ڪرڻ کان پئي لنوايو آهي. انهن اخبارن جي عامل صحافين ۽ قابل ايڊيٽرن جو خيال آهي تہ پهرين آڪٽوبر وارو واقعو حيدرآباد جي 30 سيپٽمبر 1988ع واري واقعي جو "فطري ردعمل" هو ۽ جيڪي ماڻهو لساني، نسلي يا مذهبي فسادن ۾ ماريا ويندا آهن انهن کي ياد ڪرڻ ضروري ناهي هوندو ڇاڪاڻ تہ انهن سان نفرت

وڌندي آهي ۽ فسادن جي فضا وڌيڪ هموار ٿيندي آهي. ۽ ان کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته فسادن ۾ مري ويل ماڻهو شهيد نه هوندا آهن.

پر حقيقت اها آهي ته پهرين آڪٽوبر 1988ع تي ڪراچيءَ ۾ جيڪي سنڌي ماڻهو ماريا ويا هئا اهي فسادي ڪونه هئا. ڪنهن لساني يا نسلي جهيڙي خاطر گهران هٿيار ڪٽي ٻاهر ڪونه نڪتا هئا. هو ته ايڏو پر امن هئا جيڏو نند پيل ڪو ماڻهو تي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته هو ڏيکيءَ مهل پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ منيءَ نند ۾ ستا پيا هئا ۽ هنن جو دروازو ڪڙڪيو هو. هنن نندا ڪڙين اکين کي مهٽيندي دروازو کوليو هو ۽ وري نند پڄي ويا هئا.

نه ڪنهن ماريا جنگ ۾، نه ڪنهن سُور ٻَري،
رڙان ڪيئن ڪري، مادر ملاحن کي.

اسان جون مختلف سياسي پارٽيون پهرين آڪٽوبر واري ڪوس تي ڪهڙو رايو قائم ڪري ويٺيون آهن، اسان جون سياسي مصلحتون ۽ انهن جي تقاضا پلي ڪهڙي به هجي، پلي ته اهو واقعو اسان مان ڪن ماڻهن جي غلطي ڪري ٿيو هجي يا ڪنهن خاص ڏر جي ڪمانڊوز پاران هڪ ڏينهن اڳ حيدرآباد ۾ ڪيل قتل عام جي ڪري هي حادثو ٿيو هجي، پلي ته اسان هن واقعي تي ان ڪري به خاموش رهڻ پسند ڪريون ته متان زبان کولڻ سان اسان جي ڪيل ڪنهن ناهه تي برو اثر نه پوي يا ڪنهن خاص سياسي ڏڙي کي فائدو نه حاصل ٿئي ۽ ايئن به ٿي سگهي ٿو ته هن حادثي بابت اسان جيڪو سوچون ٿا اهو صحيح نه هجي پر ياد رکڻ گهرجي ته، هڪ ته ان سموري صورتحال لاءِ اهي ماڻهو بلڪل جوابدار ڪونه هئا جن کي پهرين آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ ڪُٽو ويو هو ۽ ٻيو ته، هي ڏينهن سنڌ جي تاريخ ۾ 4 مارچ 1967ع واري ڏينهن (ون يونٽ خلاف سنڌي

شاگردن جي تحريڪ) جيان هميشہ ياد ڪيو ويندو. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙا ڏينهن بيشمار آهن. انهن مان ڪي تاريخون ۽ قتل عام، خون ۽ ڏاڙا اسان کان وسري ويا آهن ۽ ڪي ياد آهن، پر تاريخ جو حافظو جڏو ناهي. وقت ڪنهن جي سياسي مصلحت کي ڏسي نہ ايندو آهي. تاريخ ۽ وقت جو ڦيٽو اڇتي ئي ڦرندو رهندو آهي. وقت کي پوئتي ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪندڙن جو حشر تازو مري ويل فلپائن جي آمر مارڪوس جهڙو ٿيندو آهي جنهن کي دفن ٿيڻ لاءِ پنهنجي ڌرتي اجازت نہ ڏيندي آهي.

البت تاريخ جي رڪارڊ کي درست ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڪراچيءَ جي پهرين آڪٽوبر واري ڪوس ۽ حيدرآباد ۾ 30 سيپٽمبر تي ٿيل خونن جي "سياسي تحقيقات" ٿيڻ گهرجي ۽ ان حقيقت جو جائزو وٺڻ گهرجي تہ حيدرآباد واري واقعي سنڌين کي فائدو رسايو يا ڏڇي ۾ وڌو ڪراچي جو واقعو حيدرآباد واري واقعي جو "فطري ردعمل" هو يا حيدرآباد وارو واقعو حيدرآباد ۾ هڪ ڏڳهي عرصي تائين لڳاتار سنڌين تي ٿيندڙ حملن جو "فطري ردعمل" هو. ڇا سنڌي ماڻهن ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ ٿيل خوني واقعن جهڙا عمل مددگار ٿي سگهن ٿا يا ان لاءِ ڪنهن مختلف حڪمت عملي جوڑڻ جي ضرورت آهي ۽ اهڙي طرح حيدرآباد ۽ ڪراچي کي ٻيهر سنڌي شهر بنائڻ کهڙي طرح ممڪن آهي، سنڌ جو آئيندو ۽ سنڌي ماڻهو جو مستقبل ڪيئن سنواري سگهجي ٿو هتي پارليماني جمهوريت سنڌين کي ڇا ڏيئي سگهي ٿي ۽ "منهنجو ڪجاڙو پينر هن پنيور ۾" واريءَ پٽائيءَ جي علامت سنڌ لاءِ ڪيئن ثابت ٿيندي. اهي سيئي سوال اهڙا آهن جيڪي مختلف سياسي جماعتن جا خاص پروگرام بہ آهن تہ سنڌي دانشورن لاءِ خاص سوچڻ جون ڳالهيون بہ آهن ۽ عام سنڌي ماڻهو بہ انهن سوالن تي سوچي رهيا آهن. انهن سڀني ڳالهين جو ڪو توڙ ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ان سان ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ جي مختلف سياسي

ڏرين ۾ ڪنهن اتفاق جو امڪان نڪري اچي ۽ سنڌ جو قومي اتحاد هڪ مضبوط قوت طور اپري اچي جنهن ۾ سنڌ جون سڀ سياسي پارٽيون شامل هجن. ظاهر ۾ ته اهو هڪ خواب نظر ٿو اچي پر خوابن کي حقيقت جو روپ ڏيڻ ۽ ناممڪن کي ممڪن ڪرڻ ۾ عوام جو ئي ڪم هوندو آهي. ۽ سياست کي انهيءَ مرض جو علاج چيو ويجي ٿو. البت سياست جيڪڏهن ان مرض جو علاج ناهي ته پوءِ ڪجهه ناهي.

پهرين آڪٽوبر 1989ع
هلال پاڪستان

سنڌ جي تاريخي آثارن کي ڪير بچائيندو؟

سنڌ جي سياست وارو "موهن جو دڙو" بظاهر مضبوط هٿن ۾ آهي. بينظير پٽو جي ايم سيد، رسول بخش پليجو ۽ جام ساقي، ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ امداد چانڊيو ممتاز پٽو ۽ ٻين جا لکين پوئلڳ سنڌي ماڻهو کي ڪمزور هٿ ناهن. اها ٻي ڳالهه آهي جو ڪنهن اڻ پلئي، چلولي ۽ سڪيلڊي ٻار وانگي انهن مان ڪوهڪ يا سيئي کا ٻاراڻي حرڪت ڪري پنهنجي ماءُ کي ڏکوئي وجهن ۽ سنڌ ڏرتي جي هانوَ ۾ ڪا بڙچي ٽنبي ڇڏين. اهو هڪ وڏو سياسي الميو ٿيندو. پر بهرحال عام طرح جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ سنڌ جي سياسي "موهن جي دڙي" کي ڪو فوري طور تي وڏو ۽ هيبتناڪ خطرو درپيش ڪونهي.

البت سنڌ جي تاريخ وارو اصلي موهن جو دڙو تيزي سان تباهه ٿي رهيو آهي ۽ لڳي ٿو تہ ان جو ڪو والي وارث موجود ناهي. سنڌ جي تهذيبي ۽ ثقافتي تاريخ وارو موهن جو دڙو ڪو هڪ شهر ناهي جنهن جا پراٽا کنڊر سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ نظر اچن ٿا جن کي گذريل جولاءِ وارين قيامت خيز برساتين ڈونڊاڙي ڇڏيو آهي. سنڌ جي تاريخ وارو موهن جو دڙو هونئن تہ همالیا جبل کان وٺي هندي وڏي سمنڊ يا (جنهن کي تاريخ جي ڪن ڪتابن ۾ "سنڌي سمنڊ" ڪوٺيو ويو آهي) تائين ڦهليل آهن. پر موجوده سنڌ جي سياسي نقشي مطابق (ڏڇي چوان ٿو تہ) کي هڪ هزار ڪن ماڳ مڪان ۽ پراٽا آثار ان دائري ۾ اچي وڃن ٿا. جيڪي

اپاوڙي کان وٺي ننگر پارکر واري شهر تائين چپي چپي تي موجود آهن.

سنڌ جي انهن تاريخي آثارن کي کير بچائيندو؟ سنڌ جي تهذيبي ۽ ثقافتي موهن جي ڏڙي جو آهي کو والي وارث؟ ڇا سنڌ جي ماضيءَ واري تاريخ کي قديم آثارن واري وفاقي کاتي ڇا اهي آفيسر محفوظ ڪندا جن جي سوچ مطابق موهن جي ڏڙي جو صحيح نالو "ڊيرا غازي خان" وانگي "مئن جو ڊيرو" آهي ۽ جيڪي روسي ليکڪ حمزاتوف رسول جي ان قول سان بنيادي ۽ مذهبي اختلاف رکن ٿا جنهن ۾ هن چيو آهي ته "جيڪڏهن اوهان ماضيءَ کي پستول مان گولي هڻندؤ ته مستقبل اوهان تي توبن جا گولا وسائيندو"؟ ڇا ايڇا بہ سنڌي پنهنجن تاريخي ماڳن مڪانن ۽ ثقافتي مرڪزن کي ان انڊي آسري تي ڇڏي ڏيندا ته جيئن گذريل 42 سالن ۾ انهن جي حفاظت ڪئي وئي آهي، اهڙي طرح اهي ايندڙ 42 سالن کانپوءِ بہ زمين تي موجود هوندا ۽ اگهاڙي اک سان انهن کي ڏسي سگهبو؟ ڇا حيدرآباد ۾ ميرن واري قلعي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ اسان ڪجهہ ڪيو آهي؟ سنڌ ۾ صرف هڪڙي سياسي پارٽي کانسواءِ ڪنهن ٻيءَ پارٽيءَ اهڙو بيان جاري ڪيو آهي ته "حيدرآباد واري قلعي کي خالي ڪري قديم آثارن واري کاتي جي حوالي ڪيو ويجي"؟ ۽ ڇا بدر ابڙي کانسواءِ ڪنهن ٻئي سنڌي ليکڪ ۽ صحافيءَ ان موضوع تي قلم کنيو آهي، ڇا ان مسئلي تي ڪڏهن کو مظاهرو ڪا بک هڙتال، کو احتجاج يا مهم هلي آهي؟؟

آخرڪار ايئن ڇو ٿي رهيو آهي ته ضياءَ جي ڏينهن ۾ پنجاب جي گورنر جنرل جيلاني وفاقي کابينا ۾ آواز اٽاري پنجاب جا پراڻا آثار وفاقي کاتي کان ڇڏائي صوبائي حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏيا ۽ اتي هڪ خودمختيار صوبائي آرڪيالاجي جو کاتو کوليو ويو پر بينظير ٻيٽو جي حڪومت ۾ اسان جا چونڊيل نمائندا اهو ڪم ڪري نہ سگهيا آهن. پلا جيڪڏهن ضياءَ جي ڏينهن ۾ سنڌ

ثقافت کاتي جي سيڪريٽريءَ انهن مسئلن تي دلچسپي نہ ڏيکاري ۽ التو پٽائي جو رسالو هڪ فوجي جنرل کي ارپي ڇڏيو تہ هاڻي تہ اهو صاحب ساڳي مسند تي تہ ڪونهي، (البت ساڳي گريڊ ۾ سندّ حڪومت جو ڪارندو ضرور آهي)، تہ پوءِ ڇا هاڻي بہ اهو ڪم اسان ڪري نہ ٿا سگهون، جيڪڏهن انهيءَ سوال جو جواب نفيءَ ۾ آهي تہ پوءِ اچو تہ وڌيڪ وقت ويڃائڻ کانسواءِ ان مسئلي جو هڪ ٻيو حل ڳولي ڪيون.

ان سلسلي ۾ هڪ راءِ اها آهي تہ سندّ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ۽ خاص ڪري اتي جتي قديم آثار آهن يا ثقافتي ماڳ مڪان موجود آهن اتي غير سرڪاري سوسائٽيون قائم ڪجن ۽ انهن کي ڪو آپريٽو سوسائيٽيز ايڪٽ هيٺ رجسٽر ڪرائي سڄي سندّ ۾ جهولي ڪٽي پنجي ۽ سرڪار کي بہ امداد لاءِ سيئن هٽجي ۽ اهڙا ماڻهو چونڊي چونڊي ان ڪم سان لڳايا وڃن جن کي سندّ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ سان عشق هجي. ايئن ڪرڻ سان هڪ تہ خودبخود، سواءِ ڪنهن وڏي بجيٽ خرچ ڪرڻ جي خبر پئجي ويندي تہ سندّ ۾ جملي پراڻا آثار ۽ ثقافتي ماڳ ڪيترا ۽ ڪٽي آهن. اهڙي طرح سروي مڪمل ڪري انهن ماڳن ۽ مڪانن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ رضاڪارانہ طور يا پگهار تي چوڪيدار رکيا وڃن جيڪي انهن آثارن کي هٿرادو نقصان پهچائڻ وارين ڪارروائين کان روڪي سگهن. ۽ پوءِ قومي توڙي بين الاقوامي سطح تي "هاءِ گهوڙا" ڪري فنڊ جمع ڪيا وڃن ۽ انهن تاريخي ۽ ثقافتي اهميت جي جاين ۽ آثارن کي تباهہ ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ جتن ڪيا وڃن. اهو ڪم نجي شعبي ۾ ڏاڍو سولائيءَ سان ڪري سگهجي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ جيڪڏهن حڪومت هٿ وٺائيندي تہ ڪم ۾ ايڏا بہ تيزي اچي سگهي ٿي.

ٻيو تہ هي ڪم ڪو انوکو ڪونہ هوندو ۽ نہ وري ڪنهن بہ لحاظ کان اعتراض جوڳو هوندو. اهڙو مثال "موڪي-متارا ثقافتي

سوسائٽي" قائم ڪيو آهي جيڪا ڪراچي جي اتر-اوڀر ۾ گڏاپ لڳ ڪجهه نوجوانن گڏجي سڏجي شروع ڪئي آهي. سسئي جو باغ، سسئي جي مزار، مومل جي ماڙي، مارئي جو کوهه، نوري جي آخري آرامگاهه، سهڻي جو مقبرو، موکي ۽ متارن جون قبرون، جهوڪ واري هاري تحريڪ جي شهيدن جو قبرستان، راجا ڏاهر جو جوڙايل ديبل بندر، اروڙ ڪاهو جو دڙو، جهوڪر جو دڙو، وڃڻوٺ وارو دڙو، موهن جو دڙو، ڪوٽڏيجي، رني ڪوٽ، آمري ۽ ٻيا سوين تاريخي ماڳ مڪان ۽ ثقافتي مرڪز ان طرح عوامي سهڪار وسيلي بچائي سگهجن ٿا. اهو ڪم ان ڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته اسان جي چونڊيل سياسي حڪومت توڙي اسان جا اڻ چونڊيل سياسي ليڊر پنهنجي پنهنجي سياست ۾ رات ڏينهن مصروف آهن ۽ هنن وٽ اهڙن "غير اهم" معاملن لاءِ فالتو وقت ڪونهي. ان ڪري ضروري آهي ته "مستقبل جي توبن جي گولن" کان جيڪي ماڻهو پاڻ کي بچائڻ گهرن اهي اڄ کان وٺي اها اڻ تڻ ڪن ڇاڪاڻ ته "وقت ۽ وير ڪنهن لاءِ نه ترسندا آهن."

سي مر ٻڌن سندران، وندر جي وڃن،
ٻيون ڪوهه ٻڌن، ڇوڙي جي ڇڏينديون.

ڀٽائي

آچر 8 آڪٽوبر 1989ع
هلال پاڪستان

ماري! مرين شال

سنڌ جي دشمن، سنڌين جي گهر ۾ جهيڙو وجهي ڇڏيو آهي ته جيئن پاڻ ۾ وڙهي وڙهي ڏانگها ٽين ته پوءِ هڪڙو ئي وارُ ڪري سيني کي پورو ڪري ڇڏجي.

هن کان اڳ سڄا سارا 12 سال، دشمن، سڌو سنئون وڙهندو رهيو پر پوءِ هن وڙهڻ جو نمونو ڦيرائي ڇڏيو. ان جو هڪ سبب اهو به هو ته سڌي ويڙهه ۾ ٽورو يا گهٽو ڪيس به نقصان پئي رسيو. ان ڪري هن سوچيو ته هاڻي ڪنهن اڪل سنڪل سان سنڌين کي ڪو ناهوکو سبق سيکاريو وڃي. اهڙي طرح، شروع ۾ هن هڪ اهڙو ممڻ مچايو جنهن ۾ سنڌ جي سرزمين تي ڌارين کي پاڻ ۾ ويڙهائي وڌائين ۽ پاڻ تماشو ڏسندو رهيو. ان تماشي ۾ سڀ کان وڌيڪ رحم جوڳي حالت سنڌي ماڻهوءَ جي هئي، جيڪو حيرت وچان پنهنجي ڌرتيءَ تي، سنڌ جي ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ ڌارين کي وڙهندي ڏسندو رهيو ۽ پاڻ ڪجهه ڪري نه سگهيو.

۽ پوءِ اوچتو جهيڙي جو رخ سنڌين ڏانهن ڦيرايو ويو. سنڌي ويچارا جهيڙاڪر اصل کي نه هڻا. هو ته پنهنجي سرزمين تي ٻين جي وچ ۾ جنگ جا پري کان ٽڪاءَ ٻڌي رهيا هئا. ۽ هنن کي اهو به اندازو کو نه هو ته ٻيا جيڪي پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن اهي وڙهڻ دوران ضروري سکيا به وٺي رهيا آهن ته ڪيئن وڙهبو آهي. سو جڏهن انهن ڪاريگر ويڙهاکو ويرين جا وار سنڌين تي ٽيڻ لڳا تڏهن سنڌين پهرين جنگ هارائي. پر ايڏا سنڌ جي وڏن شهرن تي سياسي قبضو سندن وٽ ئي هيو. پر جلد پوءِ کين ان ڳالهه جو به احساس ٽيڻ لڳو ته

بند مورچي ۾ جنگ هارائڻ کانپوءِ پنهنجي حڪومت جي وسيع علائقي تي وڌيڪ قبضو ڄمائڻ ممڪن ڪو نہ رهيو هو.

اها تہ هئي سنڌين جي ڌارين سان جنگ، جنهن لاءِ سوچيو پئي ويو تہ، "ڪچين وڏا پلاند-جيئڻ ٿورا ڏينهڙا". اڄ نہ تہ سڀاڻي، هارايل جنگ کي فتح ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ اهو ممڪن بہ آهي ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ جنگين جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن.

پر خبر تڏهن پئي جڏهن جنگ اوچتو سنڌين جي گهر اندر داخل ٿي وئي. گهر ۾ ٽاڪوڙو مچي ويو ۽ سنڌي سنڌين سان اٽڪي پيا. ان صورت ۾ گهر کان ٻاهر بيٺل دشمن سان وڙهڻ تہ ويتر مشڪل ٿي ويو. الٽو ٻئي ڌريون امداد لاءِ ان ڏانهن نهارڻ لڳيون.

هن وقت صورتحال اها آهي تہ گهر ۾ جهيڙو جاري آهي ۽ گهر جي ٻُنڀي تي بيٺل دشمن گدگد ٿي رهيو آهي ۽ ان تياريءَ ۾ آهي تہ گهر اندر جهيڙي ۾ ملوث ماڻهو وڙهي ٿڪجي پون ۽ پنهنجا سڀ ڪارتوس خالي ڪن تہ پوءِ هڪڙو ئي وار ڪري سڀني کي پورو ڪري ڇڏجي.

هوڏانهن سنڌين جي گهر ۾ پيل جهيڙي جا انتهاپسند ڪردار هڪٻئي تي اهي الزام هڻي رهيا آهن تہ اهي گهر کان ٻاهر بيٺل دشمن جا ايجنٽ آهن ۽ اهڙي طرح هڪٻئي جا ڄنڊا ٻٽي رهيا آهن ۽ انهيءَ ڄنڊاپٽ مان ڪلاشنڪوف جي برسٽن جهڙا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن. گهرو جهيرو ڪجهہ اهڙي صورت اختيار ڪري ويو آهي جو ان کي ٽارڻ لاءِ ڪو چڱو مڙس بہ نٿو ملي ڇاڪاڻ تہ جهيڙو ئي چڱن مڙسن کان شروع ٿيو آهي.

البت گهر جا ڪي اهم/غير اهم ڀاتي جهيڙي ۾ شريڪ ٿيڻ کان لنوائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ سوچي رهيا آهن تہ جوانن جو جوش ڍرو ٿئي ۽ پوڙهن جو هٺ ماٺو ٿئي تہ هنن کي پاڻ ۾ ٺاهي ڇڏجي، ڪو سرچاءُ ڪرائي ڇڏجي. پر انهن ويچارن غير

جانبدار گهر وارن جي حالت تِئائين بدتر آهي. هڪ تہ جهيڙا ڪر ڌريون ڪوشش ۾ آهن تہ هو بہ ڪا ڌر وٺي وڙهڻ لڳن تہ جيئن پورو گهر تاراج ٿئي ۽ اهڙي طرح انهن کي وچ وارن، پر امن ۽ سنڌين کي پاڻ ۾ وڙهڻ کان روڪيندڙ ڪردارن کي غير جانبدار ٺڳ چئي طعنا هڻي رهيا آهن. ۽ جيئن هر جهيڙي ۾ ٿيندو آهي، تہ ڇڏائيندڙ بہ مار کائيندا آهن، سو بلڪل اهڙي طرح، سنڌين کي سنڌين سان وڙهڻ کان روڪڻ وارن ماڻهن کي ڌڪ بہ هنيا ٿا وڃن ۽ کين بيوقوف بہ سڏيو ٿو وڃي.

هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ ويڙهہ ۾ ملوث انهن عقلمندن جو حشر ڪهڙو ٿئي ٿو. في الحال تہ جوش ۽ رت جي گرميءَ ۾ هڪ ئي گهر ۾ رهندڙ ۽ پاڻ ۾ وڙهندڙ ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي ڪامرانيءَ جا خواب ڏسي رهيون آهن ۽ جيئي جيئي جا نعرا هڻي رهيون آهن جڏهن تہ سندن گهرن کان ٻاهر بيٺل ٻنهي ڌرين جو دشمن هڪڙوئي نعرو هڻي رهيو آهي، "سنڌ مرده باد"۔

ماري مرين شالَ — ڏِٻ وِڃنئي ڏَٻيون،
جيئن تو اچي ڪالهہ، وڌو وچُ ورهَنِ کي.

ڀٽائي

آچر 22 آڪٽوبر 1989ع
هلال پاڪستان

هارين کي مليل قرض جي سهولت

پروفيسر ماڻڪ پٽاوالا سنڌ جي طبعي ۽ اقتصادي جاگرافيءَ تي انگريزي ۾ جيڪو ڪتاب لکيو آهي ان ۾ سنڌي ماڻهن کي "Soft People of Soft Soil" ڪوٺيو آهي ۽ سنڌ کي "Gift of Indus" قرار ڏنو آهي جنهن کي سولي سنڌي ۾ ايئن چئبو ته سنڌ، سنڌوءَ جي ڏنل هڪ سوکڙي آهي ۽ سنڌي ماڻهو نرم مٽي واري ڌرتيءَ تي رهندڙ نرم مزاج وارا ماڻهو آهن. پنهنجي زندگي جو وڏو حصو سنڌ جي زميني علم ۽ جاگرافي تي تحقيق لاءِ اربيندڙ هن جڳ مشهور ليڪڪ ان حقيقت کي به محسوس ڪيو آهي ته سنڌ صدين کان وٺي جابلو ۽ ساموندي علائقن کان ايندڙ ڌارين جي يلغارن جو نشانو پئي ٻڌي آهي. هن وڌيڪ لکيو آهي ته سنڌ جي زمين ايڏي ته زرخيز ۽ اُپائيندڙ آهي جو جيڪي ڌاريا هن ڌرتي تي حملا ڪرڻ جي نيت سان يا قرلت ڪرڻ جي ارادي سان هت آيا، اهي پڙ هتي رهي پيا ۽ هتي جي زمين کيڙي هاري ٿي ويا. بهرحال جن ماڻهن کي ڇاڻو ليڪڪ نرم مٽيءَ واريءَ ڌرتيءَ تي رهندڙ نرم مزاج وارا ماڻهو ڪوٺيو آهي اهي هتان جا اصلي هاري آهن، ڇاڪاڻ ته حملي آور ته سنگ دل ماڻهو ئي ٿي سگهن ٿا، اهي نرم مزاج وارا انسان ٿي نه ٿا سگهن.

سو سنڌ جا اصلوڪو هاري، جيڪي ٽيٺ سنڌي، سادا، مهمان نواز دل جا اڇا ۽ محنتي ٿين ٿا، اهي صدين کان وٺي غربت جي گهاٽي ۾ پيڙجي ۽ پيسجي رهيا آهن ۽ هنن جي پورهئي تي پلجندڙ وڏا جاگيردار ننڍا زميندار ۽ وڏيرا شاهوڪار ٿي ويا آهن. ۽ شايد ان ڪري ئي اهي ماڻهو سياست ۾ "ڏنڊ جي پڪين" وانگي

ڪڏهن هڪ ڪپ تي ته ڪڏهن ٻئي ڪپ تي فلور ڪراسنگ ڪندا رهيا آهن. جڏهن ته بک ڏک ۾ هوندي به هنن جي هارين پنهنجي انقلابي سياسي ساڃهه جو ثبوت ڏيندي نومبر 1988ع وارين چونڊن ۾ پنهنجن روحاني رهبرن توڙي وڏن زميندارن کي شرمناڪ شڪست جو منهن ڏيکاري ڇڏيو.

انهن اڻوجهن پر غيرتمند هارين نارين جي حالت سڌارڻ لاءِ هاڻوڪي جمهوري حڪومت جي پهرين سالگرهه جي موقعي تي ملڪ جي خاتون وزيراعظم محترمه بينظير ٻٽو آسان قرضن جو اعلان ڪيو آهي ۽ قرض جي رقم 25 هزار روپين مان وڌائي 50 هزار روپيا ڪئي اٽائين. هارين کي آسان قسطن تي سرڪاري قرض ڏيڻ جو مقصد ڀهراڙين جي ان غريب عوام جي حالت سڌارڻ آهي جيڪي دراصل بٽئي واري ڏينهن اڳواٽ قرض ۾ اناج جو مليل حصو ادا ڪري بوڇڻ چنڊي گهر موٽي ايندا آهن. پاڪستان جي وزيراعظم پاران هارين لاءِ قرض ارزان ڪرڻ ڀٽائي جي ان منشور تي عمل ڪرڻ جي برابر آهي جنهن ۾ هن چيو ته، "سارنگ سار لهيج، الهه لڳ ايجين جي- پاٽي پوج پٽن ۾ ارزان اُن ڪريج- وطن وسائيج ته سنگهارن سک ٿئي".

البت ماضيءَ جا تجربا ٻڌائين ٿا ته جڏهن به هارين کي قرض جي سهوليت ڏني وئي آهي ته ان مان رڳو زميندارن ئي فائدو حاصل ڪيو آهي. سن 1987ع ۾ زرعي ترقياتي بئنڪن خاص ڪري سنڌ ۾ جيڪو به هارين جي نالي ۾ قرض ڏنو آهي ان رقم مان زميندارن سوزڪي جيپون ۽ ڪاريون خريد ڪيون آهن، جڏهن ته رڪارڊ ۾ ٽريڪٽر جي خريداري ڄاڻايل آهي. زرعي بئنڪن جو رڪارڊ ان حقيقت جي بلڪل چٽي شاهدي ڏيندو. ان واردات جو وچور ڪجهه اهڙي طرح هو ته هارين لاءِ آسان قرض جو اعلان ٻڌندي ئي حرفتي، هوشيار ۽ لالچي زميندارن (جن لاءِ ڀٽائي چيو ته، "جي ٽڪي لڳي خرار ته بک نه وڃي بکيئن" هڪدم پنهنجن هارين کي اوطاق تي

گهرائي قرب ۾ تعظيم ڏئي هنن جا شناختي ڪارڊ ونڊي پاڻ وٽ رکيا هئا ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن زرعي ترقياتي بئنڪن جي مئنيجرن کي "ڏهه خوش" ڏئي، شراب پياري، راضي ڪري، ڪاغذ تي ٽريڪٽر جي خريداري ڇاڻائي، منظوري ونڊي، هٿئون هٿ شهري واپاري کان ٽريڪٽر جي بدلي سوزوڪي ڪار خريد ڪري، مُڇ کي وٽ ڏئي اچي پنهنجي ڳوٺ سهڙيا هئا. ايا تائين غريب هاري انهن موٽر ڪارن جي مٿي پنهنجن انگوڇن سان صاف ڪندا رهندا آهن.

سو جيڪڏهن وزيراعظم جو پهرين ڊسمبر وارو اعلان سنڌ جي وڏيرن ۽ زميندارن کي خوش ڪرڻ لاءِ نه آهي ۽ واقعي سنڌ جي انهيءَ هاريءَ جي سماجي ۽ اقتصادي حالت سڌارڻ لاءِ اهو جتن ڪيو آهي جنهن ڪيس وزيراعظم بڻايو آهي ته پوءِ سنڌ سرڪار جي ڪامورن کي گهرجي ته اهي ڪنهن به صورت ۾ هارين لاءِ اعلان ڪيل قرض مان ڪنهن به زميندار کي فائدو وٺڻ جي هرگز اجازت نه ڏين. ان سلسلي ۾ ڪنهن به غلطي جي گنجائش ڇڏڻ نه گهرجي. هونئن به پارٽي گورنمينٽ ۾ ايئن به ٿيندو آهي ته پارٽي جو سربراهه جيڪا پاليسي ٺاهي ان جو اعلان ڪندو آهي، ان تي پارٽيءَ جا ڪامورا سختيءَ سان عمل ڪندا آهن. اها ڳالهه ان ڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته پهرين ڊسمبر واريءَ تقرير ۾ وزيراعظم واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو آهي ته هوءَ ملڪ مان ڪرپشن جوخاتمو گهري ٿي. ان ڪري به هارين جي قرضن ۾ ڪنهن ڏانڊلي، حرفت بازي يا سازباز ڪرڻ جي ڪا به گنجائش موجود ناهي.

ان ڪري حڪمران پ پ حڪومت جي ڪارڪنن کي گهرجي ته هارين جي روزيءَ مان زميندارن جي پيپ کي پرڻ واري ڪارروائي کي ٻُنجو ڏيڻ لاءِ سڀ کان اول انهن زميندارن تي ڪرڙي نظر رکي وڃي جيڪي پ پ جا ميمبر آهن ۽ هي ڪم حڪمران پ پ جي ڪاموري شاهيءَ کان وڌيڪ پ پ جا سياسي ليڊر سرانجام ڏين ۽ پارٽي جي سطح تي واضح طور تي اعلان ڪن ته ڪنهن به

زميندار يا وڏيرو جنهن جو تعلق پ پ سان آهي، ان کي هارين جي نالي ۾ قرض وٺڻ جي هرگز اجازت ناهي. اهڙو فيصلو ڪرڻ ان ڪري به ضروري آهي ته جيئن زرعي ترقياتي بئنڪن جا ويچارا 17 ۽ 18 گريڊ جا آفيسر پنهنجي تر جي طاقتور ۽ هٿياربند وڏيرن کي حڪومتي پاليسي جي ڊال ڏئي پنهنجو پاڻ محفوظ رکي سگهن. پر جيڪڏهن زرعي بئنڪ جو ڪو لالچي آفيسر اهڙي غير قانوني، راشي ۽ ڪريل حرڪت ڪندي نظر اچي ته ان کي مثالي سزا ڏئي اهڙي روايت قائم ڪجي جو وري ڪنهن به آفيسر اهڙي حرڪت ڪرڻ جي همت ئي نه ڪري سگهي.

هي سڀ ڪجهه ان ڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ڏٺڙيل هاريءَ موجوده حڪومت کي اقتدار ۾ آڻڻ جي سلسلي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي.

پنڻ جي پورهئي مان ڪنهن نه پريا پَل
مانجهي سي امُل، هر جنين جي هٿ ۾.

پٽائي

آچر 3 ڊسمبر 1989ع
هلال پاڪستان

سنڌ، جمهوريت جي
ڦوٽهڙي لاءِ رت ڏنو آهي

آمريت جي لٽڪندڙ تلوار هيٺان ساهه مٽ ۾ ڪري هن ملڪ ۾ جمهوريت پنهنجو هڪ سال جهڙي تهڙي حال سان پورو ڪيو آهي. هن ملڪ جي ٻين صوبن جمهوريت جي ٻوٽي جي آبياري پاڻي سان ڪئي هوندي پر سنڌ جمهوريت جي ڦوٽهڙي لاءِ رت ڏنو آهي ۽ سنڌي ماڻهن يارهن سالن جي مارشلائي دور جو مڙسي سان مقابلو ڪرڻ ڪانپوءِ نومبر 1988ع جي چونڊن ۾ اهڙو ووٽ ڏنو جنهن جي ڪري موجوده حڪومت کي پنجاب ۾ گهٽا ووٽ نه ملڻ جي باوجود حڪومت ٺاهڻ جو موقعو ملي ويو. ان لحاظ کان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ هن ملڪ ۾ جمهوريت جي جدوجهد جي سرواٽي ڪئي آهي، چونڊن کان اڳ توڙي پوءِ، پر پوءِ به هن ملڪ ۾ جمهوريت جون ڪنجيون سنڌ وٽ ناهن. هن ملڪ جي وڏي صوبي وٽ آهن، ان صورتحال ۾ سنڌ جي جمهوري جدوجهد جو آئيندو ڪهڙو ٿيڻو آهي، اهو ايندڙ وقت کي فيصلو ڪرڻو آهي. ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جي سياسي جدوجهد، ٻن نڌڻ صوبن کي جمهوري جدوجهد ۾ ايڏا به گهڻو ملوث ڪري وجهي ۽ ان کان پنجاب جا ماڻهو به اتساهه ونڻ ۽ پوءِ انگي حساب جي ڪنهن اٽڪل ستڪل سان هن ملڪ ۾ پارليماني جموريت جو جهنڊو ڦڙڪندو رهي. پر اهو سڀ تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن اهو طئي ڪيو وڃي ته چونڊن کانسواءِ ملڪ جو سياسي آئيندو ۽ جوڙجڪ ٻئي ڪنهن به طريقي سان نه ٿيندي.

سو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ حڪومت کي سنڌ ۾ جيڪو ڪم ڪرڻو آهي ان کي اهميت سنڌ جي تاريخي ۽ سياسي جدوجهد جي پسمنظر ۾ رکي ڏيڻي پوندي. جيئن ته هن صوبي سڄي ملڪ کان وڌيڪ پوڳيو آهي ان ڪري ڪيس فائدا بہ جهجها ملڻ گهرجن. فائدا ته دراصل پوءِ جي ڳالهه آهي، ان حوالي سان بي زمين هارين کي سرڪاري زمين آسان قسطن تي ملڻي آهي، سنڌ کي پنهنجي معدني ذخيرن جي رائلٽي ملڻي آهي ۽ بيروزگارن کي روزگار ملڻو آهي، تنهن کانسواءِ سنڌي ٻوليءَ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ اثارٽي عملي طرح قائم ڪرڻي آهي جنهن جو اعلان سڀ کان اڳ ۾ ته سنڌ جي بجيٽ پيش ڪرڻ وقت ڪيو ويو هو وري ڪافي وقت پوءِ هن سال پٽ ڏٽي جي ميلي تي ان جو ٻيهر اعلان ڪيو ويو پر هينئر تائين نه آهي بجيٽ، نه ڪا بلڊنگ ۽ نه اهي ماهر جيڪي لساني تحقيق شروع ڪن. تازو بين الاقوامي سچل ڪانگريس جي موقعي تي اهو اعلان ڪيو ويو ته سنڌ جو نامياروادیب، صحافي ۽ لسانيات جو ماهر سراج الحق ميمڻ سنڌي لئنگويج اثارٽي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو آهي، پر ضروري بجيٽ ۽ عمارت توڙي ٻين سهوليتن کانسواءِ سراج صاحب گهر ويني ڇا ٿو ڪري سگهي. ساڳي ڳالهه سنڌي اديبن جي ٻلائي ۽ سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ اڪيڈميءَ جي آهي. ان اداري کي پڻ فوري طور ضروري جوڙجڪ ڏئي ناهڻ گهرجي. وقت جيڪا مهلت ڏئي ان مان پرپور فائدو وٺڻ جي ضرورت آهي. سنڌ حڪومت کي ان سان گڏ هڪ ٻيو ڪم اوليت جي بنياد تي ڪرڻو گهرجي ۽ پنجاب سرڪار وانگي پنهنجي تاريخ، ماڳن ۽ مڪانن کي پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ گهرجي. ان لاءِ سنڌ اسيمبلي کي هڪ قانون بہ پاس ڪرڻو پوندو جيڪو 1904ع واري ائنٽيڪئٽي ائڪٽ ۾ ترميم سان تعلق رکي ٿو. بهتر ته ايئن ٿيندو ته سنڌ سرڪار جو ثقافت وارو ڪاتو هاڻي کان ئي "تختين هڻڻ" واري تحريڪ شروع ڪري ڏئي ۽ موکي متارن جي آستان، سسئي جي

باغ، نوري جي آخري آرامگاھ، مارئيءَ جي ڪوھ، مومل جي ماڙيءَ ۽ ٻين ھڪ سو ڪن اھڙن ثقافتي ماڳن وٽ سرڪاري تختيون ھٽڻ گھرجن تہ جيئن انھن جاين کي سرڪاري تحويل ۾ سمجھيو وڃي ۽ ڪو زميندار ٻني حاصل ڪرڻ جي ھيڇ ۾ انھن مان ڪو ماڳ مڪان ڌاھي پٽ نہ ڪري وجھي.

رھيا اٽئي رات، صبح ويندءِ صابري
لونءَ لونءَ منجھہ لطيف چئي،
ڪرتنين جي ذات،
جوڳيان سندي ذات، ٻئي پيري پاڳ مڑي.

پٽائي

آچر 10 ڊسمبر 1989ع
ھلال پاڪستان

سنڌ ڪيس

پليجي صاحب 13 ڊسمبر تي رات جو ٿي وي تي جزوي طور سنڌ جو ڪيس جنهن طرح پيش ڪيو سو تعريف جوڳو عمل هو. هن چيو ته جيئن ته سنڌي ماڻهن ايم آر ڊي جي تحريڪ وڏي زور شور سان هلائي هئي جنهن جو مقصد ملڪ مان مارشل لا ختم ڪري ڪو جمهوري نظام آڻڻو هو ان ڪري تنهن وقت جي فوجي آمر جنرل ضياءُ سنڌي ماڻهن کي هڪ وڏي سيڪٽ ڊيڊ جو پروگرام ٺاهيو ۽ ان سلسلي ۾ سنڌين جي گهر ۾ جهيڙو وجهڻ لاءِ هڪ باضابطه نجي فوج تيار ڪيائين جيڪا ان وقت کان وٺي اڄ تائين سنڌين جا خون پئي ڪري. هن اهو به چيو ته سنڌ ۾ جڏ ته ڪا حڪومت ئي ڪانهي ۽ دهشتگردن تي جڏ قانون لاڳو ٿئي ئي نه ٿو. هڪ لحاظ کان ڏٺو ويجي ته اڄ تائين پي ٽي وي ۽ جهڙي ملڪي نشرياتي اداري تي اهڙي سڌي سنواٽي نموني ۾ سنڌ جو ڪيس پيش نه ڪيو ويو آهي. البت افسوس جي ڳالهه اها آهي ته پليجي صاحب جي سوال جو جواب قانون جي وفاقي وزير افتخار گيلاني بلڪل نه ڏنو. هن کان ايترو به نه ٿيو جو ڪٽي چئي ها ته اسان جي حڪومت قانون کي سختي سان لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪنهن کي به معاف نه ڪندي. ان روپي مان اها ڳالهه پڌ واضح ٿئي ٿي ته اسلام آباد جي سينگاريل ڪمرن جي رنگين شيشن پويان ويهندڙ اعليٰ عملدارن سنڌ جي درد کي محسوس ڪري نه ٿا سگهن. ان جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي جو هنن ايم آر ڊي تحريڪ ۾ به سرگرم حصو نه ورتو هو ۽ نه اهي تارچر ڏٺا هئا جن مان سنڌ جا ليڊر توڙي عام ماڻهو گذريا هئا. شايد ان ڪري سنڌ ۾

دهشتگردي کي وزير موصوف جمهوريت جو رومانس سمجهي ان مان جمالياتي حِظ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ان ڳالهه جي شاهدي هن جي هڪ ٻئي ريمارڪ مان پڻ ظاهر ٿي جڏهن هن چيو ته "هن وقت پاڪستان ۾ ڪو به سياسي قيدي موجود ڪانهي". بهرحال پارٽي سياست جي تقاضا کيَ نظر ۾ رکبو ته اهڙي توقع پليجي صاحب کان به رکي نه سگهبي ته ڪو هو اتي ايئن چوي ها ته جيڪڏهنءَ اها ڳالهه صحيح آهي ته پوءِ سنڌ ۾ سيد ڪهڑيءَ چوريءَ جي ڪيس ۾ اندر آهي.

هتي آءٌ هڪ ڳالهه واضح ڪرڻ گهران ٿو ته هڪ سنڌي ليکڪ جي حيثيت ۾ مان پاڻ کي سڀ کان اول سنڌ جي مفاد سان واڳيل سمجهان ٿو باقي جيستائين سنڌ جي ترقي پسند ۽ قومپرست سياسي پارٽين جو تعلق آهي انهن ڏانهن رويو مسئليوار رکڻ جو قائل آهيان. اها ڳالهه برابر سياسي ڪارڪنن ۽ ليڊرن کي نه وٺندي پر ڇا ڪجي، "ڪي ڏرتي ماءِ، ڪي جَرَ سندي سڃڻين- هلي ۽ واجهاءِ ٻنهي جيرن وچ ۾" سو اهڙي طرح اديبن پ پ لاءِ به پاڻ پتوڙيو آهي جيئي سنڌ تحريڪ جي به خدمت ڪئي آهي، ڪميونسٽ پارٽي کي به فائدو رسايو آهي، پليجي صاحب جي به حمايت ڪئي آهي، ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ امدام چانڊئي ۽ مير ٽيپي کان وٺي مڙني پارٽين کي ادب ۽ ثقافت جي محاذ تي فائدو رسايو آهي.

ان پسمنظر ۾ مان چوڻ ٿو گهران ته پاڪستان پينل ڪوڊ جو فقرو 124- اي (ملڪ-دشمني ۽ غداري) ٽيٽ سياسي ڏوهه چيو ويندو آهي ۽ ان ڏوهه ۾ سيد تي ڪيس هلي رهيو آهي. ان قيديءَ کي غير سياسي قيدي ڪوٺڻ انصاف سان بي انصافي ٿيندي.

بهرحال ڪالم جو موضوع هو "سنڌ ڪيس" جنهن بابت پليجي صاحب جي وڪالت جي تعريف ڪندي آءٌ وڌيڪ اهو چوڻ پسند ڪندس ته ماضيءَ جي حڪمرانن پاران ڪيل ڪارروائي رڳو ايم آر ڊي ۾ ملوث ماڻهن خلاف نه هئي پر اصل ۾ جملي سنڌي ماڻهن

کي سزا ڏيڻ انهن جي پاليسي هئي جيڪا ٿوري ڦيرڦار سان هميشہ جاري رهندي اچي ۽ اها هر ڪنهن کي خبر آهي تہ اهي حلقا ٻين کان علاوه ڪڏهن ڪڏهن پ پ کي بہ ڀارت جو ايجنٽ ۽ سنڌي عليحدگي پسند چوندي نہ ٿا هٻڪن. سو هن وقت ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سنڌ جون مڙئي سياسي ڌريون حڪمران پارٽي سميت ۽ سنڌي اديب گڏجي ويهي ويچارين تہ سنڌ جو ڪيس هتي ملڪ ۾ ۽ ٻاهرين دنيا ۾ ڪهڙي نموني پيش ڪيو وڃي. ان سان گڏ سنڌ جي مسئلي تي سياسي يڪراءِ قائم ڪرڻ گهرجي ۽ سنڌ سطح تي قومي مفاهمت ڪرڻ ضروري آهي تہ جيئن پنهنجي سورن جو احوال ٻين کي چڱي طرح سمجهائي سگهجي.

وڍئي سي واڍوڙيا، رت نہ ڏٺو جن
موت قبوليو تن، ڏٺو جن ڏکيءَ کي.

ڀٽائي

آچر 17 ڊسمبر 1989ع
هلال پاڪستان

متان سوچيو!

"متان سوچيو" واري عنوان سان روزانو هن اخبار جي پهرين صفحي تي لکيرن جي چوديواري ۾ هڪ ننڍرو ڪالم ڇپجي رهيو آهي جنهن ۾ سنڌ جي موجوده مسئلن بابت ٻه چار اهم ڳالهيون لکيون وڃن ٿيون.

اها وارننگ ته "متان سوچيو" ڏاڍي اهم آهي. سوچڻ واقعي خطرناڪ آهي ڇاڪاڻ ته سوچ عمل کي جنم ڏيندي آهي ۽ انساني عمل دنيا جي تاريخ بدلائي وڌهندو آهي. بادشاهتن ۾ ٽاڪوڙا پئجي ويندا آهن. سياسي ۽ سماجي نظام چُور چُور ٿي پوندا آهن ۽ ٻين جي ڪمائيءَ مان ويهي حرام ڪائيندڙن جي پيٽ تي لت اچي ويندي آهي. اها ماڻهوءَ جي سوچ ئي آهي جنهن ڌرتيءَ تي انسان نالي جاندار کي ٻين سيني جانورن کان اتم بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اها ئي انساني سوچ آهي جنهن هن وسيع ڪائنات ۾ ڌرتي نالي ننڍڙي ڦرندڙ گهرندڙ گولي کي آباد ڪيو آهي. ڌرتيءَ تي آبادي ۽ جيڪو ڪجهه ڪليل اک سان ڏسي سگهجي ٿو اهو برابر مادي جي صورت تبديل ٿيڻ جو نتيجو آهي پر ان عمل ۾ "انسان ۽ فطرت" جي جنگ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي جنهن جو محرڪ پڻ انساني سوچ آهي. اها فطرت خلاف انسان جي جدوجهد ئي آهي جنهن ماڻهوءَ کي مجبور ڪيو آهي ته هو سردي ۽ گرميءَ خلاف موافق گهر ٺاهي انهن ۾ رهي، زمين کي کيڙي ان مان اناج اپائي اهو کائي ۽ اگهاڙي جسم کي ڪپڙن سان ڍڪي. انسان سوچ جي ارتقا هن وقت لاحد تي وئي آهي ۽ ڪيترين ئي حدون ٽپي وئي آهي. ايستائين جو اڄ جي انسان

جتي پنهنجي آرام سکون ۾ سک لاءِ دنيا کي جنت بڻائي ڇڏيو آهي اتي هن پاڻ لاءِ دوزخ جو پڻ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. ڇون تا ته هن وقت دنيا ۾ ايترا ائٽمي ۽ بين قسمن جا بم تيار ڪيا ويا آهن جيڪي ڏرتيءَ جي گولي کي ٻه سو دفعا تباهه ڪرڻ جي سگهه رکن ٿا. ان لحاظ کان انسان پاڻ کي شينهن وانگي "جهنگل جو بادشاهه" بڻائي ڇڏيو آهي پر انسان کي سمجهڻ گهرجي ته وقت گذرڻ سان اهو طاقتور جانور جنهن کي "شينهن شير خدا جو" ٻڌائيو ويندو آهي، ان جو نسل ختم ٿي رهيو آهي ۽ انتهائي ڪمزور جيو جهڙوڪ ماڪوڙين ۽ ڪوليون پنهنجي وڏندڙ ۽ ويجهندڙ نسل سميت موجود آهن.

بهرحال پوءِ ٻه انساني سوچ خلقٽهار آهي ۽ تخليق واري مادي عمل لاءِ اهم محرڪ بڻيل آهي. سو سوچڻ جو عمل ان ڪري ٻه خطرناڪ آهي چاڪاڻ ته جيڪڏهن اسان جو هاري اهو سوچڻ لڳي ته زمين ته آهي خدا جي ۽ ڪيڙيان ٽومان پاڻ، ته پوءِ هو بڌائي مان اڄ زميندار وڏيري ۽ جاگيردار کي ڏيڻ نه چاهيندو. جيڪڏهن هن کي اها ٻه خبر پئجي وڃي ته 1857عيسوي سن کان اڳ ننڍي کنڊ يا ڳڏيل هندستان ۾ جتي سنڌ هڪ رياست هوندي هئي، اتي ڪا ٻه جاگير وجود نه رکندي هئي ۽ موجوده جاگيرون انگريزن مقامي هندستاني ماڻهن کي جنگ ۾ شڪست ڏيڻ ڪانپوءِ انهن پنهنجن وفادارن کي ورهائي ڏنيون جن پنهنجي عوام سان غداري ۽ ڏاڙائي حڪمران سان وفاداري جو ثبوت ڏنو ته هاريءَ جو مٿو ايڏا ٻه خراب ٿي ويندو.

اهڙي طرح جيڪڏهن عورتون سوچڻ لڳن ته مرد هڪ شاديءَ هوندي ٻي چوٽا ڪن ۽ چئن شادين جو هنن کي چو اختيار ڏنو ويو آهي ته واقعي بغاوت جي باهه ڀڙڪي سگهي ٿي. ساڳي طرح عورتن کي مرضيءَ خلاف مڙس چوٽا ڏنا ويڻ ۽ جيڪي مرد پاڻ ته ست ست سينڌيون رکن ٿا پر معمولي شڪ جي بنياد تي کهاڙي هٽي عورت کي ڪاري ڪوڙي چوٽا قتل ڪن، ان تي جيڪڏهن اهي

عورتون سوچڻ شروع ڪن جن جو ويجھڑائيءَ ۾ اخبار ۾ فوٽو ڇپيو هوءِ جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته اهي فوجي انداز سان هڪ سياسي جلسي ۾ ڪلاشنڪوف سان پريڈ ڪري رهيون هيون ته واقعي اهو عمل خطرناڪ هوندو.

سو "متان سوچيو" ته "هري جي" ءِ "نٽوُ جي"، باباءِ پاڪستان قائداعظم حضرت محمد علي جناح جي ڏاڏي ءِ ناني جا نالا هئا يا وري دنيا ۾ مسلمانن لاءِ پهرين جدا مملڪت جي آئينڊز رهنما جنهن جي زندگيءَ تي تازو بين الاقوامي سيمينار ٿي گذريو ان جي پيءُ جو نالو "پونجاجي" هو. اهو به سوچڻ نه گهرجي ته 1901ع ءِ 1902ع ۾ ڇپيل پنجاب گزيٽيئر ۾ لکيل آهي ته سن 631 عيسويءَ ۾ جاگرافي جي عرب ماهرن هڪ رپورٽ ۾ لکيو هو ته "ملتان سنڌ جي بادشاهت جو هڪ اتريون اهم صوبو آهي جنهن جون حدون ڪشمير تائين ڦهليل آهن."

درحقيقت سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته ڪراچيءَ جو شهر جيڪو سيوهڙ جي هڪڙي سنڌي هندو واپاريءَ ايراني نار وارن ملڪن سان واپاروڌائڻ جي مقصد لاءِ ٻاهيو هو ءِ قديم نيرون ڪوٽ جيڪو سنڌ جي تاريخن جو وچون باب آهي ءِ هاڻي جنهن کي حيدرآباد ڪوٺين ٿا، اهي ٻئي شهر سنڌ جي نقشي ۾ شامل ناهن. ءِ اها به سوچڻ جي ڳالهه آهي ته اهو ڪهڙو راز آهي جنهن جي ڪري بينظير پٽو سائين جي ايم سيد، رسول بخش پليجو، جام ساقي، ممتاز پٽو ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ امداد چانڊيو مولانا ٻوهيو ءِ ٻيا سنڌي سياستدان هڪ ٽيبل تي ويهي سياسي ڳالهيون نه ٿا ڪري سگهن جڏهن ته اهي سيئي سنڌ جي جاگرافيائي ورهاست جي خلاف آهن؟؟؟

آچر 24 ڊسمبر 1989ع
هلال پاڪستان

ايم آر ڊي تحريڪ ڪانپوءِ.....

1983ع ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ پوري زور سان هلي رهي هئي. سڄي دنيا جون ۽ خاص ڪري لنڊن ۽ آمريڪا مان نڪرندڙ بين الاقوامي اخبارون وڏين سرخين سان خبرون ڇاپيندیون هيون. سڄي ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ جي تاريخ جي اها بي مثال سياسي تحريڪ هئي جنهن پنهنجي وقت جي فوجي آمريت کي ٽوڙي ڇڏيا هئا.

انهن ڏينهن ۾ پارٽين جا ماڻهو ۽ باضمير آزاد فرد مارئيءَ وانگي پنهنجن مارن لاءِ جيل جون سختيون خوشيءَ سان پوڳيندا هئا. انهن ڏينهن ۽ انهن واقعن تي افسوس ته سنڌ ۾ ڪو تفصيل سان تاريخ جو ڪتاب ڇپجي نه سگهيو آهي. اهو اهڙو زمانو هوندو هو جنهن جو هڪ هڪ لمحو تاريخ هوندو هو ۽ صورتحال اها هوندي هئي جهڙي پٽائيءَ جي انهيءَ ست ۾ آهي ته، "همه منصور هزار کهڙا چاڙهيو چاڙهين."

ماضيءَ جي ان شاندار تاريخ جون ساروٽيون اڄ ان ڪري پيون آهن جڏهن ٻڌو اٿم ته لاکات ۾ ڏاڙيلن خلاف آپريشن دوران ٻيو ته ڇڏيو پر پ جي انهن ماڻهن کي به سلهاڙيو پيو وڃي جن کي ايم آر ڊي تحريڪ دوران مورچن مان گرفتار ڪري سکر جيل کڻي آيا هئا۔ انهن ماڻهن مان ڪيترن قيدين جي پيرن جا ننهن ڇڪي ڪڍيا ويا هئا، ڪن جي پيرن جون تريون ڪل سميت غائب هيون، ڪن کي فوجي گاڏين سان ٻڌي جڏهن گهليو ويو هو ته هنن جي پٺيءَ

جي کل لهي وئي هئي. لاکات جا جتوئي ۽ پان توڙي ٻين ذاتين جا ماڻهو هر لحاظ کان ايم آر ڊي تحريڪ جا هيرا هئا.

تن ڏينهن ۾ سکر جيل جي هڪ ڏگهي بئريڪ ۾ هاڻوڪو چئن وزارتن وارو وزير ڊاڪٽر اسماعيل اوڊيجو کاپي هٽ ۾ اٽين آني واري پين سان پٽوازم تي ويٽو ٽيسس لکندو هو. هاڻوڪو سينيئر صوبائي وزير سائين آفتاب شعبان ميراڻي جاگرس جا جوتا پائي صبح شام جاگنگ ڪندو هو. پير علي تقي شاهه اسلامي سوشلزم تي ڳالهائيندي اسلام تي وڌيڪ ۽ سوشلزم تي گهٽ زور ڏيندو رهندو هو- سيد خورشيد شاهه، رفيق صفي، ماموعبدالرحيم بلوچ ۽ ٻيا ڪيترائي پ پ جا ليڊر توڙي ٻين پارٽين جا سربراهه جهڙوڪ جام ساقي، فتحياب علي خان، قاري شير افضل، علي اختر رضوي، حليم پيرزادو، عوامي تحريڪ، وطن دوست ۽ جميعت العلماءِ اسلام جا سرفروش ڪارڪن سيئي موجود هئا ۽ سيني کي خبر هئي ته لاکات جي جوڌن تحريڪ دوران ڪيئن نه خيرپور ناٿن شاهه ۾ ٽيل ظلم جو پلاند ڪيو هو- ان وقت هاڻوڪو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه، وفاقي وزير سيد پرويز علي شاهه ۽ موجوده سنڌ حڪومت توڙي وفاقي سرڪار جا گهٽو ڪري سڀ وزير جيل ۾ هئا- ۽ سيني کي چگي طرح خبر هئي ته لاکات، ميهڙ، پنهل خان چانڊيو، ميرپور ماٽيلو، ريتي اسٽيشن، گهوٽڪي، ڏهرڪي، سکر، نئين ديري، لاڙڪاڻي، دادو ۽ سنڌ جي ٻين سيني ضلعن ۾ چا چا ٿي رهيو آهي ۽ ڪهڙي نموني هڪ نرالي سياسي تاريخ لکجي رهي آهي.

اتي جيل ۾ ويٺي انهيءَ زماني ۾ خاص ڪري پ پ جا ليڊر ۽ ڪارڪن چوندا هئا ته آمريت جي انڊوڪار ڪانپوءِ جڏهن پ پ پاور ۾ اينديَ ته ايم آر ڊي جي شهيدن جي ياد ۾ ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه، دادو، مورو، لاڙڪاڻي، لاکات، پنهل چانڊئي جي ڳوٺ ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ عظيم الشان يادگاري مينار تعمير ڪرايا ويندا. اڄ 13 مهينا گذري ويا آهن. سنڌ ۽ وفاق ۾ پ پ جي حڪومت

خاصي مضبوطيءَ سان هلي رهي آهي. پر ايڏا تائين اهڙو ڪو مينار کڙو نه ڪيو ويو آهي.

پر ان کان به وڌيڪ اهم ڳالهه اها هئي ته جنهن جيل ۾ شهيد پتي کي بيگناهه قتل ڪيو ويو هو. ان کي پهرين فرصت ۾ ميوزيم ۾ تبديل ڪرڻ گهربو هو. شهيدن جي خون جي قيمت ڪنهن به حڪومت پاران ادا ڪرڻ ناممڪن آهي. البت هنن جي ياد کي ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪرڻ وارو ڪم ڪير ڪندو؟ ڇا اهو ڪم پنجاب جو وڏو وزير اچي سنڌ ۾ ڪندو يا نواب بگٽي کي اهڙي تڪليف ڏيڻ مناسب آهي. پ پ جو وڏو وزير آفتاب شير پائو پشاور ۾ وهي خيرپور ناٿن شاهه ۾ لاکاڻ ۾ يادگار تعمير ڪرڻ واري ڪم جي نگراني ڪري نه سگهندو. ان کري هي ڪم سيد قائم علي شاهه ۾ هن جي ڪابينا کي ئي ڪرڻو پوندو. ۾ ڪين ان ڳالهه جي پليءَ پٽ احساس هوندو ته انهيءَ ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ هو ڪنهن ٻئي تي احسان کو نه ڪندا پر پنهنجي ئي پارٽيءَ جي خدمت ڪندا ۾ پنهنجن ئي سرفروش ڪارڪنن ۾ امر شهيدن کي ييتا ڏيندا. هونئن ته ڪين ٻين پارٽين جي شهيدن جا پڻ يادگار تعمير ڪرڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته انهن پڻ ساڳي آمريت جي دور ۾ پنهنجي خون جو نذرانو پيش ڪيو هو.

بهرحال، سنڌ حڪومت کان في الحال ته ايترو ئي مطالبو ڪري سگهجي ٿو ته جيستائين لاکاڻ جي شهيدن جي شان ۾ ڪو يادگار تعمير ڪرايو ويجي تيستائين انهن شهيدن جي پونئيرن کي مقامي پوليس جي جوتن کان تحفظ ڏنو ويجي ۾ اتي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته لاکاڻ جي شهيدن جا پونئينر جيڪي هينئر ڏاڙيل ڪونجن ٿا اهي خود به ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ ملوث هئا ۾ هنن به حال سارو قربانيون ڏنيون هيون.

7 جنوري 1990ع
هلال پاڪستان

سياسي شطرنج واري راند

ملڪ جي سياسي شطرنج واري کيل ۾ ڪي اهم چالون ظاهر ٿيون آهن جيڪي ڏاڍيون منجهائيندڙ آهن. سياسي شطرنج جا مُهرا کهڙو رخ ونڻ ٿا ۽ انهن چالُن سان کهڙيون پيچيدگيون پيدا ٿين، ان جو اندازو ويجهڙي مستقبل ۾ ئي ٿي سگهي ٿو. البت جيڪا سياسي راند شروع ٿيڻ واري آهي سا ڏاڍي اوکي ٿي لڳي.

ان راند جا في الحال جيڪي ٻه چار رخ ظاهر ٿيا آهن، سي هي آهن: جلد ملڪ ۾ وچين مُدي واريون چونڊون ٿين. يا وري ايئن نه ٿئي ۽ جنهن کي وسيع بنياد واري حڪومت ٿا چون اها نهي راس ٿئي ۽ پ پ- آءِ جي آءِ تي بدّل کا گڏيل حڪومت نهي پوي ۽ مخالف ڏر پنهنجو مخالفت وارو رويو ترڪ ڪري چڏي. ٽين صورت اها آهي ته نه چونڊون ٿين، نه گڏيل حڪومت نهي ۽ موجوده جمهوري حڪومت جي جاءِ تي چوٽين مارشل لا لڳي. هي سڀ ڳالهيون ان ڪري پيدا ٿيون آهن چاڪاڻ ته ايندڙ مارچ ۾ صدر جي لاتعداد اختيارن ۾ ڪٽوتي اچڻي آهي. ان سان گڏ اڳيئي پنجاب جي صوبائي حڪومت بغاوت تي لهي آئي آهي ۽ ڪراچي توڙي حيدرآباد جي چونڊيل اسيمبلي ميمبرن جي تنظيم ذري گهٽ شهري نافرماني جهڙي فضا پيدا ڪري چڏي آهي. ظاهر آهي ته جيڪڏهن نواز شريف جي جاءِ تي مينگل هجي ها ته هيل تائين فوجي ايڪشن ٿي چڪو هجي ها ۽ جيڪڏهن الطاف حسين جي جاءِ تي اهڙي روش جي ايم سيد ڪري ها ته هو هن وقت تائين شهيد ٿي چڪو هجي ها. ۽ ان سان گڏوگڏ ٽين به هڪ طاقت آهي جنهن بينظير پٽو

جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪيو آهي. اها طاقت آهي درگ مافيا۔ چون ٿا ته هي طاقت ايڏي مضبوط آهي جو شايد هندستان ۾ ڪجهه سوشلسٽ ملڪن کانسواءِ ٽين دنيا جي ڪنهن به ملڪ کي جڏهن به چاهي ته اها طاقت هڪ ڏماڪي سان اڏائي سگهي ٿي. پر بهرحال عوام جي طاقت پڻ دنيا جو سپ کان سپر پاور آهي ۽ آسمان کان هيٺ ۽ زمين کان مٿي ان کان ڪا وڏي طاقت موجود ڪانهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته عوام جي طاقت هڪ ئي صورت ۾ سپر پاور ٿيندي آهي اها صورت آهي "ڏکيون جان نه مڙن، تان تان پنڌ نا ٿئي".

پاڪستان جي سياست لاءِ ته ڪجهه ٻيون به طاقتون آهن جن جو هتي خاصو عمل دخل آهي. مثال ملڪ جي اها اصل طاقت جنهن بنگال جي جدا ٿيڻ ڪانپوءِ صرف ڇهن سالن لاءِ شهري حڪومت ناهڻ جي اجازت ڏني ۽ وري يارهن سالن جي ڏاڍائي ڪانپوءِ جمهوريت کي (NOC) ڏنو. جنهن کي ايجا هڪ سال مس گذريو آهي ته وري اچي ملڪ ۾ تاکوڙ ٻيو آهي ۽ ٻي طاقت آهي اها عالمگير شهنشاهت جنهن سان اسان جي ملڪ جا سياسي ڳانڍاپا ايڏو پراڻا ۽ ايترو جهونا يا پوڙها ٿي ويا آهن جو انهن مان هاڻي بدبوءِ پيدا ٿيڻ لڳي آهي. پر بهرحال اسان جي حالت ته امر جليل جي لفظن ۾ اها آهي ته، "گڏهه هجي يا گهوڙو يا خانبهادر کهڙو سپ اسان جا سائين آهن." ان ڪري اسان کي ته صرف عزت سان جيئڻ جو حق ٿو گهرجي ۽ بس.

سو سياسي شطرنج تي جيڪي نيون چالون پيدا ٿيون آهن انهن تي سنڌي ماڻهن کي نظر رکڻ گهرجي. اها ڳالهه سپ کان اڳ ۾ اهڙن ماڻهن لاءِ ضروري آهي جيڪي غريب هجڻ سان گڏ اڻ پڙهيل هوندا آهن ۽ جيڪي پڙهيل ماڻهو اخبار خريد ڪري پڙهندا آهن انهن کان پڇندا آهن ته اڄوڪي اخبار ۾ ڪهڙيون خبرون آهن؟؟ ان ڪانپوءِ اها ڳالهه انهن ماڻهن لاءِ ضروري آهي جيڪي پاڻ اخبار خريد

ڪري نه سگهندا آهن ڇاڪاڻ ته غريب هوندا آهن ۽ ڪنهن دوست جي خريد ڪيل اخبار پڙهندا آهن، ڇاڪاڻ ته هو پڙهيل هوندا آهن. ۽ ٽين مرحلي تي انهن ماڻهن کي به ان صورتحال تي نظر رکڻ گهرجي جيڪي پاڻ پڙهيل به آهن ۽ اخبار به خريد ڪري سگهن ٿا. اهڙي طرح سنڌ جي سياستدانن، دانشورن، سڃاڻ عورتن، شاگردن، هارين ناري ۽ مزدورن، وڏيرن ننڍيرن ۽ هارن سميت سيني کي ان تي سوچڻ گهرجي.

اهو ان ڪري سوچڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن وچين دور واريون چوندڙون ٽين ٽيون ته سنڌ ۾ ان جا نتيجا کهڙا نڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن گڏيل حڪومت ٽي نهي ته ڇا ان ناهه جي نتيجي ۾ ايم ڪيو ايم کي سنڌ ۾ کهڙيون رعايتون ڏنيون ويندیون ۽ جيڪڏهن مارشل لا ٽي لڳي ته پوءِ ڇا ٽيندو؟؟؟

انهيءَ سموري صورتحال تي پيپلز پارٽي کي پڻ سوچڻ گهرجي ته وفاق جي سياست جي چٽمپين ٽيڻ سان گڏ سنڌ جي قومي مفاد جي ڪيتري قدر ڪليل طريقي سان خدمت ڪرڻ گهرجي.

ڇاڪاڻ ته مخالف ڌر پيپلز پارٽي کي اڳيئي سنڌيت پرست، لاديني، هندستان نواز ۽ روس ڏانهن جهڪندڙ ٽوڙي افغان مجاهدن جي خلاف هٿ جهڑا لقب ڏئي رهي آهي. هنن کي اهو به سوچڻو پوندو ته ضياءَ جي ماڻهن کي اسيمبلين جون ٽڪيٽون ڏيڻ ۽ مهاجرن کان بليڪ ميل ٽيڻ وارن تجربن مان کين هينئر تائين ڇا حاصل ٽيو آهي. پ پ قيادت کي اهو به سوچڻو آهي ته سنڌن حڪومت جو جڏهن ايم ڪيو ايم سان ناهه هو ان وقت به سندس ڪيترا صلاحڪار مهاجر هوندا هئا جيڪا ان ناهه جي شايد ضرورت هئي ۽ وري جڏهن هو ناهه ختم ٽيو آهي ته مهاجر صلاحڪارن جي اڳي کان ضرورت جڙ وڏي وئي آهي. ان صورتحال ۾ اها به سوچڻ جي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن شروع کان وٽي انهن مهاجر صلاحڪارن جي جاءِ تي سنڌي صلاحڪار هجن ها ته ان جا

نتيجا ڪهڙا هجن ها. ان تي هونئن سيني سنڌي ماڻهن کي سوچڻ گهرجي تہ ڇا اها صورت ان چوٽي واري تہ ناهي جنهن ۾ چيو ويندو آهي تہ "جي ڇُري ڪري گدري تي تہ بہ گدرو مُنو ۾ جي گدرو ڪري ڇُريءَ تي تہ بہ گدرو مُنو".

آچر 14 جنوري 1990ع
هلال پاڪستان

ٻانهن تي زور کان وڌيڪ عقل کان ڪم وٺڻ جي ضرورت

اڄ کان نہ پر هڪ ڊگهي عرصي کان وٺي سنڌ جي صورتحال بيحد گنڀير آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ 1971 ۾ ملڪ ٽٽي ٻہ اڌ ٿيڻ کانپوءِ ۽ سياسي طور سجاڳ بنگالي عوام جو پاڪستان سان ناتو ختم ٿي وڃڻ کانپوءِ هن ملڪ جي سياسي هلچل جي قيادت سنڌ جو عوام ڪري رهيو آهي. بلوچستان ۾ ٿيل فوجي ايڪشن کانپوءِ ويڙهاڪو بلوچ ڪنهن ڏورانهين مورچي مان ويڙهہ جاري رکڻ جي ارادي سان سياسي منظر تان في الحال هٽي ويا، پشتون ڇڙوڇڙ هئڻ ڪري ۽ مٿن افغان پناهگيرن جي ڀت ڪرڻ ڪري چيڀاٽجي ويا، ۽ پنهنجي ڏکڻ ۽ اولهہ ۾ پيدا ڪيل انتشار کي دسترخوان تي ويٺي خاموشيءَ سان ڏسي رهيا هئا ۽ کائڻ پيئڻ کان اڃا تائين واندا نہ ٿيا آهن. ان ڪري سن 1970 کانپوءِ باقي بچيل ملڪ ۾ اهو سياسي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ بنگالين کان پوءِ سياسي طور تي سڀ کان وڌيڪ سجاڳ عوام، يعني سنڌين تي سمورو بار اچي پيو جنهن کي گهلي هنن جي چيلهہ ذري گهٽ چٻي ٿي پئي آهي. بنگالين ۽ سنڌين جي اڳواڻي ۾ هلايل ون يونٽ خلاف تحريڪ کانپوءِ هن خطي ۾ سڀ کان وڏي عوامي جدوجهد ايم آر ڊي واري تحريڪ هئي جيڪا 1983ع ۾ گهڻو تڻو سنڌي عوام هلائي. ان کان اڳ ملڪ ۾ مرحوم ڀٽي جي ڇهن سالن واري حڪومت آئي. جنهن هتان جي عوام کي ساهہ کڻڻ ۽ پگهر سڪائڻ جي ٿورڙي مهلت ڏني- پر جلد

پوءِ 5 جولاءِ 1977ع تي چونڊيل حڪومت جو فوجي بغاوت وسيلي تختو اونڌو ڪيو ويو جنهن ملڪ جي مڙني ماڻهن کان وڌيڪ سنڌي ماڻهن کي مشتعل ڪيو. وري ٽيڪ هڪ سال اٺ مهينا ۽ اٽڪيهه ڏينهن گذرڻ بعد ملڪ جي پهرين چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي کي لکپت جيل ۾ شهيد ڪيو ويو. ان واقعي سنڌي عوام جي اندر هڪ چٽنگ دکائي جيڪا چار سال پوءِ ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران پنيٽ ٿي ٻرڻ لڳي، ۽ 3 سال پوءِ 1986ع ۾ به هڪ ملاکڙو ٽيو جنهن ۾ سنڌ جي ماڻهن "مٽو مٽي تي" واريون ملهون ڏيکاريون. بس انهن واقعن کانپوءِ هن ملڪ جا حڪمران، مقامي توڙي غير مقامي ڳالهه کي سمجهي ويا ۽ سنڌ توڙي سنڌين کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جون لکل سازشون شروع ڪري ڏنائون جن تي اڄکلهه پوري زور شور سان عمل ٿي رهيو. اهي ان انتقامي ۽ دشمني وارين ڪارروائين جو مقصد صرف هڪڙو آهي ته سياسي طور سجاڳ سنڌي عوام کي کا به وٽي نه ڏني وڃي جنهن مان نڪري ٻين صوبن جي سهڪار سان هو سڄي ملڪ مان ظلم جو ڏينگو ڏيري ڪري حقيقي جمهوريت قائم ڪري ونڻ ۽ فوجي بغاوتن توڙي مارشل لائن جو سلسلو بند ڪري ڇڏين. ان ڪري سنڌ ۽ سنڌين خلاف اِها ڪارروائي ڪرڻ وارين لکل توڙي ظاهري طاقتن جيڪي سڀ کان خطرناڪ محاذ کولي ڇڏيا انهن ۾ ايم ڪيو ايم جو قيام ڏاڙيلن جي تنظيم ڪاري، هيروئن جو واپار، ڪلاشنڪوف جو ڦهلاءُ، ڪالا باغ ڊيم جي اڏاوت ۽ ٻهارين جي آمد خاص مورچا هئا. سنڌين جڏهن چيو ته اسان قوم آهيون ته دشمن طاقتن مهاجرن کان مطالبو ڪرايو ته جي سنڌي جدا قوم آهن ته اسان به قوم آهيون. سنڌي عوام جي پارلياماني طاقت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڏارين کي ڏڏا ڏڏسنڌ ۾ آباد ڪيو ويو ۽ سنڌ جهڙي سرسبز علاقي کي برپٽ بنائڻ لاءِ ڪالا باغ ڊيم جي اسڪيم تيار ڪئي وئي جنهن جو مقصد سنڌ کي اقتصادي طور برباد ڪرڻ آهي. سنڌ جي نوجوان نسل کي نشئي ۽ نستو ڪرڻ

لاءِ هتي هيروئن جو بين الاقوامي اڏو قائم ڪيو ويو جنهن جي پيداوار هتان کان گهڻو پري سرحد صوبي ۾ ٿيندي آهي. ان سان گڏ سنڌ جي انهن ڇٽن ضلعن ۾ جتي ايم آر ڊي جي تحريڪ سڀ کان زور سان هلي هئي جهڙوڪ لاڙڪاڻو خيرپور دادو ۽ نوابشاهه. اتي ڏاڙيلن کي ايترو ته مضبوط ڪيو ويو جو اڄ تائين سنڌ حڪومت لاءِ انهن ڇٽن ضلعن جي ڪچي وارن علاقن تي ڪنٽرول ڪرڻ ناممڪن ٿي پيو آهي. هن ڊرامي رچائڻ لاءِ هنن لڳ ڀڳ ظاهر ڪوتن 1972ع ۽ 1986ع ۾ سکر جيل توڙايو ۽ خطرناڪ ڏاڙيل آزاد ڪرايا. اهڙي طرح سنڌ کي لبنان ۽ حيدرآباد توڙي ڪراچي کي بيروت بنائڻ جون تياريون مڪمل ڪيون ويون.

هن صورتحال سنڌ جي ڪيترن سياسي ڏرين کي منجهائڻ سان گڏ گمراهه ڪري ڇڏيو ۽ جيئن ڪجهه ڏينهن اڳ هن اخبار جي هڪ ڪالم نويس بدر ابڙي نشاندهي ڪئي هئي، اسان جي ڪيترن سياسي ڏرين کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته دشمن اسان جي قومي بقا واري جنگ ۾ اسان کي شڪست ڏيڻ لاءِ جنگ جو جيڪو نمونو وقت ۽ جاءِ تجويز ڪري رهيو آهي اهو اسان لاءِ موزون آهي يا نه — نتيجو اهو نڪتو جيڪو اڄ ڪلهه اسان جي سامهون آهي.

هن وقت حالت اها آهي ته مهاجر جيڪو ڪرڻ ڳهرن ٽا تنهن جو فيصلو ترت ٿيو وڃي ڇاڪاڻ ته مسئلو هڪ ماڻهو آڏو رکيو وڃي ٿو جنهن کي هو پنهنجو ليڊر سمجهن ٿا ۽ هو هڪ لمحي ۾ جيڪو فيصلو ڪري ٿو ان تي سيئي ماڻهو متفق ٿيو وڃن. پر اسان سنڌين جي حالت اها آهي ته جيڪڏهن اسان اها ڳالهه طي ڪرڻ چاهيون ته مهاجرن ۽ پنجابين سان پهريائين مهاڏو ڪنهن سان اٽڪائڻ گهرجي ته ان تي قومي يڪراءِ قائم ڪرڻ گهٽو ڪري ته ممڪن ئي نه ٿيندو ۽ جي ٿيو به ته ان کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال لڳي ويندو. ٻئي طرف صورتحال اها آهي جو چون ٿا ته سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ مهاجرن جي مفاد خلاف جيڪڏهن کو فيصلو ٿئي ٿو ته ان ڪاغذ

تي صحيح ٽيڪ ڪان اڳ ان جي فوٽو ڪاپي ايم ڪيو ايم جي هيڊ ڪوارٽر تي پهچي وڃي ٿي.

بهرحال پوءِ به مايوس ٽيڪ جي ڳالهه ناهي، البت ٻانهن تي زور ڪان وڌيڪ عقل ڪان ڪم وٺڻ جي ضرورت آهي.

"ڪچين وڏا پلانٽ، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا"

پتائي

21 جنوري 1990ع
هلال پاڪستان

سنڌي مڊل ڪلاس ڪي سوچڻو پوندو

انگريز جيڪي سڄي هندستان ۾ سنڌ تي قبضو ڪرڻ آيا هئا انهن ۾ هڪڙي خاصيت اها هئي ته اهي ٻن سؤ سالن کان هڪ مضبوط مڊل ڪلاس يعني وچولي طبقي طور ترقي ڪري اُسري آيا هئا. ترقيءَ جي انهيءَ منزل تي پهچڻ کان اڳ هنن پنهنجي ملڪ مان نوابن، جاگيردارن ۽ وڏيرن جو خاتمو ڪيو هو ۽ ان سبب جي ڪري ئي هو ايڏو طاقتور ٿي ويا جو دنيا تي حڪومت ڪرڻ لڳا. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ "يُو پي" ۽ "سِي پِي" مان جيڪي مهاجر هتي آيا اهي پڻ هڪ لحاظ کان هڪ سو سال پراڻا مڊل ڪلاسي ماڻهو هئا جن جي نوابي هندستان ۾ ئي ختم ڪئي وئي هئي. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کانپوءِ ٿيل مذهبي ۽ فرقيورانا فسادن جي نتيجي ۾ سنڌ مان جيڪي هندو لڏي هندستان هليا ويا اهي به ايترا ئي پراڻا مڊل ڪلاسي ماڻهو هئا. پر هن وقت اسان جيڪي سنڌين جي بقا ۽ قومي توڙي جمهوري حقن جي ڳالهه ٿا ڪريون سي گذريل چاليهن سالن کان وٺي مڊل ڪلاس ٿي اُپريا آهيون. موجوده سنڌي مڊل ڪلاس جن حالتن ۾ پيدا ٿيو آهي ۽ پنهنجن پيرن تي اچي بيٺو آهي، اها تاريخ به هڪ ظلم جو داستان آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ جي جاگيردارن ۽ وڏن زميندارن مذهب جي بنياد تي مڊل ڪلاسي سنڌي هندوءَ کي هتان نيڪالي ڏيڻ کانپوءِ نه پئي ڇاهيو ته انهن جو ڇڏيل خال سندن ئي اولاد مان پيدا ٿئي يا سندن موروثي نوڪر يعني هاريءَ واري طبقي مان پيدا ٿئي. ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن مڊل ڪلاسي نوجوان کڏهن اڳ پوءِ جاچڻ کانسواءِ ڪُليل آسمان جي هيٺان ۽ زمين جي مٿان پنهنجن

ٻن پيرن تي بيهي "وڏيرو مرده باد" جو نعرو ٿي هنيو ته هن کي اتي ئي وڏيرن جي باڊي گارڊن بندوق جا وار ڪري ٿي ماري ڇڏيو. اهڙي بربريت ۽ وڏيرڪي دهشتگردي ۾ اسان جو مڊل ڪلاس پيدا ٿيو آهي ۽ اڃا ڪجهه پيرن تي بيهڻ جهڙو ٿيو آهي ته هنن جي مٿان نقاب پوشن، ڄاتل ۽ اڻڄاتل مهاجر دهشتگردن ڪلاشنڪوفن جا برسٽ وهائڻ شروع ڪيا آهن. هي صورتحال ان ڪري تشويش جو ڪارڻ بڻي آهي ڇاڪاڻ ته اهو سنڌي مڊل ڪلاس ئي آهي جيڪو هينئر مهاجر سياست جو مقابلو ڪري رهيو آهي، سنڌ جي ورهاڱي آڏو ڍال ٿي بيٺو آهي ۽ ڪالا باغ ڊيم ٺهڻ يا بهارين کي سنڌ ۾ اچڻ کان روڪڻ جي جدوجهد ڪري رهيو آهي. هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ڊاڪٽر جي ايم مهيڪري جيڪو سنڌ جو مشهور سماجي علم جو ماهر آهي ان سنڌ تي لکيل پنهنجي مشهور ڪتاب، Sorrows of Sindh (يعني سنڌ جا دک درد) ۾ ان نتيجي تي پهتو آهي ته تاريخ جي هن مرحلي تي سنڌ جو مسئلو تڏهن حل ٿيندو جڏهن سنڌي مڊل ڪلاس ترقي ڪري مضبوط ٿيندو. البت اسان جا سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ ان خيال جا آهن ته دنيا جي ڪنهن به ملڪ، سماج يا قوم جي نجات اتان جا هيٺيان طبقا، مزدور، هاري ۽ ڪمي ئي ڏياري سگهن ٿا. ڳالهه هنن جي به صحيح آهي ۽ اها به حقيقت آهي ته خود اهي سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ جيڪي سنڌ جو آجپو هتان جي هارين ۽ مزدورن وسيلي حاصل ڪرڻ گهرن ٿا انهن جو تعلق پڻ مڊل ڪلاس يعني وچولي طبقي جي ماڻهن سان آهي ۽ جڏهن هو قومي جمهوري انقلاب جي ڳالهه ڪن ٿا ۽ هيٺيئن وچولي طبقي کي ساڻ ڪري انقلاب لاءِ جدوجهد هلائڻ گهرن ٿا ته ڳالهه وڃي اتي ٿي بيهي ته سنڌ مان جاگيرداري ۽ وڏيرڪو نظام ختم ٿيڻ گهرجي، سرمائيدارن ۽ ڪارخانيدارن جي ڏاڍ مڙسي ماٺي ٿيڻ گهرجي ته جيئن وچولي ۽ هيٺئين طبقي جا ماڻهو ڪو سک جو ساهه کڻي سگهن.

هن وقت جڏهن سنڌي پنهنجي بقا جي جنگ وڙهي رهيا آهن ۽ هنن کي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي ٿورائيءَ ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي ان وقت ان ڳالهه جي اشد ضرورت آهي ته سنڌين جي جملي آبادي متحرڪ هجي ۽ گڏجي سڏجي پنهنجي قومي ۽ جمهوري حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي. پر ان جي ابتڙ صورتحال اها آهي ته سنڌين جي هن وقت جيڪا به آبادي آهي، ان جي پنجاهه سيڪڙو آبادي کي جڏو مُڏو ۽ غير متحرڪ ڪري رکيو ويو آهي. اها آبادي آهي سنڌي عورتن جي جيڪي مردن کان به ڳڻپ ۾ ٿورو وڌيڪ آهن، پر هنن کي اسان مردن پنهنجي پير جي ڪنهن ڦٽ وانگي اڳڙين سان ويڙهي هڪ لحاظ کان يرغمالي بڻائي گهر جي چوڌيواريءَ ۾ بند ڪري رکيو آهي ۽ ڪنهن خونخوار ڏوهي وانگي هن تي چوڪيدار وهاري هن کي نَوَ سو نَوَ ڪوٺن ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيئن اسان جانورن کي ڪلي سان ٻڌي ان ڪري پالينda آهيون ته اضحيٰ واري عيد تي انهن جي قرباني ڪنداسين تيئن اسان پنهنجين عورتن کي تاتي، پالي وڏو ڪري پوءِ ڪنهن ڏينهن غيرت ۾ اچي ڪاري ڪري ڪُهي به ڇڏيندا آهيون. ان ڪري سنڌين جي سنڌ ۾ هن وقت جيڪڏهن جملي آبادي هڪ ڪروڙ آهي ته ان کي پنجاهه هزار سمجهڻ گهرجي پر مهاجرن جي آبادي اسان کان ان ڪري به گهٽي آهي جاکاڙ ته هنن پنهنجي سياست ۾ پنهنجين عورتن کي به برابر جو شريڪ ڪيو آهي.

ان صورتحال ۾ اسان جي پهراڙيءَ جي عام ماڻهن، وڏن توڙي ننڍن زميندارن، مڊل ڪلاس جي سياسي ۽ غير سياسي ماڻهن، قومپرستن، سوشلسٽن، ڪميونسٽن، پيرن، مُرشدن، روحاني رهبرن، اديبن، دانشورن، ڪامورن ۽ ٻين سيني سنڌين کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته هو پنهنجي عورتن کي آزاد ڪرڻ پسند ڪندا يا مهاجر سياست آڏو گوڏا کوڙڻ کي پنهنجي مرداڻي غيرت لاءِ مناسب سمجهندا؟؟

آچر 28 جنوري 1990ع

جيڪي مئي ڪنداءِ
سو جانب ڪيو جيئري

تازو سنڌ جو راڳي استاد محمد جمن اسان کي ڏاڍ ڏئي ويو ۽ ان کان جلد پوءِ بدر قريشيءَ جي لاڏاٽي جي خبر آئي آهي. هڪڙو راڳي هو جيڪو آوازن کي موتين جي لڙهين وانگي پوئيندو هو ۽ ٻيو شاعر هو جيڪو لفظن ۾ ترنم اوتيندو هو. سڏريل سماج ۾ ڪو ڪوي يا موسيقار فوت ٿي ويندو آهي تہ ان کي وڏو حادثو لکيو ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ تخليقڪار روح روزانو پيدا نہ ٿيندا آهن. سماج ۾ اهڙن ماڻهن جي وجود کي ان ڪري بہ اهميت هوندي آهي ڇاڪاڻ تہ جنهن جاکوڙ ۽ جدوجهد کانپوءِ اهڙا ماڻهو پنهنجي فن ۾ پختگي حاصل ڪندا آهن سا هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي هوندي.

استاد جمن کي جڏهن سهارو ڏيئي پٽائي صاحب جي مزار جي سامهون اڏيل آڊيٽوريم ۾ راڳ ڳائڻ لاءِ اچي وهاريو ويو هو تڏهن هن اجهاڻ روشنيءَ واريون پنهنجيون اکيون مٽي ڪٽي سامهون ڏنو هو ۽ پنهنجي وجود جي پاتال مان ڪوڪ ڪندي چيو هئائين: "اڙي يار مان تہ پٽ ڏٽيءَ جو روضو بہ ڏسي نہ ٿو سگهان". ۽ پوءِ هن ويهي ڳاتو هو پر ڳائڻ کان اڳ هن جيڪا دانهن ڪئي هئي، ان ۾ جيڪو درد سمايل هو تنهن کي ڪنهن بہ محسوس نہ ڪيو هو. ۽ نيٺ هن جو طبعي وجود هن جي اکين جي روشنيءَ وانگي هڪڙي ڏينهن ايئن ب اجهامي ويو هو جيئن ڏيئي جي وٽ هوا جي ڪنهن جهوٽي سان ڦڙڪو ڏيئي وسامي وڃي.

بدر قريشي، هر وڏي ليکڪ وانگي پنهنجي قوم جو ضمير هو. قوم جو ضمير ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جي علم، عقل، دانش يا ڪارنامي کي نه چئبو آهي پر مجموعي طور قوم جي سوچ ۽ لوچ جي عمل کي چئبو آهي. بدر قريشي بهرحال ان مجموعي ذهني ۽ سماجي عمل جو پنهنجي وجود ۾ نه رڳو هڪ حصو هو پر ان جو اڌينڌڙ ۽ جوڙيندڙ پاڻ هو. هڪ حادثي ۾ هنجو هيئيون ڏڙسُن ٽي ويو هو. ان وقت کان وٺي پنهنجي زندگي جا ويهه سال هن ماڻهوءَ ڪيئن پئي گهاريا ان جو ٿورو گهڻو اندازو انهن ماڻهن کي هوندو جيڪي هن جي ويجهو رهيا آهن. بهرحال هن جي ذاتي زندگيءَ جا ڏک ڏوجهڑا ۽ تارچر ته هن پاڻ ئي پوڳيا هئا البت پنهنجي شاعريءَ، ادب ۽ عملي جدوجهد ذريعي جيڪي ڪجهه ڏنو آهي، اهو هڪ تاريخيَ دستاويز آهي جيڪو ڪراچي سنڌي ادبي سنگت وٽ ساڌيل آهي ۽ ضايع ٿي نه ٿو سگهي. هن جون ادبي ڪاوشون ڪيترن ئي سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي پيٽ ۾ وڌيڪ جاندار آهن جڏهن ته بدر قريشي اپاهج هيو ۽ ٻيا اديب اپاهج ڪونه هئا. سو هن مها مهاڻهوءَ جي پر گهور پاڻ اسان ان انداز سان نه لڌي جنهن طرح لهڻ گهربي هئي.

هنن ٻن حادثن کانپوءِ اسان کي، اسان جي وس وارن کي، سرڪاري توڙي نجي شعبن کي پٽائي صاحب جي انهيءَ ست تي گهرو ويچار ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ هن چيو هو ته: "جيڪي مئي ڪنداهه، سو جانب ڪيو جيئري".

بندر جان پئي، تان سڪاڻا مَر سمهو

اهو بلو ڪرڻ جنهن جو چتاءُ پٽائي صاحب ڏئي ويو آهي سو انهن ماڻهن جي سلسلي ۾ پڻ ڪرڻ گهرجي جيڪي ڏيهاڙي سنڌ جي شهرن ۾ دهشتگردن هٿان ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڏاڙيلن هٿان مري ڪپي رهيا آهن. هن وقت سنڌ جي صورتحال اهڙي آهي جو جڏهن

ٻڌجي ٿو تہ فلاٽي ڳوٺ ۾ ڏاڙيلن جي هڪ وڏي اتالي انڌا ڏنڌ فائرنگ ڪري هيترا مرد، هيتريون عورتون ۽ هيترا ٻار ماري ڇڏيا تہ ان خبر تي ڪو گھٽو اچرج نہ ٿو لڳي. ان جو هڪ سبب اهو به آهي تہ اهڙيون خبرون ايتريون تہ گھٽي انداز ۾ پڙهون ٿا جو ماڻهوءَ جو مرڻ ڪا غير معمولي ڳالهہ لڳي ئي نہ ٿي. پر ان کان وڌيڪ خطرناڪ ڳالهہ اها آهي تہ اسان ان صورتحال کي ذهني طور تي جڙ تہ تسليم ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان جي اندر ۾ ان قتل عام خلاف جدوجهد جو سمورو جذبو مري ڪپي ويو آهي ۽ هاڻي رڳو ان صورتحال تي ارمان ئي ڪريون ٿا ۽ بس. ڇا ان جي اها معنيٰ آهي تہ هاڻي اسان جو ڪم رڳو پنهنجن لاشن کي دفن ڪرڻ هوندو. "جاڳو جاڙيجا، سما سک م سمهو، پسو هن پاران ٿو لاکو لوڙايون ڪري."

هن وقت سنڌ جي صورتحال اهڙي ٿي وئي آهي جڙ اسان ڪنهن بم گولي تي ڳوٺ ۽ گھر، شهر ۽ ٽڪاٽا ناهيون وينا آهيون ۽ اسانکي اها اڳوات خبر هجي تہ بم گولو ڪنهن وقت ٽڪاءُ ڏيئي ڦاٽي پوندو. پر پوءِ به اسان ان سلسلي ۾ ڪجهہ نٿا ڪريون. ڇا ان جي اها معنيٰ آهي تہ اسان خودڪشيءَ کي پنهنجي تقدير سمجهي ان کي قبول ڪري ورتو آهي، ان تي اسان سيني کي سوچڻ گھرجي!!!

اسان سيني کي خبر آهي تہ هن وقت حيدرآباد جي صورتحال اهڙي آهي جڙ سڄي شهر ۾ پيٽرول هاريو پيو آهي ۽ ڪو به هڪ ماڻهو ڪنهن به ڪنڊ مان چوريءَ ماچيس جي رڳو هڪڙي تيلي ٻاري اڇلي گھر ٽي وڃي تہ هوند سڄو شهر باهہ جي لپيٽ ۾ اچي ويندو. اها حالت نہ رڳو حيدرآباد جي آهي پر ڪراچي پڻ ان کان آڄي ناهي ۽ سموري سنڌ اندران ٻري رهي آهي. اسان کي خبر آهي تہ سنڌ کي تيلي ڏيئي ساڙڻ وارا هٿ هتي موجود آهن ۽ سنڌن اها خواهش ڪنهن اڻ وٽندڙ سياسي صورتحال جي ڪري گذريل 24 سالن ۾ پوري ٽي نہ سگھي آهي. ان ڪري اسان کي فيصلو ڪرڻو پوندو تہ سنڌ ۾ ٻرندڙ باهہ کي ڪيئن وسائجي. اسان کي ان تي به

ويچار ڪرڻو پوندو ته امن لاءِ (ضروري هوندو آهي ته) جنگ به ڪبي آهي پر اسان کي اهو به نه وساريڻ گهرجي ته بيروت جي جنگ جو هينئر تائين ڪو فيصلو نه ٿيو آهي ۽ نه ويجهي مستقبل ۾ ان جي اميد ئي آهي. هتي ته ڪلاشنڪوفون ۽ مائوزر ٿا هلن، بيروت ۾ ته بم، راڪيٽ لانچر، توبون ۽ ٽئنڪون ايئن عام ٿي ويون آهن جيئن ڪنهن سنسان گهٽيءَ ۾ رولو ڪتا گهمندا وتندا آهن. ۽ ان سان گڏ اسان کي اهو به وساريڻ نه گهرجي ته سنڌ ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ هڪڙي هٽ جي تاڙي ته نه وڄندي. ٻي ڏر جيڪا موجوده تشدد وارن واقعن دوران مسلسل چٽي رهي آهي ته اهو سپ ڪجهه پ پ جي حڪومت ڪرائي رهي آهي، ان جي نيت صاف ظاهر آهي. هو چاهين ٿا ته حيدرآباد ڪانپوءِ ڪراچي ۽ ڪراچي ڪانپوءِ سنڌ جون ٻهراڙيون ان باهه ۾ ٽڇڪي وڃن ته ڪا نئين مارشل لا هٽائجي. هنن لاءِ اها برابر فائديمند ڳالهه آهي، پر ان سلسلي ۾ اسانجي عام ماڻهوءَ کي ۽ اسان جي سياسي قيادت کي ڇا ڪرڻ گهرجي، ان سوال جو جواب ڏيو ۽ ان سوال جي جواب ڏيڻ ڪان اڳ ۾ سئو دفعا سوچيو ۽ حالتن جو چڱي طرح جائزو وٺو.

بندر جان پئي، تان سڪاٽئا مَر سمهو.
ڪپر ٽوڪن ڪري، جيئن ماڻيءَ منجهه مهي،
ايڏو سور سهي، ننڊ نه ڪجي ناڪئا.

پتائي

آچر، 4 فيبروري 1990ع
هلال پاڪستان

پ پ حڪومت سان جوٽيل جنگ

بينظير پٽو جي حڪومت سان جوٽيل جنگ ۾ گڏيل مخالف ڏرسنڌ وارو محاذ چوندبيو آهي. اهو ان ڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته جيستائين پ پ حڪومت جا سنڌ ۾ ترا نه ٽا ڪيجن، تيستائين ان کي سموري ملڪ مان اکوڙڻ ڏکيو عمل آهي. ان سلسلي ۾ پهريائين حيدرآباد ۾ باهه ٻاري وئي ۽ اميد رکي وئي ته ان سان سنڌ جون ٻهراڙيون پڻ تشدد واريءَ لهر جي لپيٽ ۾ اچي ويندیون پر حڪومت، فوج جي مدد سان حيدرآباد جي صورتحال کي ڪافي حد تائين سنيالي ورتو- ان ڪري موجوده جمهوري نظام جي دشمنن ضروري سمجهيو ته هاڻي ڪراچيءَ کي گرم ڪيو وڃي ته ان سان حيدرآباد جي وسايل باهه به پڙڪو ڪائي ٻري پوندي ۽ نتيجي ۾ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ پڻ انتقامي ڪارروايون ٿيندیون ۽ پوءِ دنيا کي ٻڌائي سگهبو ته سڄي سنڌ تي موجوده حڪومت جو ضابطو ختم ٿي ويو آهي، ان ڪري ضروري آهي سنڌ ۾ گورنر راج قائم ڪيو وڃي. ظاهر آهي ته گورنر راج، اڳ سڌي مارشل لا آهي ۽ مخالف ڏر چاهي ٿي ته جيڪڏهن سڄي ملڪ ۾ مارشل لا لڳرائي نه سگهجي ته گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ ته ضروري آهي. سنڌ ۾ اهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ جي مخالفت به سنڌ مان ٿئي ٿي، موجوده جمهوريت آڻڻ لاءِ ٻه سيڪ ڪان وڌيڪ سنڌي ماڻهو وڙهيا هيا ۽ جيڪڏهن ڪراچي کي هانگ ڪانگ ناهڻ لاءِ سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جي ڳالهه ٿي ڪجي ته به مزاحمت سنڌي ماڻهو ڪن ٿا. پر جيڪڏهن ڪراچي جو بحري بندر ۽ شهر ايم ڪيو ايم جي حوالي ٿي وڃي ۽ اتي فري پورٽ قائم

ڪري سگھجي ٿو. پوءِ پرڏيهي فوجن کي هتي آسانيءَ سان آڻي سگھجي ٿو ۽ جي ايئن ٿي وڃي ته پوءِ مڪران جو ڪنارو افغانستان، وچ اوپر، عربن جو تيل ۽ فلسطين جي مسئلي کي چڱيءَ طرح منهن ڏئي سگھجي ٿو ۽ الهندي يورپ، جپان ۽ آمريڪا جي ڪاپي لاءِ عربن جو تيل ان سمنڊ مان آسانيءَ سان ڏوئي سگھجي ٿو جنهن کي قديم زماني ۾ سنڌي سمنڊ، بعد ۾ هندي وڏو سمنڊ ۽ هاڻي عربي سمنڊ چيو وڃي ٿو.

سو اها جنگ اڃا جاري آهي، ختم ناهي ٿي. چون ٿا ته هن جنگ وڙهڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ مناسب موسم اينڊڙ مارچ مهيني تائين آهي ڇاڪاڻ ته پوءِ حالتون بدلجي ويندیون ۽ جنگ وڙهڻ جي نوبت ختم ٿي ويندي ڇاڪاڻ ته تيستائين هڪ ڏر جنگ هارائي چڪي هوندي ۽ بي ڏر سوپاري ٿي چڪي هوندي. ٻڌڻ ۾ ته اهو به اچي ٿو ته تيستائين افغانستان ۽ ڪشمير وارا مسئلا پڻ نه رهندا. بهرحال اها آئيندي جي ڳالهه آهي، اسان کي اڄ جي مسئلي تي ترت سوچڻو آهي.

ان سلسلي ۾ هڪ ڳالهه واضح آهي ته هلندڙ جنگ جنهن ڏر جي خلاف آهي ان جا ڪجهه وقت اڳ هٿ پير ٻڌل هئا البت هاڻي ناهن. گڏيل مخالف ڏر سنڌ جي مورچي تي اها جنگ وڙهڻ لاءِ مخفي طور تي اڳ ئي ايم ڪيو ايم کي مقرر ڪري چڏيو هو پر جيئن ته 14 سيٽن جي لالچ ۾ پ پ ساٿن ناهه ڪري چڏيو هو ان ڪري هو انهن لڪل، مبهم ۽ اندر گرائونڈ حملن بابت سڀ ڪجهه سمجهندي به تدارڪ ڪري نه سگهيا هئا. هاڻي ڪين احساس ٿيو آهي ته يارهن مهينا هنن جنهن نانگ کي ڪير پئي پياريو تنهن هنن جون مرليون ٻڌي ڪين ڏنگ هڻي ڪڍيو. جائي چوندا آهن ته نانگڙ پنهنجا پچا به کائي ويندي آهي. سو هاڻي پ پ سنڌ جي مورچي تي پنهنجي خلاف هلندڙ جنگ ۾ دفاعي حڪمت عملي جي جاءِ تي حملي آور طرز واري لڙائي شروع ڪئي آهي. ۽ ظاهر آهي ته هن بدليل صورتحال ۾

سنڌي سياستدانن کي پڻ پنهنجو رويو نئين سر طيءِ ڪرڻو پوندو. ايڏا به بهتر ته ايئن ٿيندو جيڪڏهن پ پ کان علاوه ٻيا جيڪي به سنڌي سياستدان آهن اهي پاڻ ۾ ڪو اتحاد ناهي سنڌ جي صورتحال ۾ ڪو متفق حڪمت عملي ناهي تيار ڪن. ۽ جيڪڏهن هنن ايئن نه ڪيو يا پ پ هلندڙ جنگ هارائي، ته پوءِ سنڌين کي جيڪو راتاهو ايندو سو 1977ع کان هر صورت ۾ وڌيڪ تباهي آڻيندڙ هوندو.

بهرحال هي ته هڪو پارٽي سياست جو مسئلو- البت عام سنڌي ماڻهن کي هن جنگي صورتحال ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي، ان تي پڻ گهٽو ويچار ڪرڻ ضروري آهي. ۽ ان مسئلي تي ڪا راءِ قائم ڪرڻ کان اڳ ڪين ڏکهي سياسي پسمنظر جي روشنيءَ ۾ سنڌ بابت سوچڻ گهرجي. ڪاش، اسان جو عام سنڌي ماڻهو ماڻڪ پٽاوالا جو ڪتاب سنڌ جي جاگرافي تي، ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي جو پٽائيءَ، ٽي ايم جي اڪبر جو پاڪستان جي ٺهڻ تي ۽ روسي محققن جا پاڪستان تي ڪتاب پڙهي سگهن ها ته ڪين سنڌ جي سياست جو تاريخي پسمنظر سمجهه ۾ اچي وڃي ها. پر اسان جو عام ماڻهو هڪ ته گهڻو پڙهيل ناهي ۽ ٻيو جي پڙهي سگهي ٿو ته رڳو پنهنجي سنڌي ٻولي. ۽ هي سڀ ڪتاب ايڏا سنڌيءَ ۾ ترجمو نه ٿيا آهن. پر اسان جو اڪثريت ٻه آهي ته اسان جا نوجوان ۽ ٻيا پڙهيا لکيا ماڻهو جيڪي انگريزي ٻه پڙهي سگهن ٿا، انهن ٻه گهٽا ڪتاب نه پڙهيا آهن ۽ اسان جهڙا ماڻهو جيڪي ٻين کي ڪتابن پڙهڻ جو درس ڏين ٿا تن ٻه اڄ جي دور جا اهم ڪتاب نه پڙهيا آهن. ڪاش، سنڌ جا سڀيئي ماڻهو سوچي، ايازِ ۽ ٻين اهڙن قابل ماڻهن جيان گهٽو پڙهيل هجن ها.

سو هر سنڌي ماڻهوءَ کي اهو ته ضرور سمجهڻو پوندو ته ننڍي کنڊ هندستان يا پاڪستان جي دائري ۾ اسان سنڌي ماڻهو "ننڍڙي مڇي" (small fish) وانگي آهيون ۽ اسان هڪ اهڙي سمنڊ ۾ رهون ٿا جنهن ۾ وڏيون مڇيون ۽ مانگرمڇ رهن ٿا. انڪري انگريزي

ٻوليءَ جي هڪ قول وانگي اسان کي وڏيءَ عقلمنديءَ سان رهڻو پوندو چاڪاڻ تہ اسان "ننڍي مڇي" آهيون:

"As a Small Fish, we have to live by our wits in a sea, infested by Sharks."

ڀ جيڪڏهن اسان ايئن نہ ڪيو تہ پوءِ اسان جي حالت اهڙي ٿيندي جهڙي پٽائي صاحب پنهنجي شاعريءَ جي هڪ ست بيان ڪئي آهي:

"مڙيا مڇ هزار پاڳا ٿيندي سهٽي."

11 فيبروري 1990ع
هلال پاڪستان

سنڌي ماڻهن آخر
ڇا سوچيو آهي؟

جنرل ضياءُ جنهن لاءِ مرحوم لفظ استعمال ڪرڻ ان لفظ جي توهين آهي سو جيستائين جيئرو هو تيستائين چونڊون نه ڪرائي نه ڪرايائين ۽ ان جو سبب اهو ڏيندو هو ته جيستائين "مثبت نتيجن" جي پڪ نه ٿيندي تيستائين اهڙي عمل جي ضرورت ناهي- پوءِ جڏهن هو 17 آگسٽ 1988ع تي جهاز جي حادثي ۾ مري ويو ۽ نوي ڏينهن اندر چونڊون ڪرايون ويون تڏهن اندازو ٿيو ته هن وارا "مثبت نتيجا" پنهنجي مڪمل روپ ۾ ته نڪري نه سگهيا پر هو جزوي طور تي پنهنجن "مثبت نتيجن" آڻڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿي ويو جنهن لاءِ ظاهر آهي ته اندران ئي اندران ڏاڍي سرگرميءَ سان ڪم ڪندو پئي رهيو جيستائين جيئرو هو. سو جنرل ضياءَ جي من ۾ جن "مثبت نتيجن" جو تصور هو انهن جو جزوي مظهر سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم جون چوڏهن قومي اسيمبليءَ واريون سيٽون ثابت ٿيون. انهن سيٽن جي ڪري سنڌ تي مهاجرن جو ڪوڙو سچو ڪليم جمي ويو ۽ هاڻي هو ڪلئي عام چئي رهيا آهن ته پيو اسان وٽ سڀ ڪجهه آهي، رڳو زمين جو ٽڪرو کپي ته اسان هڪ جدا قوم آهيون ۽ خودمختيار رهي سگهون ٿا. مهاجرن جي طاقت رڳو نومبر 88ع واريون چونڊون جي ڪري ئي ظاهر نه ٿي آهي پر ان سلسلي ۾ پيا به ڪوڙ ڪارڻ آهن جن هنن کي سنڌ فتح ڪرڻ جي سلسلي ۾ همٿايو آهي. هن وقت هيءَ "ننڍڙي مچي" وڏي مانگر مچ ٿي وئي آهي ۽ خود پ پ حڪومت جي ڇار ۾ به نه ٿي قاسي. هنن ماڻهن جي اڳيان ۽ پويان ظاهر ۽ لڪل

هٿ چرپر ۾ آهن ۽ سنڌ يا پاڪستان جي ساونڊي ڪناري تي هنن جي اڪثريت ڪين ڪيترن ئي بيروني طاقتن وٽ اهميت ڏٻي ڇڏي آهي. چون ٿا تہ ڪراچي جي بندر وٽان الهندي يورپ، جپان ۽ آمريڪا جي استعمال جي ڪاپي جو تمام گهٽي حصي وارو تيل جيڪو عربن کان زوري وٺي نيو ويچي ٿو ان جي آمدرفت کي محفوظ بڻائڻ لاءِ ڪراچي جي بندر تي اثر رسوخ هڻڻ ضروري آهي. ان حوالي سان مغربي يورپ جا ملڪ ۽ آمريڪا پڻ واويلا ڪندا آهن تہ روس تيل جي هن وهڪري کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ پاڻ کي بلوچستان ۾ مضبوط ڪري مڪران جي ڪناري تائين اچڻ گهري ٿو تہ جيئن هندي وڏي سمنڊ جي گرم پاڻيءَ تائين ان جي رسد ممڪن ٿي سگهي. هي علائقو هونئن ب فوجي ۽ جاگرافيائي لحاظ کان اهميت وارو آهي ۽ هرموز واري ساونڊي ڇاڙهہ مڪران جي ڪناري تي بلوچستان جي ڏاکڻي سرحد سان اچي ٿي لڳي جتان ويهي اونهي سمونڊ مان تيل جي ان وهڪري کي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو ۽ هي اهڙو علائقو آهي جتي جنهن ب دنيا جي طاقت جو اثر رسوخ هوندو اها ايراني نار جي ملڪن کي زير ڪرڻ جا خواب ڏسي سگهي ٿي.

سو ان بين الاقوامي پسمنظر جي روشني ۾ ڪراچيءَ جو مسئلو ۽ سنڌ جي هن وڏي ۾ وڏي شهر ۾ رهندڙ ماڻهن جي سياسي منصوبن جو جائزو وٺي سگهجي ٿو ۽ ان خطري کي محسوس ڪري سگهجي ٿو جيڪو هن دفعي سنڌ کي ڏکڻ طرف کان پيدا ٿيو آهي. البت هن هيڏي ساري خطري جي سلسلي ۾ سنڌي ماڻهن چا سوچيو آهي ۽ چا ٿا سوچي سگهن، چا ڪري رهيا آهن ۽ چا ٿا ڪري سگهن، اهو اهم مسئلو آهي. لڳي ٿو تہ ان مسئلي تي اسان اڃا سنجيدگي سان سوچيو ئي ناهي ۽ نہ ڪجهہ ڪري سگهيا آهيون. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ان مسئلي جو ڪو حل ڳوليو وڃي ۽ ان حل جي تلاش ۾ تحرڪ وٺجي. هي اهڙو مسئلو آهي جنهن جو حل

ڳولڻ لاءِ پاڻ کي نہ ڪنهن غلط فهميءَ ۾ رهڻ گهرجي ۽ نہ ڪنهن خوش فهمي جو شڪار ٿيڻ گهرجي. نہ پنهنجي طاقت کي وڌائي پيش ڪرڻو آهي ۽ نہ ان کي گهٽائي ڏسڻو آهي ۽ جنهن ڏر جو مقابلو ڪرڻو آهي ۽ ان طاقت کي پڻ حقيقت پسنديءَ سان تپاسڻو پوندو.

في الحال تہ ايم ڪيو ايم پهريون پيرو رياستي قوم سان ٽڪر کائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اها غلطي کائنس ان ڏينهن کان وٺي سرزد ٿي آهي جنهن ڏينهن هنن هڪ طرفو پ پ سان ناهہ ختم ڪري اسلامي اتحاد سان ناهہ ڪيو هو. هي فيصلو ايم ڪيو ايم ان خوشفهمي يا غلط فهمي وچان ڪيو هو جنهن تحت هو هميشہ سمجهندا ايندا آهن تہ پ پ بلڪل اقتدار ۾ نہ اچي ها جيڪڏهن ان کي سندن چوڏهن سيٽون نہ ملن ها پر اهو جادو عدم اعتماد واري رٽ جي ناڪام ٿيڻ سان ٽٽي ويو آهي ۽ ايم ڪيو ايم جا حرفتي سياستدان سياسي شطرنج جي هڪ اوکي چال ۾ ڦاسي پيا آهن. اها پي ڳالهہ آهي تہ هو اجا ان ضد تي قائم آهن تہ پ پ جي حڪومت اسان جي حمايت کانسواءِ گهٽو وقت هلي نہ سگهندي. هن سياسي ڳجهارت جو جواب ايندڙ مارچ تائين ملي ويندو ۽ پوءِ صورتحال بلڪل چٽي ٿي ويندي. تيستائين ڏسڻو اهو آهي تہ پ پ جي حڪومت ايم ڪيو ايم سان ڪهڙي نموني ٿي سلوڪ ڪري. قانون کي واقعي سختيءَ سان نافذ ٿو ڪيو وڃي ۽ قانون کي هٿن ۾ ڪٽڻ وارن سان ڪا نرمي ڪرڻ کان نابري واري ٿي وڃي يا اجا بہ سياسي ڏي وٺ کي سهارو سمجهي لکيل ۽ اڻ لکيل ناهہ ٿو ڪيو وڃي. ان سياسي کيل جا مڙئي پتا بہ تہ پ پ جي هٿ ۾ ناهن. ان ڪري يقين سان چئي نہ ٿو سگهجي تہ اُٺ ڪهڙي پاسي جهڪندو.

بهرحال هن وقت پ پ سنڌي ماڻهن جي نمائندگي ڪري رهي آهي ان ڪري جن ماڻهن ان کي پنهنجي قيمتي ووٽ جي مدد سان زمين تان کٽي آسمان تي پهچايو آهي ۽ اقتدار جي هندورن ۾ لوڏيو آهي، اهي ضرور اهڙي اميد رکندا تہ سنڌ جي قومي بقا وارن

مسئلن جھڑوڪ بھارين جي آمد، ڪالا باغ ڊيم، چانوڙيون ۽ لساني مسئلي تي سندن چونڊيل پارٽي ڪو به سمجھوتو نه ڪندي. اھا ڳالھ پ پ جي پڙ سياسي مفاد وٽان آھي چاڪاڻ ته تاريخ ۽ عوام جي عدالت ۾ ڪنھن به سياسي سفارش جي ڪا به گنجائش ناھي ھوندي.

25 فيبروري 1990ع
هلال پاڪستان

سنڌين جي قومي حقن جو ڇا ٿيندو؟

چوٿين مارچ سنڌين جي قومي حقن واري هلچل جو هڪ يادگار ڏينهن آهي جيڪو هر سال پابنديءَ سان ملهايو ويندو آهي. سنڌ ۾ "ون يونٽ" جي خلاف هلايل تاريخي تحريڪ دوران 1967ع ۾ هن ڏينهن تي سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شاگردن پنهنجي خون جو نذرانو ڏيئي هن ڏينهن کي امر ڪري ڇڏيو هو. ان وقت ملڪ جي مظلوم قومن پنهنجن قومي ۽ جمهوري حقن لاءِ جيڪا جدوجهد هلائي هئي تنهن فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي فوجي ڊڪٽيٽرشپ کي گوڏا کوڙائي ڇڏيا ۽ 1969ع ۾ يحيٰ خان کي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر بڻائي ايوبي مارشل لائي دور پنهنجي اختتام تي پهتو هو. جنرل يحيٰ خان تنهن وقت جي سياسي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ ون يونٽ توڙي 1970ع وارين چونڊن ڪرائڻ لاءِ مجبور ٿيو هو جنهن جي نتيجي ۾ بنگالي رهنما مرحوم مجيب الرحمان سڄي ملڪ ۾ گهٽي ۾ گهٽيون سيٽون کٽي ڪامياب ٿيو هو پر هن کي اقتدار حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو جنهن ڪري ملڪ جو وڏو اڌ جدا ٿي بنگلاديش بڻجي ويو ۽ اوير پاڪستان جي جدا ٿيڻ کانپوءِ باقي بچيل اولهه پاڪستان ۾ اڪثر سيٽون حاصل ڪندڙ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي کي "نئين پاڪستان" جو پهريون سول مارشل لا ائڊمنسٽريٽر، صدر ۽ وزيراعظم مقرر ڪيو ويو. سو اهڙي طرح هن ملڪ جي تاريخ ۾ جنهن کي جمهوريت جو پهريون دور ڪوٺجي ٿو ان کي آٽڻ ۾ چوٿين مارچ واري جدوجهد ۾ حصو وٺندڙ سنڌي

شاگردن ۾ عوام جو پڻ حصو ڳنڍيل هو.

بهرحال سنڌين جي قومي حقن واري تحريڪ گهٽو پراٽي آهي، شايد ايترو جيترو سنڌي ماڻهو قديم آهن. پر اڄ تائين ان تحريڪ جي حاصلات اطمينان جوڳي ثابت ٿي نه سگهي آهي. ان جا کهڙا ڪارڻ آهن تنهن کي معلوم ڪرڻ لاءِ وڌي ريسرچ جي ضرورت آهي، البت ڏکوئيندڙ حقيقت اها آهي ته اسان اڄا تائين تحريڪ جي حاصلات جي پهرين ڏاکي تي به پير رکي نه سگهيا آهيون. يعني اڄا تائين اسان کي هڪ "قوم" طور تسليم ئي نه ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته جڏهن سنڌين کي قوم تسليم ڪيو ويندو تڏهن ئي انهن جي قومي حقن جي حاصلات بحث هيٺ ايندي. هن وقت صورتحال اها آهي ته گذريل 42 سالن دوران ملڪ جي آئين ۾ ڪڏهن به هن حقيقت کي تسليم نه ڪيو ويو آهي ۽ موجوده پارليامينٽ جيڪا گهٽو تڻو سنڌين جي ووٽن سان حڪومت هلائي رهي آهي، اها به سنڌين کي هڪ قوم تسليم نه ٿي ڪري ۽ نه سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي تسليم ٿي ڪري. هن وقت جنهن رياستي ڍانچي ۾ اسان رهون ٿا ان ۾ چيو وڃي ٿو ته پاڪستان يڪ-قومي رياست آهي جنهن جي قومي ٻولي اردو آهي. ان حقيقت جو اظهار تازو پ پ جي هڪ اڳواڻ امير حيدر ڪاظميءَ ٿي ويءَ ٿي تقرير ڪندي پڻ ڪيو ۽ چيائين ته پاڪستان ۾ جنهن ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو آهي اها ملڪ جي ڪنهن به صوبي جي ماڻهن مان ڪنهن جي به مادري ٻولي ناهي. هيءَ ڳالهه هن انهيءَ تقرير ۾ ڪئي هئي جنهن ۾ هو مهاجرن کي احساس ڏياري رهيو هو ته اوهان کي هن ملڪ ۾ ڪڏهن ٻئي درجي جو شهري ڪري نه لکيو ويو آهي.

پر اها ڪالهوڪي ڳالهه آهي ته 1986ع جي مارچ ۾ ترقي پسند گولڊن جوبلي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي ڪراچي جي پريس ڪلب ۾ ملڪ جي مڙني ٻولين جي چوٽي وارن اديبن ۽ دانشورن ان حقيقت کي تسليم ڪري ان اعلان نامي تي صحيحون

ڪيون هيون جنهن ۾ صاف طور لکيل هو تہ پاڪستان هڪ گھٹ- قومي رياست آهي، اردو صرف رابطي جي ٻولي آهي ۽ ملڪ جون قومي ٻوليون آهن پنجابي، سنڌي، پشتو، بلوچي ۽ سرائيڪي- هن اعلان نامي تي اردو ٻوليءَ جي چوٽيءَ وارن اديبن پٹ صحيحون ڪيون هيون جن ۾ ٻين کان علاوه مرحوم سبط حسن، شوڪت صديقي، زاهده حنا، اسلم اظهر، بابر ايان، مسلم شميم، مظهر جميل ۽ هندستان جا اردو اديب شامل هئا. ان ڪانفرنس ۾ سنڌي اديبن جي رهنمائي سنڌي ادبي سنگت ڪئي هئي ۽ سنڌي دانشورن پاران افتتاحي اجلاس کي جناب شمشير الحيدريءَ خطاب ڪيو هو جڏهن تہ ننڍي کنڊ جي مهان دانشور سوڀو گيانچنداڻيءَ سنڌي اديبن پاران مرڪزي اعلان نامي تي صحيح ڪئي هئي. سو اهڙي طرح هن ملڪ جا اديب ۽ دانشور جيڪي قومن جو ضمير ٿيندا آهن انهن تہ ان حقيقت کي تسليم ڪيو آهي تہ پاڪستان هڪ گھٹ-قومي رياست آهي جنهن ۾ پنجابي، سنڌي، پشتون، بلوچ ۽ سرائيڪي "قوم" جي حيثيت ۾ رهن ٿا ۽ انهن جون ٻوليون قومي زبانون آهن.

بهرحال، اها ڳالهہ اسان ملڪ جي پارليامينٽ، آئين ۽ حڪمران پارٽيءَ کان ميڙائي نہ سگهيا آهيون ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌين جي قومي حقن جو ڪو تدارڪ نہ ٿو ٿئي. ظاهر آهي تہ جڏهن اسان قوم ئي ناهيون تہ پوءِ اسان جا قومي حق ڇا آهن؟؟ ۽ هاڻي تہ صورتحال وڃي ان هنڌ بيٺي آهي جو ڪشميرين جو خود اختياري ۽ مهاجرن جي جدا قوم هئڻ وارن مطالبن جو شور ايڏو تہ وڌي ويو آهي جو ان گوڙ ۾ سنڌين جي قومي حقن جو آواز ٻڏڻ ۾ ئي نہ ٿو اچي. ڇا ان صورتحال ۾ اهو ممڪن آهي تہ سنڌي ماڻهن جن اڳواڻن کي پنهنجو قيمتي ووٽ ڏيئي قومي اسيمبليءَ ۾ پهچايو آهي انهن کي وڃي وينتي ڪن تہ هو ملڪي پارليامينٽ جي مدد سان ملڪي آئين ۾ ان تاريخي حقيقت کي شامل ڪرائي ڏين تہ سنڌي هڪ قوم آهن، هنن جي ٻولي قومي ٻولي آهي ۽ هي ملڪ هڪ گھٹ

قومي رياست آهي. جيڪڏهن ايئن ممڪن ناهي تہ پوءِ سنڌين جي قومي حقن جو ڇا ٿيندو جيڪي سندن جمهوري ۽ بنيادي انساني حق پڻ آهن؟؟؟

آچر 4 مارچ 1990ع
هلال پاڪستان

ڏُکيون جان نہ مڙن،
تان تان پَنڌ نا ٽٽي

جنرل ضيا هڪڙو قانون ناهيو هو جنهن ۾ چيل هو تہ ٻن عورتن جي شاهدي هڪ مرد جي شاهديءَ جي برابر آهي. يعني مرد کي جيڪا اهميت آهي عورت کي ان جي اڌ جيتري اهميت آهي. جنرل ضيا جا پوئنئر سياستدان جيڪي اڄڪلهہ اسلامي اتحاد جي جهنڊي هيٺان اڄي گڏ ٿيا آهن انهن مولوين فتوائون ڏنيون هيون تہ عورت کي حڪمراني جو حق ناهي. پر جڏهن چونڊون ٿيون تہ خبر پئي تہ ماٺهن جنرل ضيا جي حامين کي هارائي هڪ عورت کي حڪمراني ڏئي ڇڏي. پاڪستان جي ان خاتون وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو عورتن جي عالمي ڏينهن يعني 8 مارچ تي پنهنجي پيغام ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ عورت سان "متيبد" ختم ڪيو وڃي ۽ خاص ڪري پهراڙيءَ جي عورتن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي. عورتن سان "متيبد" ختم ڪرڻ جي معنيٰ اها آهي تہ عورت کي مرد جي برابر سمجهيو وڃي. يعني جيڪڏهن مرد انسان آهي تہ عورت بہ انسان آهي ۽ پنهي کي هڪجهڙا حق آهن.

پر جيڪڏهن ڏنو وڃي تہ سنڌ جي پهراڙين ۾ ماٺهن ووٽ تہ بينظير کي ڏنا آهن پر عورتن جي معاملي ۾ سندن رويو جنرل ضيا جي پوئنئرن وارو آهي. مثال: اسان جا ڪيترا ڳوٺاڻا سنڌي پنهنجين چوڪرين کي پڙهڻ کان روڪيندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن جي گهر ۾ ڏيءُ جائي تہ جڻ قيامت اچي وئي پر جي پٽ جائو تہ قرض ڪٽي بہ ان جي ڏام ڏومر سان ڇني ڪئي ويندي. چوندا تہ زائفان کي ڪڙيءَ ۾

عقل ٿيندو آهي. ۽ جي ٿورڙيءَ ڳالهه تان ڪاوڙجي پيا تہ ٻچن ٻارن واري زال کي طلاق ڏيئي ٻيءَ عورت سان ويجي شادي ڪندا. پر اڪثر ڪري تہ ايئن بہ ڏٺو ويو آهي تہ اڳين زال کي طلاق ڏيڻ کانسواءِ ويجي ٻي شادي ڪندا ۽ اهو نہ سوچيندا تہ اڳينءَ عورت کي سموري ڄمار سورن ۾ وجهي رهيا آهن. اسان جو ڳوٺاٽو هاري ٽڪو ٽٽو ٻنيءَ مان ڪم ڪري گهر موتندو ۽ جي ڏنائين تہ جوٽس ايڄا ماني نہ پچائي آهي تہ ڏنبو ئي هڪڙو ڏينندس ۽ پوءِ ويجي مقام ۾ پوري اينداس. ۽ وري جيڪڏهن ڪنهن شاهينگ شرارت ڪري اک پيجي جوٽس بابت ڪا ڪوڙي سوڙي خبر ٻڌايس تہ بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڪهاڙيءَ سان ڳترا ڳترا ڪري فخر سان رت ۾ ٻڌل ڪهاڙي لوڏيندو اچي ٽاٽي تي بيان ڏيندو تہ مان زال کي ڪاري ڪري ماري آيو آهيان.

وري اسان جون ڳوٺاٽيون مايون هونئن تہ بينظير جي نائنوءَ تان قربان پيون ٿيندیون پر جي سندن اندر کوٽبو تہ چوندیون، "ابا مرد ڪولين ڪاڌل تہ بہ زائفان کان پلو۔ جڏهن ڪنهن چوڪريءَ جي شادي ڪرائيندیون تہ چوندیون تہ ادي، نياڻيءَ کي شينهن ڪلهي چاڙهيوسون. پلي تہ اهو مرد گدڙ کان ويل هجي. نياڻيءَ کي ڪوٺيندیون ست قرآن پر وقت اچڻ تي ڪيس ٽڪن تي پرٽائي ڇڏيندیون.

پر هي تہ ٿيا سنڌ جي پهراڻين جا اٻوجهہ، غريب، علم کان وانجهيل ۽ نئين دنيا کان اڻ واقف ماڻهو۔ اچو تہ پڙهيل ڪڙهيل، روشن ضمير، ترقي پسند ۽ انقلابي سوچ رکندڙ سنڌي نوجوانن جو عورت ذاتهن رويو پرکيون. هتي نالن وٽڻ جي ضرورت ناهي، ٿوري نظر ڦيرائي ڏسو. اوهان کي کوڙاهڙا اديب، فنڪار سياستدان ۽ اعليٰ تعليم يافتہ نوجوان ملندا جيڪي جنسي هوس واريءَ ذهني بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي ٻچن ٻارن واريون زالون ڇڏي ويجي چلڪٽين چوڪرين سان شاديون رچايون آهن جڏهن تہ هنن جون اڳيون زالون رتِ جا

ڳوڙها هاري رهيون آهن. انهن سان ڳالهائيندو تہ چوندا: آزادي انسان جو بنيادي حق آهي ۽ بحث ڪيو تہ خبر پوندي تہ اها آزادي جيڪا انسان جو بنيادي حق آهي، سا هو عورت کي ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. پاڻ عورت جي پردي خلاف تقريرون ڪندا ۽ پنهنجين زالن کي پردو ڪرائيندا. پاڻ نائٽ ڪلبن جا شوق رکندا هوندا پر پنهنجين گهر وارين کي شاديءَ کانپوءِ نوڪري ڪرڻ نہ ڏيندا.

هڪڙو واقعو ياد ٿو اچي. 1983ع واري ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران سکر جيل ۾ ڪجهہ سنڌي نوجوان مزدور ڪسان پارٽيءَ جي سربراهہ فتحياب علي خان سان انقلاب جي سائنس، مارڪسزم لينن ازم تي بحث ڪرڻ ايندا هئا. خير اهو ڏسي حيرت لڳندي هئي تہ ننڍي عمر هڻڻ جي باوجود اسان جا نوجوان انهيءَ جهوني سياستدان کي سياسي بحث ۾ تہ منجهائي وجهندا هئا. بهرحال فتحياب علي خان ايئن چئي انهن ڇوڪرن کي لاجواب ڪري ڇڏيندو هو تہ "اوهان مارڪسزم ۽ لينن ازم جو ڪيترو بہ مطالعو ڪيو پر اوهان جي دماغ جي پوئين حصي ۾ عورت جي سلسلي ۾ هڪ "وڏيرو" ويٺو آهي. اها ڳالهہ شايد هنن کي دل سان لڳندي هئي تہ هو خاموش ٿي ويندا هئا.

سو عورت تي ٿيندڙ ظلمن جي ڪٿا ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي. ايتري تہ وڏيرن، پيرن، سيئين ۽ قبائلي سردارن جا ڪلور ۽ انهن جا تفصيل باقي آهن. ظلم جي ان ڀيچارينڊ داستان جون جهلڪيون "تيررست" ڪتاب، آنڙيءَ جي ڪهاڻي، ماڻڪ جي ڪهاڻي "ڪاري"، نورالهدي شاهہ جي ڪهاڻي "جلاوطن"، جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ "سينڊ" شيخ ايازجي "مشير نامي" ۽ بين ڪيترن ئي سنڌي شاهڪار ادبي لکڻين ۾ موجود آهن. ۽ انهيءَ سموريءَ ماجرا کي ڏسندي محسوس ٿئي ٿو تہ دنيا جو ورلي ڪو اهڙو مرد هوندو جنهن عورت کي ڪمزور سمجهي ان سان زيادتي نہ ڪئي هوندي.

بهرحال سوچڻ جي اها ڳالهہ آهي تہ ان مظلوم انسانيت

جنهن جو نالو عورت آهي ان خلاف ظلم ۽ زيادتي کي کيئن ختم ڪجي. اهو ان ڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته عورت اسان جي آبادي جو هڪ اندازي موجب وڏو اڌ آهي- ۽ جيستائين اسان جي عورت ان حالت ۾ رهندي تيستائين اسان هڪ قوم جي حيثيت ۾ مضبوط ٿي نه سگهنداسون. ڇا ان مسئلي جو اهو حل آهي ته سنڌي سماج مان جاگيرداري ثقافتي قدرن کي پاڻڻ پٽڻ لاءِ جاگيرداري سرشتي کي ناس ڪيو وڃي. ڇا ملڪي قانون جي انهن فقرن کي مٽائڻ ضروري آهي جيڪي عورت جي حقن تي کهاڙي ٿي ڪڙڪن ٿا. ڇا اهو ضروري آهي ته اڳ ۾ مرد کي هڪ مهذب انسان بڻائجي ته جيئن هو عورت تي ظلم ڪرڻ بند ڪري. يا ان مسئلي جو صرف اهو ئي حل آهي ته عورتون پاڻ ۾ متحد ٿي ڪا مضبوط تنظيم جوڙي پنهنجن حقن لاءِ جدوجهد ڪن يا ايئن ٿي سگهي ٿو ته مرد ۽ عورتون گڏجي ان ظلم خلاف تحرڪ ۾ اچن ۽ ان نظام کي بدلائي چڏين جنهن ۾ مرد عورت تي فوقيت رکي ٿو؟؟؟

ڏکيون جان نه مڙن، تان تان پنڻ نا ٽئي
پٽڻ واريون پڌريون، ڳاڙها ڳل سندن
سي هينئن هٽ هٽن، رئندیون رئڻ واريون.

پٽائي

11- مارچ 1990ع
هلال پاڪستان

سنڌو درياء کي جهاز راني ۽ لائق بڻائڻ واري اسڪيم

سنڌو درياءَ کي جهاز راني ۽ لائق بڻائي ان ۾ آڳبوٽن، انجڻ تي هلندڙ ٻيڙين ۽ بحري جهازن ذريعي واپاري سرگرمي ۽ کي وڌائڻ لاءِ موجوده حڪومت جهجهي رقم ستين پنج سالي رٿا ۾ رکي آهي ۽ واسطيدار ماهرن کي چيو ويو آهي ته اهي ان اسڪيم جو جائزو ونڻن، ته ان تي عمل ڪيئن ڪجي، ان سلسلي ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهر، جيڪي جهاز راني واري علم ۽ هنر کان واقف آهن، اهي پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويا آهن. ۽ ٿورو گهڻو جيڪو سروي جو ڪم ٿيو آهي ان ۾ سفارش ڪئي وئي آهي ته هيءَ اسڪيم ملڪي واپار ۽ تجارتي مال جي اڇ وڇ جي سلسلي ۾ نه رڳو فائديمند ثابت ٿيندي، پر ان شيءِ ۾ هڪ قسم جو انقلاب آڻي ڇڏيندي، پر ڪي حلقا ۽ انهن حلقن جا حامي ماهر اهڙيءَ درياهي آمدورفت واريءَ اسڪيم جي مخالفت ٿا ڪن ۽ چون ٿا ته واپاري ۽ تجارتي سرگرمي هن وقت جنهن طريقي سان خشڪي رستي، ريل وسيلي ۽ هوائي سفر جي مدد سان هلي رهي آهي ان کي تبديل ڪرڻ نه گهرجي، جيڪي ماهر سنڌوءَ کي جهاز راني لائق بڻائي ڪراچيءَ کي ڪالا باغ تائين ۽ پنجاب جي ٻين اترين علاقن تائين پاڻيءَ رستي واپار کي وڌائڻ جا حامي آهن، انهن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن هن اسڪيم تي عمل ڪيو ويندو ته هڪ ته واپاري مال جي ڍوئڻ تي هن وقت جيڪو خرچ ٿي رهيو آهي اهو ڏهوڻو گهٽجي ويندو ۽ ٻيو خشڪي، ريل ۽ هوائي سفر ۾ جيڪو تيل جو ڪاپوٽي رهيو آهي ان ۾ ٻڌ بيحد ڪٽوتي ايندي، ٽيون مال جي ڍوئڻ ڪري روڊن کي جيڪو نقصان ٿي رهيو آهي اهو به گهٽجي

ويندو ۽ شاهراهن تي حادثن ۾ ڪمي اچي ويندي جنهن ڪري انساني حياتيءَ جو زيان بہ گهٽو رکجي ويندو. ان کانسواءِ سنڌ ۽ پنجاب جي ٻهراڙين وارن علاقن کي ترقي ملندي ۽ سنڌو درياءَ جي ٻنهي ڪنارن تي هنڌ هنڌ ننڍا وڏا بندر قائم ٿي ويندا جنهن ڪري ميربحرن جو پلو ٽيندو ۽ ٻيڙا ٺاهڻ واري صنعت ترقي ونڊي. ان سان گڏ سنڌ ۽ پنجاب جي ميداني علاقن جي وچ مان وهندڙ سنڌو درياءَ جي ٻنهي ڪنارن تي ڪچي جي علاقي ۾ جيڪو قيمتي ڪاٺ، جانورن جون ڪلون، اناج، تيلي ٻج، ماکي، مکڙ، گيهه، واڻ، ڏاس، ڇهن مان ٺهيل کارا ۽ ڇپريون، توڙي حلال حرام جانور وغيره موجود آهن انهن جو ملهه وڏي ويندو ۽ اتي رهندڙ ماڻهو آسودا ٿي ويندا. سنڌو درياءَ جي رونق وڏي ويندي، ڪچي جي علاقي ۾ ڪروڙين رپين جي مالیت جا جهاز ۽ مال جڏهن گذرندا تہ ان لاءِ ڪجندڙ حفاظتي اپائن جي ڪري درياءَ جي ڪنارن تي ڏاڙيلن جو آزار پڻ ختم ٿي ويندو ۽ پري پري کان، ڏيسارو کان ماڻهو هن تاريخي درياءَ ۾ سفر ڪرڻ لاءِ ڪهي ايندا، جنهنڪري سياحت کي پڻ ترقي ملندي سو حڪومت سميت ڪيترائي غير حڪومتي حلقا ان اسڪيم ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺي رهيا آهن. پر ان تي عمل ڪرڻ جي سلسلي ۾ وڏي ۾ وڏو مسئلو اهو آهي تہ سنڌو درياءَ ۾ پاڻي ڪٿان آڻجي؟ جهاز ۽ آڪبوٽ واريءَ تي تہ ڪو نہ هلندا. واريءَ وارا آڪبوٽ تہ آهن اُٿ، جيڪي هن وقت بہ هر پتڻ تي ڪُڄي رهيا آهن، البت ايڪيهين صدي جي تجارت جو بار ويچارا اٿ ڪيترو کٽي سگهندا، انهن کي تہ سرنهن جي ڪُولار واريءَ موسم ۾ مست بہ ٽيٽو هوندو آهي، سو اُٿن کي ايترو وقت بہ ناهي جو اهڙيءَ اسڪيم کي ڪلهو ڏئي سگهن، انڪري ضروري آهي تہ سنڌوءَ درياءَ ۾ پاڻي وهائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي، تہ جيئن ملڪي واپار خشڪي، ريلوائي ۽ هوائي رستن واري مهانگي سرشتي بدران سستي اگهہ تي پاڻيءَ واري رستي وڏائي سگهجي. پر پاڻي جي ڪنجي تہ پنجاب جي ڪيسي ۾ آهي ۽ پاڻي جيتوڻيڪ پنهنجي جاءِ تي غير سياسي شيءِ

آهي ۽ آڪسيجن ۽ هائڊروجن مان ٺهيل آهي پر جنهن کي "پاڻي جو مسئلو" ڪوٺجي ٿو سو اڄڪلهه جي زماني ۾ انتهائي خطرناڪ "سياسي مسئلو" ٿي پيو آهي. سو سنڌوءَ کي جهاز راني لائق ڪري ان ۾ واپاري سرگرميءَ کي ترقي ڏيڻ واريءَ حڪومت جي رٿا آڏو هڪڙي اها وڏي رڪاوٽ آهي. ۽ پيو وڏو مسئلو اهو آهي ته جيڪي ماڻهو هن وقت خشڪي، ريلوائي ۽ هوائي رستي هلندڙ واپار مان ڪروڙپتي ٿي ويا آهن اهي پاڻي وارو رستو ڪولڻ سان ڪنگلا ٿي ويندا. ان ڪري انهن جي پڻ ڪوشش آهي ته هي اسڪيم هلي نه سگهي ته چڱو. بهرحال جيڪڏهن حڪومت پنهنجيءَ تي اچي ته سڀ ڪجهه ڪري ٿي سگهي، چاڪاڻ ته ان کي هڪڙو پيو فائدو به ٿيندو. اڄ سرڪاروٽ جيڪا بحري فوج آهي ان جو دائرو ساموندي ڪناري تائين، يعني ڪراچي کان ڏڻي ضلعي جي پڇاڙ تائين محدود آهي. پوءِ بحري فوج ڪراچيءَ کان اسلام آباد تائين پڪڙجي سگهي ٿي. بهرحال ان سلسلي ۾ پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ جون ٿا ته ڪوناهه ٿيو آهي جنهن تحت آمريڪي ماهر ان مسئلي جو اڃا به گهرو جائزو ونڊندا ۽ پاڪستان جي حڪومت کي پنهنجي نيڪ مشوري کان آگاهه ڪندا. تازو ڪراچيءَ ۾ ٿيل ان موضوع تي هڪڙي سيمينار ۾ هڪ آمريڪي ماهر پاڪستان جي حڪومت کي اهڙي صلاح ڏني آهي ته ملڪ جا جيڪي به پاڻيءَ وارا ذخيرا آهن انهن کي منظم طريقي سان استعمال ڪري سنڌو درياءَ ۾ جهجهو پاڻي وهائي سگهجي ٿو.

سو جهڙيءَ طرح "پاڻي واري مسئلي" جي ڪنجي پنجاب کي ڪيسي ۾ آهي، اهڙيءَ طرح وري ڏاڙيلن جي مسئلي جي ڪنجي وڏيرن جي ڪيسي ۾ آهي. بهرحال ڏسڻو اهو آهي ته آمريڪي ماهر جيڪي اڄڪلهه سنڌ جو ڳوٺ ڳوٺ گهمي ڦري ڏسي رهيا آهن اهي ڏاڙيلن ۽ وڏيرن جي سلسلي ۾ حڪومت کي ڪهڙو نيڪ مشورو ٿا ڏين.

آچر 18- مارچ 1990ع
هلال پاڪستان

پاڪستان جي تحريڪ
۽ اڇو ڪونسل

اسان واري نسل پاڪستان جي تحريڪ پنهنجين اکين سان ڪا نہ ڏٺي هئي ۽ ان بابت اسان واريءَ ٿهيءَ وٽ جيڪا معلومات آهي سا يا تہ ٻڌ سڌ تي ٻڌل آهي يا ان تحريڪ بابت ڇپيل ڏيهي ۽ پرڏيهي ليکڪن جي ڪتابن تان ورتي وئي آهي، پر ان جو اهو مقصد ناهي تہ جيڪڏهن اسان 1947ع ۾ ابهمر پار هئاسون تہ ان ڪري اسان پاڪستان جي تحريڪ بابت اڻ واقف آهيون.

اسان تہ ان وقت بہ پيدا ڪو نہ ٿيا هئا سون جڏهن مهين جو ڏڙو دنيا جو سپ ڪان وڏو ۽ سڌريل شهر هوندو هو يا ديبل بندر تي ڊڇ، پورچوگيز ۽ انگريز اچي پنهنجا جهاز بيهارينداهئا، ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڌ جي سنڌن مان چوسي رت ست ڪيي وٺندي هئي ۽ ڏاهن حڪمرانن جي حڪم تي بيحد ڪاريگر ماڻهن هزارن پورهيتن جي مدد سان ديبل بندر تي جيڪو هڪ شاندار قلعو ٺهرايو هو تنهن کي انتهائي بي دردي ۽ سفاڪي سان هڪ عرب جنرل اچي تباهہ ڪيو هو. اهڙي طرح جڏهن رني ڪوٽ آباد هو آمريءَ ۾ سڌريل ماڻهو رهندا هئا، منچر ڍنڍ سنڌ جو اڪيلو جياپو هئي ۽ پهريون دفعو درياءَ ڳڙ ڳڙ ڪري وهڻ لڳو هو تہ اهي سپ ڏيڪ اسان اکين سان ڪو نہ ڏٺا هئا، پر اڄ اسان انهن سيني تاريخي واقعن بابت حال سارو معلومات رکون ٿا جيڪا اسان علم جي خزانن مان حاصل ڪئي آهي جن کي ڪتاب سڏجي ٿو. جيستائين پاڪستان جو تعلق آهي تہ ان جي تخليق دوران هلايل تحريڪ ۾ اسان نہ حصو

ورتو هوءِ نہ وري ڪنهن خاموش تماشائيءَ وانگي ان ڪي پري ويهي ڏٺو هو. البت ان تحريڪ ۾ ان بحراني صورتحال بابت اسان جيڪو ڪتابن ۾ پڙهيو آهي ان ڪي محسوس ڪري دل ۾ ايندو آهي تہ اهو ڏاڍو سٺو ٿيو جو اسان ان دور ۾ معصوم پار هئاسون جڏهن ماڻهو انسان مان متجي وحشي جانور ٿي ويو هوءِ ننڍي ڪنڊ جي سيني درياڻن ۾ پاڻيءَ جي بدران رت چوليون هٽندو هو.

بهرحال ان ڳالهہ تي حيرت ٿي لڳي تہ سنڌ ۾ ڪي اهڙا بہ ماڻهو رهن ٿا جيڪي پاڪستان ٺهڻ واري سال ايڏا ماڻ جي پيٽ ۾ هئا پر اڄ هو ان تحريڪ جا وڏا چئمپين ٿا چوائين ۽ ايئن ٿا ڳالهائن جڙ سموري ننڍي ڪنڊ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪٿي بہ ڪو تحريڪ پاڪستان جو جلسو ٿيو هو تہ هنن اتي صدارتي تقرير ڪئي هئي. ۽ وري چون ٿا تہ هي ملڪ اسان ٺاهيو هو. هتي ٻيا وري اهڙا ماڻهو رهن ٿا جن جي پنهنجي صوبي ۾ پاڪستان جي تحريڪ دوران يونينسٽ پارٽي اقتدار ۾ هئي جنهن جو خيال هو تہ انگريزن کي هتان واپس وڃڻ نہ گهرجي ۽ هنن جي راج ۾ ننڍي ڪنڊ جا ماڻهو ڏاڍو ترقي ڪري رهيا آهن. اهو ئي سبب هو جو اهي ماڻهو پاڪستان جي تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺي نہ سگهيا ۽ نہ انهن جي صوبي جي قانون ساز اسيمبليءَ سيني کان اڳ ۾ پاڪستان جي حق ۾ ڪو ٺهراءُ پاس ڪيو. پر اڄ اهي ماڻهو انهن کي پاڪستان دشمن، هندستان جا ايجنٽ ۽ علحدگي پسند ٿا ڪوٺين جن ان وقت انگريزن جي مخالفت ڪئي هئي، فرنگين خلاف تحريڪ دوران پنهنجو رت ڏنو هو ۽ هن وقت پاڪستان ۾ جيڪي صوبا آهن انهن مان سڀ کان پهريائين پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو هو.

اهو فيصلو اسان جي وڏن ان وقت ڪيو هو جڏهن اسان بي سمجهہ هئاسون. بهرحال ان فيصلي ۾ صاف طريقي سان چيل هو تہ "ننڍي ڪنڊ جي اتر-اولهہ ۽ اوپر ۾ مسلمانن جي اڪثريت وارن علاقن کي ڳڏي هڪ جدا ملڪ ٺاهڻ گهرجي،" جنهن ۾ شامل

رياستون خودمختيار هونديون. جنهن کي اصلوکو پاکستان جو ٺهراءُ چيو ويجي ٿو ان ۾ هڪ ته "پاکستان" جو لفظ شامل کونه هو پيو جنهن ملک ناهڻ جو ذکر هو ان ۾ شامل ٿيندڙ رياستن جي جيکا حيثيت طئي ڪئي وئي هئي ان لاءِ انگريزي بوليءَ جا ٽي اکر استعمال کيا ويا هئا جن جي لفظي ۽ سياسي معنيٰ سمجهڻ تمام ضروري آهي اهي لفظ هئا In-Autonomous dependent ۽ Sovereign پهرين لفظ جو مفهوم کجهه اهڙو آهي جنهن جي معنيٰ ٿيندي ته نئين ٺهندڙ ملک ۾ شامل رياستون اهو حق رکنديون ته اُهي پنهنجي سياسي ڏانچي کي پاڻ هلائڻ جو اختيار رکن. پئي انگريزي لفظ جو اڄ کلهه سنڌيءَ ۾ صاف صاف ترجمو "خودمختيار" کيو ويندو آهي. ۽ خودمختيار رياستون کيئن ٿيندیون آهن. ان سياسي معاملي کي اڇکلهه اسان جي پهراڻين جا ماڻهو به چڱي طرح سمجهن ٿا ۽ ٽئين انگريزي لفظ جو مفهوم انهن رياستن کي پهرين ٻن لفظن کان به وڌيڪ خودمختياري ڏئي ٿو. جيکڏهن ان لفظ کي سنڌيءَ ۾ سمجهائڻ جي کوشش کجي ته ايئن چئجي ته. "اهڙي رياست جنهن کي پنهنجيون طي ٿيل سرحدون هجن ۽ انهن سرحدن اندر هر شي ۽ هر معاملي تي رياستن کي مڪمل طرح حڪومت ڪرڻ جو حق حاصل هجي." هن لفظ جي سياسي معنيٰ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته هڪ پئي لفظ کي سمجهجي جيکو اڳين لفظ جو ضد آهي. اهو لفظ آهي Suzerainty هن لفظ جي معنيٰ اها آهي ته. "کو ملک پنهنجيون سرحدون لتاڙي وجي پئي ملک جي سرحدن ۾ داخل ٿئي ۽ ان کي فتح ڪري وجي اتي قبضو ڪري. هي لفظ "ساورينٽي" لفظ جو ضد آهي جيکو پاکستان جو 1940ع واري ٺهراءُ ۾ نئين ٺهندڙ ملک ۾ شامل ٿيندڙ رياستن جي سياسي حيثيت بابت استعمال کيو ويو آهي. ان جي باوجود هاڻي ٿا چون ته 23 مارچ 1940ع جي لاهور واري ٺهراءَ ۾ اهي لفظ برابر هئا پر پوءِ قائداعظم ۽ هن جي سياسي

پارٽيءَ اهي لفظ ڪڍي ڇڏيا هئا. سو ان کي چئبو آهي "ڏيکارڻ وارا ڏند هڪڙا ته کائڻ وارا ٻيا۔"

بهرحال اسان جي وڏڙن اسانکي ورثي ۾ جيڪو ڪجهه ڏنو آهي اسان کي انجي مامرن سان منهن ڏيڻو آهي. ۽ اهي مامرا به ڪي معمولي ناهن. اسانجا اهي وڏڙا جن اسان کي هي ورثو ڏنو آهي انهن مان جيڪي لاڏاڻو ڪري ويا آهن انهن لا ءِ ته دعا ئي ڪري سگهجي ٿي ته خدا کين جنت ۾ جاءِ ڏئي ڇاڪاڻ ته جيڪي باقي بچيا آهن اهي ته جيئري ئي جهنم ۾ آهن. هن ملڪ ۾ اهڙي صورتحال جن ماڻهن پيدا ڪئي آهي اهي اڄ به مخالف ڌر ۾ آهن ۽ پاڪستان ٺهڻ وقت به مخالف ڌر ۾ هئا. هنن ئي هتي ٽي مارشلائون لڳرايون آهن ۽ هنن ئي اڳ ۾ بنگلاديش پوءِ بلوچستان ۽ بعد ۾ سنڌ کي رتوڇاڻ سان نوازيو آهي. انهن ئي ماڻهن 4 اپريل 1979ع تي چونڊيل وزيراعظم کي قتل ڪري دنيا کي ٻڌايو ته هن کي قتل جي ڪيس ۾ ڦاسي ڏني وئي آهي. سو انهن ئي ماڻهن جيڪي مامرا پيدا ڪيا تن يارهن سال رت۔پياڪ مارشل لا کي وجود ۾ آندو. ۽ ان نظام جي پڄاڻي جڏهن 17 آگسٽ 1988ع تي ٿي تڏهن خبر پئي ته:

لکي ۽ لاکو ٻئي مئا ٻاجهه ٿي،
قادر لاٿو ڪڇ تان اديون اولاڪو
وانڍين ۾ واڪو ته ريٻاري رهي ويا.

ڀٽائي

آچر 1- اپريل 1990ع
هلال پاڪستان

سچل سرمست جو ميلو

سواڄ 8 اپريل آهي ۽ سياڻي کان وڏي سنڌ جي انقلابي صوفي شاعر سچل سرمست جي درازن ۾ ميلو شروع ٿيندو وارو آهي. 1739ع ۾ پيدا ٿي 1829ع ۾ وفات ڪرڻ کان اڳ سچل جيڪا سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي، ان جي آڏو فن جو هڪ وڏو ڦهاڙ موجود هو. ٻڌائي صاحب جي دور ۾ ڪو ٻيو سنڌي شاعر پيدا ٿي پنهنجو شاعراڻو مقام ناهي، سو ڪو سولو ڪم نه هو. پر هن مست شاعر سرمستي جي جولان ۾ اڇي ملن جون جنهن طرح ٽڪڙيون اڏائي ڇڏيون ۽ سنڌ ۾ سيڪيولزم جي روايت کي پنهنجي امر شاعريءَ سان جنهن نموني جمائي ويو ان خاصيت سچل کي سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ هڪ اعليٰ مقام ڏئي ڇڏيو. سياڻي خيرپور ضلعي جي درازا شهر ۾ هندو مسلمان گڏجي سچل جو ميلو هڪندا ۽ رمضان جي مهيني ۾ سچل جي نگري روزو نه رکندي: "روزا روز رکن، عيد نه اوڏا ڪاپڙي" - ٻڌائي. ان موقعي تي سنڌ حڪومت کي ڇا اها ڳالهه ياد ڏيارڻ ضروري آهي ته سچل اڪيڈمي کي هر لحاظ کان مڪمل ڪري ان جو باضابطه طور افتتاح ڪيو وڃي. ڇا اهو ممڪن آهي ته جنرل ضياءَ جي حڪومت "سچل نيشنل سيمينار" جي موقعي تي 1983ع ۾ خوفناڪ تقريرون ڪندي سچل سيمينار جو جيڪو سلسلو بند ڪري ڇڏيو هو سو بينظير ٻئو جي عوامي حڪومت ٻيهر کولڻ جو فيصلو ڪندي. ڇا اهو ٿي سگهي ٿو ته سرڪاري ڪامورن ۽ سنڌ جي شاهوڪار وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي عياشيءَ ۽ فضول خرچي مان هڪ ڪروڙ ڪن رپيا ڪڍائي سچل تي ادبي تحقيق ڪرائي

وڃي. ڇا ايئن ٻه ٿي سگھي ٿو ته سچل جي فلسفي ۽ شاعريءَ جو انگريزيءَ ۾ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرايو وڃي ته جيئن دنيا کي خبر پوي ته سنڌو ندي جي ڪناري تي، جتي ڪنهن زماني ۾ دنيا جا قديم ترين ڪتاب ويد لکيا ويندا هئا اتي سچل جو رسالو به ترتيب ڏنو ويو هو؟؟؟ پر ان لاءِ ڏوڪڙ ڪٿان ايندا؟ سنڌ حڪومت وٽ ته جيڪو ٿورو گھٽو پئسو آهي سو قانون نافذ ڪندڙ ادارن کي ڏئي دهشتگردن ۽ ڏاڙيلن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي باوجود ان جي ته پوءِ به اهو آزار ختم ٿيندو نظر نه ٿو اچي. ٻٽائي، سچل ۽ سامي تي پئسا ڪير خرچ ڪندو؟ اهو ته غير پيداواري شعبو آهي. پيداواري شعبو آهي وزيرن ۽ اعليٰ آفيسرن کي ايئرڪنڈيشنڈ ڪارون ۽ آفيسون ونڊي ڏيڻ، افغان "مجاهدن" جي مدد ڪرڻ، حريت پسند ڪشميرين جي امداد ڪرڻ وغيره وغيره. ڇا سچل جي سرائيڪي ڪلام جون عابده پروين ۽ ٻين اهڙن ڳائڻن جي آواز ۾ ڪيستون تيار ڪري سڄي ملڪ ۾ وڪرو ڪري پئسا ڪمائي نه ٿا سگھجن. ڇا سچل تي تحقيقي ڪم ڪرائي بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ اهڙا ڪتاب نه ٿا آڻي سگھجن جيڪي پر ڏيهي ناٽو ڪمائي ڏين. ڇا ايئن ٿي نه ٿو سگھي ته سنڌ جي ثقافت، ادب ۽ تاريخ کي بچائڻ ۽ ان جي واڌاري لاءِ شاهوڪار سنڌين کان ٽئڪس وصول ڪئي وڃي. ڇا سچل ۽ ٻٽائي تورڙي ٻين شاعرن ۽ فنڪارن جي فن تي ٻڌل شوڪري پئسا پيدا نٿا ڪري سگھجن جيڪي سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن تي تحقيق ڪرائڻ لاءِ خرچ ڪيا وڃن. دراصل ٽيڻ لاءِ ته سڀ ڪجھ ٿي سگھي ٿو ۽ دنيا ۾ ڪا به شيءِ ناممڪن ناهي پر.....

ماڻ ڪريان ته مشرڪ ٿيان،
ڪُڇان تان ڪافر،
انهيءَ وائيءَ وَرُ
سمجھي ڪو سچيڏنو چوي

اسٽيل مل ۾ رتوچاڑ جو خطرو

اڄ 8 اپريل جو ڏينهن آهي. اسٽيل مل ۾ خونريزي ٽيڙ جو خطرو آهي. هن ئي اخبار جي خبر مطابق 15 اپريل خميس ڏينهن اسٽيل مل ۾ مهاجر ملازمن جي يونين سنڌي ملازمن ۽ آفيسرن کي ڏمڪي ڏني هئي تہ 8 اپريل تي پنهنجن لاشن کي ڳولڻ ڏانهن موڪلڻ جو بندوبست ڪري پوءِ مل ۾ داخل ٽيڙ جي ڪوشش ڪجو. هن کان اڳ فيبروري مهيني جي 8 تاريخ خميس ڏينهن پڻ هنن اهڙي ڏمڪي ڏني هئي ۽ پوءِ 11 فيبروري آچر ڏينهن 50 سنڌي آفيسرن ۽ ملازمن کي اغوا ڪري جديد هٿيارن جي زور تي اسٽيل مل جي حدن اندر سندن جسم تي ڏنڀ ڏنا ويا هئا جن جا نشان اڄ بہ موجود آهن. ان ڪانپوءِ چا ٿيو سو هڪ ڊگهو داستان آهي جنهن جي اپٽار ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي، پر ان جي باوجود اسٽيل مل جي مسئلي تي ڪليل بحث ٽيڙ گهرجي تہ جيئن ملڪ جي وڏي ۾ وڏي صنعتي اداري ۽ ان جي رهائشي علاقن جهڙوڪ اسٽيل ٽائون ۽ گلشن حديد کي حيدرآباد ٽيڙ کان بچائي سگهجي. چاڪاڻ تہ ايئن نہ ٿئي تہ حيدرآباد وانگي هنن علاقن ۾ان بہ سنڌي لڏ پلاڻ لاءِ مجبور ڪيا وڃن. سو بهرحال 8 اپريل تي اسٽيل مل جي سنڌين کي ڏنل ڌمڪين ڪانپوءِ انتظاميا خطري وارن علاقن ۾ رينجرز گهرائي ورتي آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ خونريزي جو خطرو ٽري وڃي. البت اڄ اسٽيل مل ۾ چا ٿو ٿئي، ان جي خبر تہ سياڻي جي اخبارن مان ئي پوندي. تيستائين اسٽيل مل ۾ ڪم ڪندڙ سنڌين کي پ پ حڪومت جو آڻت آهي، پر پ پ جي حڪومت تہ 11 فيبروري تہ بہ هئي، پر پوءِ بہ ان ڏينهن جيڪو ظلم ڪيو ويو ان جا نشان ايجا تائين سنڌين جي جسم تان ميسارجي نہ سگهيا آهن. سو پ پ جي حڪومت کي اهو سوچڻ گهرجي تہ 21 هزار ملازمن واري اداري ۾ جيڪڏهن "مظلوم مهاجرن" جو تعداد ڏهہ هزار هجي ۽ سنڌي جملي چار هزار هجن تہ پوءِ ان

صورتحال کي منهن ڪيئن ڏجي؟ پ پ جي حڪومت کي ان تي اوس سوچڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ اسٽيل مل ڀٽي صاحب روس کان ورتي هئي ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙن سنڌين گذريل چونڊن ۾ ووٽ بينظير ڀٽي جي پارٽيءَ کي ڏنا هئا.

سنڌين ۽ مهاجرن جي هلندڙ ڇڪتاڻ تي لکندي اڄڪلهہ ان ڪري بہ ڊپ ٿو ٿئي ڇاڪاڻ تہ سنڌ حڪومت جي اطلاعات واري کاتي جي نئين سيڪريٽريءَ جناب نبي بخش کوسي صاحب تازو اخبارن کي هدايت ڪئي آهي تہ اهي نسلي منافرت واريون ڳالهيون گهٽ ۽ انساني قدرن بابت وڌيڪ لکن. ويچاريون اخبارون بہ ڪاڏي وڃن. جنهن معاشري جي حالت اهڙي ابتر ٿي وڃي جو "انسان" ۽ "قدر" ڳوليا نہ لڀن، تہ پوءِ ڇا ڪجي؟ اهو بہ ڏاڍو ڊگهو ۽ ڏکوئيندڙ داستان آهي. 1938ع واري مسلم ليگ جي گڏجاڻي کان وٺي پاڪستان جي ٺهراءُ تائين ۽ 14 آگسٽ 1947ع کان وٺي ڀٽي صاحب جي قتل تي مٺايون ورهائڻ تائين، ڪوڙن ڪليمن کان وٺي ايم ڪيو ايم تائين ۽ قومي ٻوليءَ کان وٺي پنجين قوميت تائين هڪ اهڙي سياسي تاريخ مرتب ڪئي ويئي آهي جنهن کان کوسو صاحب خود چڱي طرح واقف آهي. بهرحال کوسي صاحب مان اسان کي وڏيون اميدون آهن. اسان سمجهون ٿا تہ سنڌي-مهاجر مسئلو تہ آيو بہ اسلام آباد مان آهي ۽ شايد حل بہ اتي ئي وڃي ٿئي. البت کوسو صاحب پنهنجي شعبي ۾ تخليقي ڪم ڪري سنڌ جي وڏي خدمت ڪري سگهي ٿو. ان سلسلي ۾ اسان وٽ ماضيءَ جو هڪ مثال موجود آهي. جڏهن جناب علي احمد بروهي اطلاعات جو سيڪريٽري هو ان وقت اطلاعات کاتي جا هينڊ آئوٽ اهڙا ئي نڪرندا هئا جهڙا هر حڪومت ۾ نڪرندا آهن، پر هن صاحب اطلاعات کاتي جي فلم واري شعبي جا ڳن مهٽي ان کان هڪ اهڙو ڪم ورتو هو جيڪو سنڌ جي تاريخ ۾ هميشہ ياد رهندو ان ڪم جي نتيجي ۾ سنڌ تي ڪجهہ دستاويزي فلم ٺهرايا ويا هئا جن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جا جبل،

ڪُتي جي قبر کان وٺي گوندراڻي غارن ۾ هنگلاج تائين قلمبند ڪيا ويا هئا. سنڌ جون ڏنڊيون، منڇر ۾ ڪينجهر سميت محفوظ ڪيون ويون هيون ۽ ٿر سميت سنڌ جي رڻ پٽن جي پٽ تفصيلي فلم ناهي وئي هئي. يا ان کان اڳ ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي جيڪا سنڌ گزيٽيئر مرتب ڪئي هئي سو به هڪ اهڙو ڪارنامو هو جيڪو سرڪاري ادارا ورلي سرانجام ڏئي سگهندا آهن. ڪوسي صاحب جي اچڻ سان ته اسان کي اها به اميد ٿي آهي ته ويچاري سنڌي پريس جو هاٿي ڪو بلو ٽيندو ۽ سنڌي اخبارن جي مالڪن کي مجبور ڪيو ويندو ته هو پنهنجن نمائندن کان بيگار جو ڪم نه وٺن ۽ پگهار ڏيڻ کانسواءِ کين پريس ڪارڊ جاري نه ڪن. ايئن ڪرڻ سان هڪ ته سنڌي صحافت ۾ امڪاني بدعنوانيءَ کي روڪڻ ممڪن ٿي سگهندو ۽ ٻيو ته ان جو معيار به وڌي سگهندو. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪوسي صاحب جي جاکوڑ سان سنڌي اخبارن کي جهجها اشتهار ملي سگهن ته هوند ڇهه سنڌي اخبارون وڌي هڪ درجن به ٿي سگهن ٿيون ۽ سنڌي اخبارن جي ڀڏندڙ ٻيڙي به تاري سگهجي ٿي. ان دستگيريءَ جي اميد رکڻ سان گڏ اسان کي ڪوسي صاحب مان اها به توقع آهي ته هو پنهنجي ۽ موجوده حڪومت جي مخالفن جي ان حق لاءِ به وڙهندو رهندو ته جيئن هو سندس ۽ موجوده حڪومت جي مخالفت ڪرڻ ۾ آزادي محسوس ڪري سگهن. ان سان هو اُن حڪومت جي نيڪ نامي ۾ اضافو ڪري سگهندو جنهن هن کي ان عهدي تي فائز ڪيو آهي ۽ جنهن يارهن سالن جي ڊگهيءَ سينسر شپ ۽ اخباري پابندين کانپوءِ اظهار جي آزادي ڏني آهي.

آچر، 8 اپريل، 1990ع
هلال پاڪستان

هاڻي ڇا ڪجي ؟؟؟

اڳين سال نومبر مهيني ۾ سنڌو درياءَ جي ايياس ڪرڻ لاءِ 12 ميمبرن جي هڪ ٽيم سان گڏ اٽڪ کان ڪيٽي بندر تائين 22 ڏينهن واري تاريخي سفر دوران جڏهن اسان پنجاب جي ڊيرا غازي خان ۽ راجڻ پور ضلعن جي درياءَ پر ڳوٺن ۽ شهرن جو مطالعو پئي ڪيو تہ اهو ڏسي اسان کي اچرج لڳو هو تہ ننڍن وڏن شهرن ۾ بوٽ پالش ڪرڻ کان وٺي گاڏڙن تي ريزڪي مال وڪڻڻ وارن تائين ۽ حجمن جي دڪانن کان وٺي ٻڌي جو واپار ڪرڻ وارن وڏن دڪانن تائين گهٽو ڪري هر جاءِ تي جنرل ضياءَ جو فوٽو ٽنگيل هو ۽ اسان جڏهن ان سرائيڪي علاقي ۾ عام ماڻهن سان حال احوال ڪيا جيڪي مقامي هئا تہ اسان هنن کي پ پ جو حامي ۽ ڪر جو طرفدار ڏٺو. پوءِ جڏهن اسان هر هنڌ جنرل ضياءَ جي ٽنگيل منحوس فوٽن جو راز معلوم ڪرڻ چاهيو تہ اسان کي ٻڌايو ويو تہ پنجاب جي سرائيڪي علاقي ۾ لڳ ڀڳ پنجاهہ سيڪڙو آبادي اوپر پنجاب مان آيل مهاجرن جي آهي جيڪي سکن ۽ هندن جي ملڪيتن جا تہ مالڪ ٿي ويا آهن پر شهري علاقن جي واپاري بازارن تي بہ هنن جو مڪمل قبضو آهي ۽ جنرل ضياءَ جي روپ ۾ جيئن تہ هنن کي پهريون پيرو هڪ جالنڌري پنجابي مهاجر حڪمران مليو هو ان ڪري هي ماڻهوهن کي پنهنجو "هيرو" سمجهندا آهن. اتفاق سان اسان کي ان علاقي ۾ جيڪي سونهان مليا هئا اهي مقامي سرائيڪي نوجوان هئا جيڪي اسان جي سوالن جا جواب ڏيڻ سان گڏ پنهنجا سور بہ پٽي رهيا هئا. انهن مان هڪ همراهہ اسان کي ٻڌايو

تہ سنڌ ۾ سنڌي مهاجر چڪتاڻ جون خبرون ٻڌي اسان سوچيندا آهيون تہ جڏهن اهو مسئلو پنجاب جي سرائيڪي علاقي ۾ پيدا ٿيندو تہ هتي سنڌ کان تمام گهٽي رتوڇاڻ ٿيندي. انهن سرائيڪي دوستن اسان کي ڪيترن ئي پنجاب جي شهرن ۽ خاص ڪري ڄام پور (اصل نالو جادم پوز) ۾ هندن جون ڇڏيل ڪيتريون ئي خوبصورت عمارتون ڏيکاريون جن کي ڏسي اسان کي شڪارپور جو شهر پئي ياد آيو ۽ اسان ڏٺوسين تہ انهن جاين آڏو گوڏ پايون حقو ناهيون همراه وينا هئا جن کان اسان جڏهن انهن تباهہ ٿيندڙ پر خوبصورت عمارتن جي تاريخ جاگرافي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هنن چيو تہ اسان کي تہ کا خبر ڪانهي البت هي ڪراڙو جيڪو زمين تي ويٺو آهي اهو اصلي هتي جو آهي، هن کان پڇي ونو. پوءِ اسان جڏهن اهو مقامي ڪراڙو ڏٺو ۽ هن جي حالت ڏٺي تہ اسان کي پنهنجن سوالن جا جواب هن جي نرڙ تي نڪري آيل انگڙ ونگڙ لڪيرن مان ۽ هن جي اکين مان جهلڪا ڪائيندڙ درد مان ملي ويا ۽ اهڙي طرح اسان اتان اڳتي هليا وياسون ۽ اهڙا علائقا ۽ ڏناسون جن بابت اسان کي ٻڌايو ويو تہ هتي غير مسلم ننڍي کنڊ جي ورهاڱي وقت جيڪي جايون ڇڏي ويا آهن انهن مان ڪيتريون ايڏا تائين خالي پيون آهن ڇاڪاڻ تہ هتان لڏڻ وارا گهڻا ۽ اچڻ وارا ٿورا هئا.

اهڙي طرح مهاجر مُافيا کي اسان پنجاب ۾ ۽ ڏنو ۽ اتي ۽ ان بيماريءَ جون علامتون ساڳيون هيون ۽ سرائيڪي نوجوان چئي رهيا هئا تہ جيتوڻيڪ هي اسان سان سرائيڪي ۾ ڳالهائيندا آهن جنهن ڪري زبان جو ٽڪراءُ گهٽ آهي تنهن هوندي ۽ اسان هنن سان متي مائتي نہ ڪندا آهيون.

سو جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ اها مصيبت هن ملڪ ۾ هر هنڌ موجود آهي. جيتوڻيڪ سرحد صوبي ۾ باچا خان جي دانشمنديءَ جي ڪري ۽ بلوچ اڳواڻن جي وسيع نظرئي سبب ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کانپوءِ آيل ان ہوڏ کان اهي پئي صوبا متاثر ٿيڻ کان بچي ويا هئا پر

پوءِ آهستي آهستي صوبي سرحد ۾ افغاني پناهگيرن ۽ بلوچستان ۾ پٹاڻن جي لڏي اچي ويهڻ ۽ کوئيٽا جي ڪمرشل زندگيءَ تي چانئجي وڃڻ واري عمل کانپوءِ هن وقت سڄي ملڪ ۾ مقامي ۽ غير مقامي آبادين جو ٽڪراءُ موجود آهي. البت سنڌ ۾ ان جي شڪل نهايت پيانڪ ان ڪري ٿي وئي آهي جاکاڙ تہ ڏاري آبادي جيڪا پاڻ کي سنڌي نٿي سڏائڻ پسند ڪري ان جي وڏڻ سان مقامي آبادي اقليت ۾ تبديل ٿي رهي آهي. سنڌ ۾ هي مسئلو ان وقت اڃا بہ گنيير ٿي ويو جڏهن هتان جي مهاجرن ڇيو تہ زمين جي ٽڪر کانسواءِ باقي هر لحاظ کان اسان الڳ قوم آهيون ۽ پوءِ هٿيارن جا انبار لڳائي ۽ دهشتگردن کي منظم ڪري زمين جو ٽڪر حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ۽ ان سلسلي ۾ تازي خبر اها آهي تہ ايم ڪيو ايم ملتان ۾ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي رهي آهي. ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ هن سڄي ملڪ کي "مهاجرستان" ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ۽ جيڪڏهن اها ڪوشش ڪامياب ٿي وئي تہ پوءِ هن ملڪ جا قديم باشندا جيڪي پنهنجي عظيم تاريخ ۽ جاگرافي رکن ٿا سي پنهنجي قومي بقا واري جنگ هارائي ويهندا ۽ پنهنجي ڏکهي تاريخ ۾ سماجي ترقي لاءِ هنن جيڪي بہ جتن ڪيا هئا تن تي پاڻي ڦري ويندو. اسان واري نسل کي ٻڌايو ويو آهي تہ هن خطي جا ماڻهو ان ڪري مسلمان ٿيا هئا جاکاڙ تہ اسلام کان اڳي هنن جو جنهن مذهب سان تعلق هو ان ۾ هنن کي برابري واري نظر سان نہ ڏٺو ويندو هو. اسان واري نسل کي اهو بہ ٻڌايو ويو تہ هن خطي جي ماڻهن پاڪستان ۾ شموليت جو فيصلو ان ڪري ڪيو هو تہ من هنن جي زندگيءَ ۾ ترقي اچي ۽ هو پنهنجا وسيلا پاڻ لاءِ خرچ ڪري سگهن. پر ظاهري طرح هن خطي جي ماڻهن جا اهي ٻئي خواب چُور چُور ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي پنهنجي خطي ۽ پاڻ کي بچائڻ مشڪل ٿي پيو آهي.

ان صورتحال کي ڪيئن منهن ڏجي ۽ حيدرآباد کي ڪيئن

بچائجي؟، ڪراچيءَ کي سنڌ مان جدا ڪرڻ واري خطري سان ڪيئن نبرجي؟، سنڌين جي قومي بقا واري جنگ ڪيئن وڙهجي؟، اهي اهڙا سوال آهن جن جا جواب نہ سولا آهن ۽ نہ مختصر. جيڪڏهن اسان لاءِ انهن سوالن جو جواب جمهوريت آهي تہ جمهوريت ۾ انهن ماڻهن کي ڪا دلچسپي ڪانهي جيڪي يارهن سال مارشل لا ڏسي پوءِ بہ پنهنجن دڪانن تي جنرل ضياء جون تصويرون ٽنگي رکن ٿا. جيڪڏهن اسان مارشل لا کي ظالماڻو نظام سمجهون ٿا تہ ٻيا ماڻهو ان کي پنهنجي لاءِ نجات ٿا سمجهن ۽ سوچين ٿا تہ اهڙي ڪنهن ٻڪر ٻوس جي ماحول ۾ ئي ڪالا باغ ڊيم ٺاهي ٿو سگهجي ۽ بهاري آڻي ٿا سگهجن، سنڌ جي تيل ۽ زمينن تي قبضا ڄمائي سگهجن ٿا ۽ ڪراچي کي گهٽ ۾ گهٽ انتظامي طور الڳ ڪرائي سگهجي ٿو. اهڙي طرح هن خطي جي تاريخ، ڪلچر، ترقي ماڻڻ جي طريقن ۽ خود مذهب بابت اسان ۽ انهن ماڻهن جا خيال هڪجهڙا ناهن. اسان ٿا چئون تہ هي ملڪ لاهور جي ٺهراءَ جي روشني ۾ ننڍي کنڊ جي اتر اولهہ ۽ اڀرندي وارين رياستن جي پٺتي پيل مسلمانن کي ترقي ڏيڻ لاءِ ٺهيو هو جيڪي پٺاڻ، بلوچ، سنڌي، پنجابي ۽ بنگالي هئا. پر هو ٿا چون تہ جيئن تہ پاڪستان جي تحريڪ جي اڳواڻي يو پي ۽ سي پي جي هاڻوڪن مهاجرن ڪئي هئي ان ڪري هن ملڪ تي راڄ ڪرڻ جو حق انهن کي آهي. بهرحال هاڻي ڳالهہ بحث مباحثي ۽ دليلن کان اڳتي وڌي ويئي آهي ۽ جنهن جاءِ تي ان سياسي راڳ جي تان اچي ٿي ٽٽي سا آهي "طاقت" هٿيارن جي طاقت، پروپئگنڊا جي طاقت ۽ انڌي طاقت. ان صورتحال جو توڙ ڇا آهي، ان سوال جو جواب بہ نہ سولو آهي ۽ نہ ئي مختصر.

بهرحال جيستائين انهن سوالن جا جواب ڳولي هٿ ڪيا وڃن ۽ انهن تي عمل ڪيو وڃي تيستائين سنڌ کي ۽ پنهنجي سماجي وجود کي بچائڻ لاءِ ضروري آهي تہ: (1) ان مسئلي کان سنڌ جي وسيع ٻهراڙين ۾ رهندڙ عام ماڻهن کي آگاهہ ڪجي. هن وقت

تائين ڏنو ويو آهي ته جنهن مسئلي کي اسان "سنڌين جي قومي بقا" ٿا چئون تنهن کي اڪيلي سر مڊل ڪلاس ئي ڪنيو آهي ۽ هي مڊل ڪلاس سنڌ مان هندن جي لڏ پلاڻ کانپوءِ گذريل 42 سالن جي پيداوار آهي. (2) سنڌي سياسي اڳواڻن ۽ انهن جي سياسي تنظيمن تي دٻاءُ وڌو وڃي ته اهي گڏجي هڪ ٿي وڃن. ان مقصد لاءِ به ڪا حڪمت عملي ٺاهڻ گهرجي ۽ سنڌ جي عام ماڻهن کي ان کان آگاهه ڪجي ته جيئن جيڪي سياسي ليڊر اهڙي اتحاد کان گوڏناٽ ڪن انهن جو پيڇو ڪرڻ بند ڪيو وڃي. ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي ته اهڙن معزز ماڻهن کي وچ ۾ آڻجي جيڪي سيني سياسي ڏرين لاءِ قابل قبول هجن ۽ انهن کي ان فيصلي ڪرڻ جو اختيار ڏنو وڃي ته اهي سياسي اڳواڻن جو اتحاد قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ان سلسلي ۾ گوڏناٽ ڪندڙ سياستدانن جي نشاندهي ڪن ته جيئن عوام هنن جي پوئواري ڪرڻ ڇڏي ڏئي. (3) تيستائين موجوده پ پ جي حڪومت سان مشروط ئي سهي سهڪار ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته ان وٽ "رياستي طاقت" موجود آهي جنهن سان اها ان "انڊي طاقت" جو مقابلو ڪري سگهي ٿي جنهن وٽ دليل آهن ئي ڪو نه ايستائين جو 1947ع ۾ سنڌ ۾ ڇاول ماڻهو جيڪو هن وقت 42 سالن جو ٿيو آهي ان کي سنڌي نٿو ڪوٺيو وڃي. پر ڇاڪاڻ ته هن جو پيءُ ٻهار ۾ ڇائو هو ان ڪري هن کي ٻهاري سمجهيو وڃي ٿو. (4) اهڙيون ڪوششون ڪيون وڃن جيئن سنڌ جون ٻهراڙيون شهرن ۾ تبديل ٿي سگهن ته جيئن سنڌين جو وچولو طبقو مضبوط ٿئي، ڏاڙيلن جو آزار ختم ٿئي ۽ مدي خارج جاگيرداري نظام به ختم ٿي سگهي. (5) سنڌ جي پنجاهه سيڪڙو آبادي يعني عورتن کي هن مسئلي جي سنگينيءَ کان آگاهه ڪجي ۽ انهن کي هن جدوجهد ۾ مڪمل طور تي ملوث ڪجي. (6) سنڌو درياءَ جي وجود کي جيڪو خطرو آهي. ان کي روڪڻ لاءِ جتن ڪيا وڃن ڇاڪاڻ ته جيستائين هن درياءَ جو وهڪرو ڪينجي بند تائين سالم رهندو تيستائين سنڌي قوم جي

تاريخي وجود جو جواز ميسارجي نہ سگھندو ۽ سنڌي ماڻھن جي سماجي، اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي ترقي جو راز پڻ ان حقيقت ۾ لڪل آھي. (7) ان سلسلي ۾ جن غير سنڌين کان سھڪار ورتو ويو اھي جيڪڏھن سنڌ ۾ رھن ٿا تہ انھن تي زور آندو ويو تہ اھي پاڻ کي تحرير ۽ تقرير وسيلي سنڌي سڏائين ۽ جيڪڏھن سنڌ کان ٻاھر رھن ٿا تہ اھي ان حقيقت کي عام ڪرڻ ۾ سرگرمي ڏيکارين تہ سنڌ ۾ دائمي رھائش اختيار ڪندڙ سيئي ماڻھو سنڌي آھن. (8) قانون ساز اسيمبلين، اعليٰ عدالتن توڙي بين الاقوامي انصاف جي ادارن ۽ گڏيل قومن جي اداري کان مدد ونڊي اھڙو قانون پاس ڪرايو ويو تہ جيڪو ماڻھو سنڌ ۾ دائمي رھائش جو خواھشمند ناھي سو "پرمٽ" تي ھتي ڪم ڪري ۽ پنھنجي ڪمائيءَ جو ھڪ حصو سنڌ ۾ خرچ ڪري. ان کانسواءِ ڪيس ووٽ استعمال ڪرڻ جو حق صرف پنھنجي صوبي ۾ ڏنو ويو. (9) ھن مقصد لاءِ انگريزي ۽ اردو پولين ۾ گھٽ ۾ گھٽ ٻہ اخبارون قائم ڪرڻ گھرجن جن تي گھٽ ۾ گھٽ ايندڙ لاڳت ڏھہ ڪروڙ رپيا ڪيئن بہ ڪري ھٽ ڪئي ويو. (10) اسان کي اھا ڳالھہ وساريڻ نہ گھرجي تہ جيڪڏھن اسان مٿي ڄاڻايل نقطن تي عمل ڪري نہ سگھياسون يا اھڙن بين اپائن ونڊ ۾ ڪامياب نہ ٿياسون جيڪي سنڌين کي پنھنجي خطي ۾ اقليت بنجڻ کان روڪي سگھن تہ پوءِ اسان سان بہ موھن جي دڙي وارن ماڻھن واري ويڌن ٿيندي ۽ سن 631 عيسوي ۾ ڪشمير کان ھندي وڏي سمنڊ تائين ڦھليل سنڌ جون جاگرافيائي سرحدون ايجا بہ سوڙھيون ٿي ويندیون.

آچر، 15 اپريل، 1990ع
ھلال پاڪستان

ڌرتيءَ جو عالمي ڏينهن

اڄ سڄي دنيا ۾ "ڌرتي جو ڏينهن" ملهايو پيو وڃي. ڌرتي جيڪا وشال ڪائنات جو هڪ ننڍڙو "جز" آهي ۽ ڪائنات جنهن کي جاگرافيائي لحاظ کان نظام شمسي چيو ويندو آهي اها "ڪل" آهي. نظام شمسيءَ ۾ سج، هڪ نہ پر ڪيئي ۽ چنڊ ستارن جو تعداد جديد سائنس اڃا ڳڻي نہ سگهي آهي. ان "ڪل" جو "جز" يعني "ڌرتي" چون ٿا تہ ساڍا چار ارب سال اڳ وجود ۾ آئي هئي. ان ڌرتيءَ جو اڄ ڏينهن ملهايو پيو وڃي، جنهن تي اسان واري جنس جا جانور رهن ٿا جن کي اسان پاڻ "انسان" جو نالو ڏنو آهي ۽ سائنس جي جديد تحقيق جو چوڻ آهي تہ ڌرتيءَ تي ظاهر ۾ جيڪي بہ جيو پسون، جانور، وڻ ٻوٽا، ساهہ واريون ۽ بي ساهہ شيون وجود رکن ٿيون، اهي سڀ ڌرتيءَ ۽ ان تي موجود پاڻيءَ مان پيدا ٿيون آهن. ان لحاظ کان ماڻهو بہ جبلن وانگي ڌرتي مان ڦٽي نڪتو آهي، پاڻيءَ ۽ مٽيءَ جي پيداوار آهي ۽ انڪري ڌرتي انسان جي ماءُ آهي. سو اڄ ان ڌرتي ماتا جو ڏينهن ملهايو پيو وڃي جنهن لاءِ شيخ اياز پنهنجي هڪ شعر ۾ چيو هو تہ، "سنڌ ديش جي ڌرتي تو تي پنهنجو سيس نوايان۔ مٽي ماٿي لايان." سنڌي ٻولي جي سيني کان وڏي شاعر ۽ مها ڪوي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ ڌرتيءَ کي ماءُ ڪوٺيو آهي.

سو ڌرتي جيڪا اسان جي ماءُ آهي ان جو ڏينهن ڪيئن ملهايون؟ هونئن سڄي دنيا ان سلسلي ۾ اهو فيصلو ڪيو آهي تہ اڄوڪي ڏينهن ڌرتي تي ماحولياتي لحاظ کان گندگي کي دور ڪرڻ جو سعيو ڪيو وڃي ۽ ڌرتيءَ کي صاف رکڻ لاءِ عارضي ۽ دائمي اپاءُ ورتا وڃن. ان لحاظ کان ڏسڻ گهرجي تہ ڌرتيءَ جي ماحول کي

ڪھڙيون شيون خراب ڪن ٿيون ۽ ان خرابيءَ جو جوابدار ڪير آھي؟ ان سوال جي آخري حصي جو ته صحيح جواب آھي، "انسان"، باقي سوال جي پھرين حصي تي سوچيو ته محسوس ٿيندو ته ائٽمي ڏماڪن کان وٺي ذاتي گھرن جو گند ۽ ڪچرو جيڪو ڌرتيءَ کي آچيو ٽوويي سو ان کي خراب ڪري ٿو. ماڻھو جيڪي پنھنجي اڇ وڇ لاءِ جيڪي سواريون تخليق ڪيون آھن انھن ۾ جيڪي انجڻيون لڳل آھن تن مان جيڪو دونھون نڪري رھيو آھي اھو ھڪ زھريلو ڪڪر بنجي وڃن شھرن جي مٿان بيھي ٽو رھي ۽ ڌرتي جي مٿان صاف ۽ صحتمند ھوا کي اڇ ۾ رڪاوٽ پيدا ٿو ڪري. ڌرتيءَ تي درياھ، ڍنڍيون، واھ، ڪوھ ۽ پاڻيءَ جا ٻيا ڪيترائي وسيلا آھن، انھن ۾ جيڪا گندگي پيدا ٿئي ٿي اھا بہ ڌرتي جي ماحول کي خراب ڪري رھي آھي. اسان ڌرتيءَ جي جنھن حصي ۾ رھون ٿا ان ۾ دنيا جي وڏي ۾ وڏي ندي وھي ٿي جنھن کي سنڌو درياھ چيو ويي ٿو. اھا ندي اترين سنڌو ماٿري يعني سرحد ۽ پنجاب مان وھي ڏاکڻي سنڌو ماٿري يعني سنڌ کي سيراب ڪري سنڌ ساگر يعني ھندي وڏي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. مٿي پاڻيءَ واري انھيءَ سموند جي ھن وقت حالت اھا آھي تہ اتر ۾ ان جي ڪنارن تي رھندڙ ماڻھن جي ھيڇ، لالچ ۽ ھوس جي ڪري ان جي پاڻي کي بند ٻڌي روڪيو ويو آھي ۽ ان جو نتيجو اھو نڪتو آھي تہ درياھ جي پڇاڙ ۾ واري اڌامي رھي آھي. ان ڪري سمنڊ جو ڪارو پاڻي مٿي چڙھي ٽو ۽ واپڊا جي اڻ پورن انگن اکرن مطابق اٺھتر ميلن تائين درياھ جو مٺو پاڻي جر سمنڊ جي پاڻي سان ڪارو ٿيو ويي. اسان سمجھون ٿا تہ اھو انگ 78 ناھي پر 150 ميل آھي ۽ سنڌوءَ جو پيٽ حيدرآباد تائين ڪارو ٿي ويي ٿو. ڌرتي جي ماحول کي خراب ڪرڻ جو ھي سڀ کان وڌيڪ افسوسناڪ پھلو آھي جنھن کي اڇوڪي ڏينھن ھميشہ لاءِ روڪڻ جو عزم ڪرڻ گھرجي. ۽ اھو بہ سوچڻ گھرجي تہ جيڪڏھن ڪالا باغ ڊيم جڙي راس ٿيو تہ پوءِ سنڌو درياھ جي پڇاڙ جا ماڻھو جانور

پکي ۽ پسون مٺو پاڻي پيئڻ کان سڪي مرندا. سنڌ ڌرتيءَ جو اهو سمورو علائقو جيڪو ڊيلٽا ۽ لاڙ سڏجي ٿو سو سمنڊ جي هيٺ اچي ويندو يا رڻ پٽ ٿي ويندو. ڀلا ٿر ۽ سنڌ ۾ به ته اهو ئي فرق آهي. ٿر جو جر کارو ۽ سنڌ جو مٺو آهي. سو ان لحاظ کان جيڪڏهن ڪالا باغ ٺهي راس ٿيو ته سڄي سنڌ ٿر وارو رڻ پٽ ٿي ويندي ۽ ڌرتي جي ماحول کي خراب ڪرڻ جو اهو اهڙو مثال پيدا ٿيندو جنهن جو مثال سڄي دنيا ۾ نه ملندو. اڄوڪي ڏينهن اچو ته عزم ڪريون ته ڌرتيءَ کي انهيءَ خرابي کان هر قيمت تي بچائڻ گهرجي.

ڌرتي جي عالمي ڏينهن واري موقعي تي اسان جي حڪومت کي ۽ اسان سڀني کي ان حقيقت تي به سوچڻو پوندو ته هن وقت سنڌ جي جيڪا زرخيز زمين آهي ان جو وڏو حصو سم جي لپيٽ ۾ آهي، جنهن کي قومي شاهراهه ڪوٺين ٿا ۽ سنڌو درياهه جي کاٻي ڪناري تان لنگهي ٿو ان جا ڪيترا حصا سم جي پاڻيءَ جي ڪري ويهجي ويا آهن ۽ ان بيماريءَ کان انڊس هاءِ وي به بچيل ناهي جيڪو سنڌو دريا جي ساڄي ڪناري تي تعمير ڪيل آهي. سنڌ ۾ سم جي آزار کي ختم ڪرڻ ان ڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته ان سان ڌرتي تي گندگي پکڙجي ٿي ۽ ڌرتيءَ جو ماحول گندو ٿئي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته ان جي ڪري سنڌ جي زراعت پڻ تباهه ٿي رهي آهي، ماڻهن جا گهر جهري رهيا آهن ۽ اخباري رپورٽن مطابق ڪيترائي ماڻهو پنهنجا گهر تڙ ڇڏي لڏي وڃي ٻين هنڌن تي ويٺا آهن. اڄوڪي ڏينهن اسان کي ۽ سنڌ حڪومت کي ان تي به سوچڻ گهرجي ته سنڌ جي چند وڏن شهرن کي ڇڏي باقي لکن جي تعداد ۾ جيڪي ننڍڙا وڏڙا ڳوٺڙا ۽ شهر آهن اتي پاڻيءَ جي نيڪال جو ڪو به بندوبست ڪونهي، پائخانه ۽ پيشاب گهر ٺهيل ناهن، ڪچين توڙي پڪين نالين جو ڪو وجود ڪونهي ۽ ان ڪري هر ڳوٺ جي هر گهر ۾ گندي پاڻيءَ جي هڪ عدد ڍنڍ موجود آهي. ڇا ڌرتي جي حسين چهري کي خراب ڪرڻ لاءِ ان کان ڪو وڏو گناهه ٻيو ٿي سگهي ٿو؟ فطرت جي

خلاف ان جرم کان بچڻ لاءِ توڙي ڌرتي جي عالمي ڏينهن واري موقعي تي ڌرتيءَ کي گندگي کان بچائڻ لاءِ ان کانسواءِ ٻيو ڪو بہ چارو ڪونهي تہ ڳوٺن ۾ پکيون نالیون ناهيون وڃن، گهٽين ۽ گهرن ۾ فرشبندي ڪئي وڃي ۽ ماڻهن کي ان حقيقت کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ ضروري تعليم ڏني وڃي تہ ڪيئن هو ڌرتيءَ جي متاڃري کي صاف ۽ ستڙو رکي سگهن ٿا. پر اهو ڪم ڪير ڪندو؟ سنڌ جي ڳوٺن ۾ فرشبندي ۽ پکين نالين تعمير ڪرڻ تي ڪروڙين رپيا خرچ ٿيندا. ايترا پئسا ويچارن ڳوناڻن وٽ ڪونهن جو "پنهنجي پاڻ مدد ڪرڻ" واري اصول پٽاندر ان پراجيڪٽ کي هلائي سگهن. ملڪ جي نئين بجيٽ اڇڻ واري آهي. ڇا اسان جا حڪمران ۽ اهي ليڊر جيڪي ڪالهہ ووٽ وٺڻ لاءِ تڪليف وٺي ننڍڙن ڳوٺڙن ۾ تشريف ڪڍي آيا هئا، اهي اتي پکيون نالیون ٺهرائيندا ۽ فرشبندي ڪرائيندا؟؟ اڇو تہ اهڙي اميد رکڻ سان گڏ جيترو ٿي سگهي "پنهنجي مدد پاڻ" جي بنياد تي بہ ڪجهہ ڪريون. ۽ اهو ڪم اڄ کان ئي شروع ڪيون ڇاڪاڻ تہ اڄ ڌرتي جو عالمي ڏينهن آهي.

ان سلسلي ۾ اسان کي اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ضياء حڪومت ڏاڙيلن خلاف ڪارروايون دوران سنڌ جا ڪيترا جهنگل ناس ڪرائي ڇڏيا هئا. فاريسٽ ڪاتي جا راشي آفيسر هينئر بہ قيمتي ڪاٺ وڪرو ڪرڻ لاءِ سرڪاري ٻيلن مان وڻ ڪپائيندا آهن، آبپاشي ڪاتي جا داروغا، ايس ڊيا ۽ انجنيئر بٹراجن ۽ وڏن واهن جي ڪنارن تان ٽالهين، نمن ۽ باهڙ جا وڻ وڍائيندا رهندا آهن. اسان جا ڪيترا ڳوناڻا ذاتي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ وٽن ۾ ڪاپو وجهندا آهن. اونهاري جي گرميءَ ۾ باهين جا واقعا ٿيندا آهن جن ۾ جهنگل سڙي رک ٿيندا آهن. اهي سڀ ڳالهيون ڌرتي جو ماحول خراب ڪن ٿيون. اچو تہ اڄوڪي ڏينهن تي اهو بہ عزم ڪريون تہ سنڌ جي هڪ هڪ وڻ جو ايئن بچاءُ ڪنداسون جيئن ماڻهوءَ جو بچاءُ ڪندا آهيون.

ڌرتي کي گندگيءَ کان پاڪ رکڻ جي سلسلي ۾ حقيقي

احساس اسان کي ان وقت آيو هو جڏهن اسان سنڌو درياهه جو اپياس ڪرڻ لاءِ اٽڪ کان ڪيتي بندر تائين رڙڻ جي ٻيڙين ۾ سفر ڪندي ٽڪجي سرحد صوبي اباسين جي ڪناري تي لهي چانهه ناهي هئي ۽ بسڪوٽن جا ڊبا کولي بکايل ٻار وانگي هيچ وچان وات هلائي پيٽ پريو هو سون ۽ سگريٽ چڪي ان جا ٽوٽا هيڏي هوڏي اڇلائي ڇڏيا هئاسون. ۽ پوءِ جڏهن پيٽ جي دوزخ جي باهه تي ڇنڊا پيا هئا ۽ هوش حواس ۾ آيا هئاسون تڏهن "سنڌو مهمر" جي ليڊر اسان کي اهو احساس ڏياريندي چيو هو تہ "نوجوانو (جيتوڻيڪ هو اسان کان نوجوان هو) هي اڏ سڙيل ڪاٺيون، بسڪوٽن جا خالي ڊبا، ماچيس جون تيليون ۽ سگريٽن جا ٽوٽا هن هنڌ جي فطرت واري حسن کي ڪيڏو نہ هاڃو رسائي رهيا آهن. اڙو اهي سڀ شيون ميڙي، هڪ هنڌ جمع ڪري، ننڍي کڏ کڻي ان ۾ دفن ڪري ڇڏيو تہ جيئن اسان جهڙا ٻيا ڪي سيلاني جيڪڏهن هتي اچي لهن تہ انهن کي هيءَ جاءِ اهڙي ئي صاف ستري نظر اچڻ گهرجي جهڙي شروع ۾ اسان کي نظر آئي هئي. ۽ پوءِ اسان سيني کان اڳ" اسان جي ٽيم جي ليڊر پاڻ پنهنجي هٿن سان اهو گند ڪچرو ميڙڻ شروع ڪيو هو ۽ چيو هئائين تہ، "سيلاني ماڻهن جي اخلاقيات جي اها تقاضا آهي تہ جنهن جاءِ تي ڊاپو ڪن ۽ اتي جيڪا گندگي ڪن ان کي زمين ۾ دفن ڪرڻ کان اڳ ۾ اتان روانا نہ ٿين."

سو اسان سماجي حيوان جن کي انسان چيو وڃي ٿو انهن جي زندگي هن ڌرتي تي هڪڙو ڊاپو آهي ۽ هيءَ دنيا مانجهاندي جو ماڳ آهي. ان کري انهيءَ کان اڳ ۾ جو اسان هتان ڪُوچ ڪريون، اسان کي گهرجي تہ اسان ڌرتي ماتا جي مٿان جيڪو به گند ڪيو آهي، ان کي ٻهارو ڏئي ناس ڪريون، پوءِ اهو گند ڀلي تہ ڪچرو هجي، سياسي يا اقتصادي خرابي هجي، سماجي انياءُ هجي يا مذهبي ڪٽر پڻي واري بدي هجي. ڌرتيءَ کي خراب ڪرڻ جو انسان کي کوبہ حق ناهي بلڪل ناهي.

آچر، 22 اپريل، 1990ء

دهشتگردن سان ڪهڙو سياسي ڊائلاگ؟

گذريل 13 سالن کان وٺي سنڌ، جمهوري جدوجهد ۾ پاڪستان جي اڳواڻي ڪري رهي آهي ۽ عوام دشمن قوتن خلاف هلچل ۾ سياسي منهنداريءَ جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ان تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ تي سنڌ کي گهڻو ڪجهه ڀوڳڻو پيو آهي. سنڌ ۽ سنڌين جي ڀوڳنا رتوڇاڻ جي جن مرحلن مان گذري آهي اڃا انهن جو انت نه آيو آهي. الٽو سنڌ جي تازن زخمن تي لوڻ ٻرڪيو پيو وڃي ۽ ڏکيءَ کي اڃا به ڏکويو ويو آهي. هن وقت حالت اها آهي ته شهرن ۾ سياسي دهشتگردي ۽ ڳوٺن ۾ ڌاڙيلن جي قهري ڪارروايـن سنڌ ۾ گهلندڙ ڏکڻ جي هير کي بارود ۽ رت جي بدبوءِ سان خوني طوفان ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

ان سلسلي ۾ جيڪڏهن سنڌ حڪومت دهشتگرديءَ هيٺ ڪيس داخل ڪري گرفتاريون ٿي ڪري ته هدايت ٿي اچي ته ”سنڌ جي مسئلي کي سياسي نموني حل ڪيو“. سوال اهو آهي ته جيڪي ماڻهو دهشتگردي تي لهي آيا آهن اهي سياسي زبان ڪيئن سمجهندا؟ هنن جو ته مقصد ئي غير آئيني حڪمراني لاءِ راهه هموار ڪرڻي آهي. ان ڪري هنن جي سياست به مخالفت ۽ ٽڪراءُ واري آهي. پارلياماني سياست ۾ هنن جو ايمان ئي ڪونهي..... وري جڏهن سنڌ جي پ پ حڪومت اڳوڻي پي اين اي تي ٻڌل موجوده ڌر ۽ خاص ڪري ايم ڪيو ايم سان ڳالهين ڪرڻ جي آڇ ڪري ٿي ته اهڙي آڇ تي چون ٿا ته ”جيڪڏهن ڳالهيون ناڪام ٿيون ته انهن جي

جوابداري وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو تي هوندي". ان جي معنيٰ اها ٿي ته هو ڳالهيون پنهنجن شرطن مڃائڻ لاءِ ڪرڻ گهرن ٿا ۽ نہ سنڌ جي سياسي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ۔ بهرحال ان جي باوجود سنڌي عوام سنڌ حڪومت پاران ايم ڪيو ايم سان ڳالهيون ڪرڻ تي ان شرط سان خوش ٿيندو ته ان جا قومي مفاد محفوظ رکيا ويندا.

هوڏانهن 11 اپريل تي ڪور ڪمانڊرن جي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي فوج جو سربراهہ ملڪ اندر سياسي قيادت ۾ اختلاف تي تشويش جو اظهار ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته سرحدن تي جيڪا خطري واري صورتحال آهي ان سان منهن ڏيڻ لاءِ سياسي فضا مددگار ناهي. هاڻي وري سنڌ جي صورتحال تي فوج جي سربراهہ جي اڳواڻي ۾ 20 مئي تي فوجي هيڊ ڪوارٽر ۾ خصوصي اجلاس ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ اخباري اطلاعن مطابق خاص ڪري سنڌ جي اندروني علاقن ۾ موجوده صورتحال تي ويچار ڪيو ويندو. هن کان اڳ ۾ ان ڳالهہ تي ڪافي تڪرار هلي چڪو آهي ته سنڌ جي مسئلي تي ڪل جماعتي ڪانفرنس ملڪي سطح تي نہ ٽيڙ گهرجي ۽ اهڙي ڪوشش سنڌ صوبي ۾ ئي ٽيڙ گهرجي چاڪاڻ ته هي صوبائي مسئلو آهي. پر بهرحال اها ڳالهہ اطمينان جوڳي آهي ته سنڌ جي مسئلي ۾ وزيراعظم، وفاقي حڪومت، صدر ۽ فوج جو سربراهہ دلچسپي ونڻ ٿا، پر اها دلچسپي رڳو سنڌ جي اندروني علاقن ۾ موجود صورتحال تائين محدود چو آهي. ڇا سنڌ جا شهر بيروت نہ ٿي چڪا آهن. ڇا سنڌ جي شهرن ۾ دهشتگردن متوازي فوج تيار نہ ڪري ورتي آهي؟؟ ان ڪري ضروري آهي ته 20 مئي واري اجلاس ۾ سنڌ جي شهرن ۾ موجوده صورتحال تي بہ بحث ڪيو وڃي ۽ ان جو بہ ڪو حل ڪڍيو وڃي. ان سان گڏ سنڌي اخبارن ۾ ڇپيل انهن رپورٽن کي بہ بحث هيٺ آندو وڃي جن مطابق ڪمانڊو فورس جي سپاهين مورو شهر ۾ عام ڳوٺاڻن سان ڪي زيادتيون ڪيون آهن. ٽارو شاهہ ۾ پختون فورس عام ماڻهن کي ڏنڊا ۽ هنٽر هڻي هنن جي مارڪٽ ڪئي آهي

۾ سنڌ جي ڪيترن ئي ننڍين توڙي وڏن ڳوٺن ۾ مقامي پوليس جا اهلڪار گهرن مان ڪڙيون بہ کڻي ويا آهن.

۾ هي سڀ ڪجهہ ڏاڙيلن خلاف آپريشن دوران ٿي رهيو آهي، جڏهن تہ ڏاڙيلن جي سلطنت تان سج لهي ئي نہ ٿو ۾ 19 اپريل جي هڪ سنڌي اخبار مطابق سريوال خاندان جي هڪ نوجوان يرغمالي سان حال احوال ڪندي ڏاڙيلن چيو آهي تہ، "هي حڪومت تہ چا، پر جي مارشل لا بہ لڳي تڏهن بہ اسان جو وار ونگو نہ ڪري سگهندي. ڇاڪاڻ تہ اسان جا رابطا "بگ باسن" Big Bosses سان آهن جن کي هن ملڪ ۾ ڪوبہ هٿ لائي نہ سگهندو." اهي بگ باس ڪهڙا آهن، ان ڳجهارت تي سوچڻ سان گڏوگڏ سنڌ حڪومت کي هاڻي وڌيڪ ڪنهن غلط فهمي ۾ رهڻ نہ گهرجي تہ جيڪڏهن شهرن ۾ سياسي دهشتگردي ۾ ڳوٺن ۾ ڏاڙيلن طرفان ٽيندڙ ڪوس جلد بند نہ ٿيو تہ ملڪ تي ڪنهن ازغيبي آفت اچڻ جو امڪان آساني سان رد ڪري نہ سگهبو. ساڃي ڏر جا حلقا ۾ جمهوريت دشمن ذريعا اڳيئي اهڙا افواهہ ڦهلائي رهيا آهن. ان سلسلي ۾ فوجي آمر جنرل ضياءُ جي پٽ اعجاز الحق تہ 17 اپريل جي تاريخ بہ ڏني هئي ۾ انڪشاف ڪيو هو تہ ان ڏينهن ملڪ ۾ حڪومت اسلام-پسندن جي هٿ ۾ اچي ويندي. هوڏانهن ڪراچي جا اوپرا حلقا اهڙا افواهہ پکيڙي رهيا آهن تہ جون ۾ پيش ٿيندڙ بجيٽ ڪانپوءِ اسان جيڪا افراتفري پکيڙيندا سون اها موجوده حڪومت لاءِ آخري حربو ثابت ٿيندي. ۾ ايجا بہ ڪي جنوني حلقا اهڙا آهن جيڪي بجيٽ کان اڳ ۾ قيامت اچڻ جا ارشاد فرمائي رهيا آهن.

ان پسمنظر ۾ تازين خبرن مطابق سنڌ حڪومت ۾ ايم ڪيو ايم جون ڳالهيون شروع ٿيڻ واريون آهن ۾ سنڌ جي وڏي وزير جناب آفتاب شعبان ميراڻي چيو آهي تہ ايم ڪيو ايم ۾ ڪي فرد تہ دهشتگرد ٿي سگهن ٿا پر تنظيمي طور هي ۾ پارٽي دهشتگرد ناهي. سنڌي عوام موجوده حڪومت جو حمايتي آهي ۾ ان کي وڏي

اڪثريت سان ڪامياب ڪري اقتدار ۾ آندو اٿس سو عوام اهو حق رکي ٿو تہ ان جي انتهائي حساس مسئلن تي ڪا سوديبازي نہ ڪئي وڃي. باقي سياسي مذاڪرات تہ سڀني ڌرين سان ڪري سگهجن ٿا.

ساڳي نموني پنجاب حڪومت ۾ نواز شريف کي بہ پرچائڻ جون پڻ ڪوششون ٿي رهيون آهن ۽ ان لاءِ جيڪا ڪميٽي ٺاهي وئي آهي ان پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو آهي. پ پ حڪومت پاران انهن سڀني ڪوششن جي عوام پاران تائيد ڪئي ويندي بشرطيڪ انهن ڪارروائين جو آخري نتيجو ملڪ جي عوام جي مفاد ۾ نڪري.

هتي ان ڳالهہ کي وساريڻ نہ گهرجي تہ سنڌ جي عوام هن ڪان اڳ بہ بي مثال قربانيون ڏئي جمهوريت جو سج اپاريو آهي ۽ هاڻي بہ جيڪڏهن ڪا غير آئيني حرڪت ڪئي وئي تہ ان خلاف سنڌ جو ماڻهو پنهنجي پوري قوت سان مقابلو ڪندو. ان ڪري ضروري آهي تہ قربانيون ڏيندڙن کي نہ وساريو وڃي ۽ اهڙن ماڻهن کي پنهنجو فطري اتحادي قبول ڪري انهن سان ناتا جوڙيا وڃن. چاڪاڻ تہ ايندڙ وقت جو منصف تاريخ آهي ۽ تاريخ جي ڦيٽي کي ماڻهو ڦيرائيندو آهي.

آچر، 6 مئي، 1990ع
هلال پاڪستان

"قومي" ۽ "علاقائي" اخبارون ؟!

هڪ بين الاقوامي اخبار لکيو آهي تہ آمريڪا ۾ ڪجهہ اخباري ڪالم نويس اهڙا آهن جن مان هر هڪ برابر آهي ٽن سينيٽرن جي. ان راءِ سان اختلاف رکندي هڪ يورپي ڪالم نويس لکيو آهي تہ ان ڳالهہ ۾ وڏاءُ آهي. اخباري ڪالم نويس، بهرحال هڪ سينيٽر کان وڌيڪ آهي. ان بحث دوران يورپ ۽ آمريڪا ۾ صحافت ۽ عوام جي راءِ تي صحافين جي لکڻين جي ڪري جيڪو تاثر پيدا ٿئي ٿو ان جو جائزو ورتو ويو آهي ۽ ايئن بہ چيو ويو آهي تہ صحافي حڪومتن کي ڌاهڻ ۽ ٺاهڻ جيتري طاقت رکندا آهن.

بهرحال، اڳيون دور تہ جيئن تيئن ڪري گذري ويو... ٽن ڏينهن ۾ اظهار جي آزادي تي ڪيڏا وڏا ڏاڙا هنيا ويا. صحافين جي قلم کي پيڇي ان جا ڪيترا ٽڪر ڪيا ويا، سچ لکڻ جي ڏوهہ ۾ هنن کي جيلن جون کهڙيون هوائون کارايون ويون، شهيدن کي ڪيئن ڌاڪو ملڪ دشمن، غدار ۽ ڪافر قرار ڏنو ويو ۽ ڪوڙ کي ڪيئن سچ ڪري پيش ڪيو ويو. اهو داستان ڏاڍو دڳهو ۽ ايذائيندڙ آهي. شايد بلڪل اهڙو دور پٽائي صاحب جي زماني ۾ بہ آيو هو جنهن ڪري هن چيو هو تہ، "پلئہ پايو سچ، آڇيندي لڄ مران." ۽ اهڙي مارشل لا شايد سڄل سرمست جي ڏينهن ۾ بہ لڳي هئي جيڪو ان بيت لکڻ لاءِ مجبور ٿيو هو تہ، "مات ڪريان تہ مشرڪ ٿيان، ڪچان تان ڪافر ـ انهيءَ وائيءَ وَرُ سمجهي ڪو سچيڏنو چوي". پر وقت بہ ڪو وڏو ويڇ طبيب آهي جيڪو ماضيءَ جي زخمن تي ملهم پٽيون رکي انهن کي متائي ٿو ڇڏي. ڪٽنابا جي مشهور مارڪسي دانشور

ڊائسن ڪارٽر سچ چيو هو تہ "دنيا ۾ اهڙو ڪو بہ زخم ڪونهي جنهن کي زندگي چٽائڻ جي صلاحيت نہ رکندي هجي." پر ان سچ جي باوجود سنڌ کي گذريل ڏهائيءَ ۾ جيڪي ڏنپ ڏنا ويا آهن، تن کي هيل تائين نہ "وقت" ۽ نہ "زندگي" چُٽائي سگهي آهي. انهن گهاون کي پرڻ لاءِ وقت جو انتظار ڪرڻ سان گڏ ڪجهہ حڪومتي اپائن جي بہ ضرورت آهي.

موجوده حڪومت جنهن جا بيشمار اهلڪار ڪالهہ جيلن ۾ هئا جن مان کي تہ شهيد ٿي ويا ۽ ٻيا جيڪي جيلن کان ٻاهر هئا، سي پنهنجو اختلافي بيان ڇپائڻ لاءِ پريشان رهندا هئا، ان کي پريس جي آزادي جو گهٽي کان گهٽو احساس هئڻ گهرجي. ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ هن حڪومت اچڻ سان ئي اخبارن کي آزادي ڏني آهي ۽ اخبارون جاري ڪرڻ وارن قانونن ۾ وڏي نرمي آندي آهي. ان حقيقت کي بہ نہ مڃڻ بي انصافي ٿيندي تہ موجوده حڪومت اخبارن کي ايتري آزادي ڏني آهي جو اردو ۽ انگريزي پريس پ پ جو ذري گهٽ بائيڪاٽ ڪيو ويٺي آهي پر انهن اخبارن تي يا انهن اخبارن جي صحافين تي ڪو بہ قدم نہ کنيو ويو آهي. جمهوريت ۾ اختلاف راءِ رکڻ فطري عمل ٿيندو آهي. اها حقيقت وزيراعظم کان وٺي صوبائي وزيرن ۽ مشيرن تائين ڪيترا دفعا اخباري بيانن ۾ مڃي وئي آهي. ان جي باوجود اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ صحافين جي اختلاف راءِ کي هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي پر سنڌي صحافين سان مختلف سلوڪ آهي. هن وقت ڪهڙا صحافي جيل ۾ آهن، انهن جي نالن جي سرڪار کي خبر آهي ۽ سنڌ پ پ جي صدر يعني اڳوڻي سنڌ حڪومت جي وڏي وزير خيرپور ۾ تازو هڪ اخباري پڌرائيءَ موجب اهڙي هڪ صحافي جو ذڪر بہ ڪيو هو. هاڻي تہ صوبائي حڪومت ۾ تبديليون بہ آيون آهن ۽ سنڌ جو هاڻوڪو وڏو وزير بہ سکر جيل ۾ رهي چڪو آهي. هاڻي تہ اميد ڪري سگهجي ٿي تہ سنڌي اخبارون ايڏا بہ ترقي ڪنديون، انهن کي

اردو ۽ انگريزي اخبارن وانگي جهجها اشتهار ڏنا ويندا ۽ انهن جي زخمن تي لوڻ برڪي انهن کي "علاقائي اخبارون" نه ڪوٺيو ويندو. سنڌي اخبارن کي هيءَ گار شايد ان ڪري ڏني ٿي وڃي، ڇاڪاڻ ته هتي "قومي اخبارون" صرف اهي آهن جيڪي ايم ڪيو ايم جون ترجمان آهن ۽ جيئن ته سنڌي اخبارون مهاجرن کي "قوم" نه ٿيون مڃين ان ڪري انهن کي اشتهار به گهٽ ملن ٿا ۽ انهن کي "علاقائي" به ڪوٺيو وڃي ٿو. دراصل موجوده جمهوري، عوامي ۽ چونڊيل شهري حڪومت کي ان مشوري ڏيڻ جي ضرورت آهي ته "قومي" ۽ "علاقائي" واري هن فلسفي کي جيترو جلد ٿي سگهي ڪو لغام ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ ته ان فلسفي ۾ ڪي بنيادي خاميون ۽ خطرا آهن. هڪ ته انگريزي هن ملڪ جي قومي زبان ناهي، ان جي باوجود انگريزي اخبارن کي "قومي" ۽ سنڌي اخبارن کي "علاقائي" ڪوٺيو وڃي ٿو. ٻيو ته جيڪڏهن اردو ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ اخبارن کي "قومي" ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ اخبارن کي "علاقائي" ڪري مڃيو ويو ته پوءِ ان سياسي راڳ جي تان ان وقت ڪٿي وڃي تنڊي، جڏهن اهو فلسفو اخبارن کان اڳتي وڌي مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن سان وڃي لاڳو ٿيندو؟؟؟ ان تي اسان جي ووٽن سان اقتدار ۾ آيل پارٽيءَ جي حڪومت کي انتهائي سنجيدگيءَ سان سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ سندس ئي فائدو آهي.

سومر، 14 مئي، 1990ع
هلال پاڪستان

ایڈیٹوریل

پوڏون، خطري جي گهنٽي
۽ مسڪين ماڻهو

قديم زماني کان وٺي سنڌ جا ڪي دائمي ۽ اٽٽر مسئلا آهن جيڪي هر سال سنڌي ماڻهن کي آزاريندا رهندا آهن. ان ڪري هتي رهندڙ انسانُ هميشہ کان وٺي فطرت سان جنگ جوٽي پنهنجن دردن کي دور ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪندو رهيو آهي. انهن مسئلن ۾ پوڏون، پوڏن کانپوءِ وبائي بيمارين ۽ غربت، ٽي ازلي آزار آهن جن جي پيڙا سنڌ جا ماڻهو موهن جي دڙي واري زماني کان وٺي اڄ تائين پوڳي رهيا آهن. پوڏون ان ڪري ٻہ سنڌ جو هڪ فطري مسئلو آهي جاکاڙ تہ سنڌ جي جاگرافي ئي اهڙي آهي جو ان مان پاڻي جي نيڪال لاءِ رڳو ڏکڻ وارو علاقو ڪليل آهي جڏهن تہ سنڌ جي اولهہ ۽ اوپر ۾ جبلن جون قطارون آهن. سو سنڌوءَ جي ماٽري مان وهندڙ شينهن درياءَ جڏهن مؤج ۾ اچي ٿو تہ پنهنجن ٻنهي ڪنارن کي ٻوڙي وڃي ٿو سنڌي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري، جنهن کي هندي وڏو سمنڊ ۽ عربي سمنڊ ٻہ چون. سنڌوءَ جي آب حيات جهڙي پاڻي جي چڙهڻ سان هڪ پاسي لکين ايڪڙ زرعي زمين آبپاشي جي نعمت کان نوازجي ٿي وڃي ۽ ڏاڍا جهجها فصل ٿين ٿا جنهن ڪري ڪشمور کان وٺي ڪيٽي بندر تائين خوشحالي پکڙجي وڃي ٿي ۽ مال متاع، پکي، سپون ۽ آدمين لاءِ اقتصادي آڇپو پئدا ٿيو وڃي، تہ ٻئي پاسي ٻوڏون راڳ ٻہ آٽين ٿيون جنهن ڪري وڏي پئماني تي تباهي ٿئي ٿي.

سنڌ جي ماڻهن موجوده دور ۾ سال 1973ع، 1976، 1983ع

۽ 1987ع ۾ وڏيون ٻوڏون ڏٺيون آهن جن دوران سنڌو مست هاڻي جان پنهنجا ڪنارا لتاڙي پري پري تائين تباهي آڻي چڏي هئي. انهن وڏين ٻوڏن ۾ لکين ايڪڙ زرعي زمين تي بينل سارين جا فصل تباهه ٿي ويا هئا. هزارين ڪڪائيون جهوپڙيون پاڻي ۾ لڙهي ويون هيون ۽ سوين جانور ۽ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا هئا. ان لحاظ کان ڏسجي ته سنڌو درياءَ کي اهڙي ديوتا جهڙي طاقت آهي جيڪو جيترو آباد ڪري ٿو ايترو تباهي به آڻي ٿو وجهي. بهرحال جيئن ته سنڌو درياءَ اسان جي پنج هزار ورهيه پراڻي موهن جي دڙي واري تهذيب جو خالق آهي ۽ سنڌ جي ڏرتي جو انچ انچ پٽ ناهي ڏنو اٿس، ان ڪري درياءَ تي ڪائي دانهن نٽي ڏئي سگهجي، رڳو آبپاشي کاتي تي زور آڻي سگهجي ٿو ته ٻوڏ جي تباهه ڪارين کان سنڌ جي مسڪين ماڻهن کي بچائڻ ۾ ڪا اثرائتي مدد ڪري.

ان سلسلي ۾ وفاقي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت جي آبپاشي کاتي جي واسطيدار عملدارن کي هاڻي کان هوشيار ٿيڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ ۾ ڇهه لک ڪيوسڪ پاڻي اچڻ ڪري اڳيئي ڪچي واري علاقي جا ڪيترا ڳوٺ ٻڏي ويا آهن. اختيارين کي ان ڪري اڳوات چتاءُ ڏيندي اسان تاڪيد ڪنداسين ته ٻهراڙي جي مسڪين ماڻهن جا ڪاوان اجها بچائڻ، انهن جي جان، مال ۽ فصلن جي حفاظت ڪرڻ خاطر هينئر کان جوڳا اپاءُ وٺن، ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ جي ٻنهي ڪناري تي ڪشمور کان وٺي سورجاڻي بند تائين اهڙيون ڪيتريون ئي خطري واريون جايون آهن جتي ٻوڏ تباهي مچائي سگهي ٿي. اهڙن خطري وارن هنڌن ۾ رُڪ، آگاڻي، نصرت لوپ بند، موهن جو دڙو، دادو مورو پل، سيوهڻ، مانجهند لڳ ريلوي لائين ۽ ٻيا ڪيترائي اهم شاهراهه ۽ بند آهن جن جي حفاظت جو ڪم هاڻي کان ڪرڻ ضروري آهي.

اسان سرڪاري عملدارن کي اها به وينتي ڪنداسون ته سنڌ جي غريب عوام کي ٻوڏن کان بچائڻ لاءِ حڪومت پاران ملندڙ ناڻي

کي انساني همدردي وچان خرچ ڪيو ويڳي ۽ ان مان هڪ پئسو ڦٻائڻ کي حرام سمجھيو ويڳي. ٻي صورت ۾ اوهان کي، ڏاڙيلن ۽ ڏارين دهشتگردن ۾ فرق ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو.

جمعو 20-جولاءِ 1990ع
عوامي آواز

ڏاڙيلن جي دهشتگردي
۽ بهراڙين مان لڏپلاڻ

شهرن ۾ دهشتگرد ۽ بهراڙين ۾ ڏاڙيل، سنڌ جو سمورو رت ۽ ست نچوڙي رهيا آهن. سنڌ، سڪرات ۾ ورتل ڪنهن مريض وانگي ڏکن ڏوجهرن جي منڙي زهر جو ٻڪ ٽي هڏڪيون کائي رهي آهي ۽ ان جا ٻچا خون جي درياءَ ۾ غوطا کائي رهيا آهن.

سنڌ ۾ ڏاڙيلن جي تاريخ ڏاڍي پراڻي آهي، مها پارت وانگي قديم جنگ جي سرواڻ ارجن کي هاڻوڪي حيدرآباد جي اوسي پاسي ۾ سنڌي ڏاڙيلن ايڏو اڇي وڪوڙيو هو جو پنهنجا ٻچيل سپاهي وٺي جان بچائي هئائين. پورچوگيز ڊچ ۽ انگريز جڏهن سنڌ ۾ آيا هئا تہ هنن کي ٻن مصيبتن سان منهن ڏيڻو پيو هو. هڪ سنڌ جي گرمي ۽ ٻيو سنڌ جا ڏاڙيل ـ پٺائي صاحب پنهنجي دور ۾ پڙ شايد اهو آزار ايڏي شدت ۾ ڏٺو هو جو گهٽ ۾ گهٽ ٻہ بيت لکي مسڪين ماڻهن جي درد کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اوتيو هو. "جُهہ سي لوڙائو ٽيا، جنين پر رهن مارو منجهہ ٽرن، رهي رهندا ڪيترو." ۽ ٻئي هنڌ لکيو هئائين تہ "جنين سندي ڏيڙ، ماروئڙا فقير ڪنهن در ڏينندا دانهڙي"

هيءَ تہ آهي اسان جي ماضي، جنهن ۾ ڏاڙيلن جي قهري ڪارروائين سبب ماڻهو پنهنجن موروثي ماڳن مان لڏڻ لاءِ مجبور ٽيا هئا ۽ ايڏو ٻيڻاوس ٽي چُڪا هئا جو هنن کي اهڙو ڪو در ٻہ نٿو ٽي ملیو جتي دانهن ڪٽي وڃن. پر زمان حال ۾ اسان جي حالت ان کان ٻہ ابتر آهي. هاڻي تہ ڳوٺاڻن ماڻهن جو ڪوس جاري آهي، ڪچي جي علاقي ۾ رهندڙ غريب هاري ماڻهن جون عزتون محفوظ ناهن. ٿوري

گهٽي سرنديءَ وارو ماڻهو لڏڻ لاءِ مجبور ٿي ويو آهي ۽ اڳي جڏهن حالتون خراب ٿي ويندیون هيون تہ ماڻهو چوندا هئا تہ "مُلڪ وِهڻ کان ويو آهي"، پر هاڻي چون ٿا تہ "ملڪ لڏڻ کان بہ هليو ويو آهي."

سنڌ جا هاڻوڪا ڏاڙيل ڪير آهن، ڪيئن پئدا ٿيا آهن ۽ ڇا ٿا سوچين؟، ان حقيقت جي ڄاڻ اسان کان وڌيڪ انهن پوليس وارن کي هوندي جيڪي ڏاڙيلن جي نڪاڻن تي ڇيلا ڪُهي ٿا کائين، ۽ شراب خوريون ٿا ڪن. جيڪڏهن اهڙا پوليس آفيسر بالا اختيارين سان سچا هجن يا موجوده حڪومت جا وفادار هجن تہ هوند سنڌ جي هن ڪُهني مسئلي جو حل جهٽ پٽ ۾ نڪري اچي.

بهرحال اڃڪلهہ تہ اهڙيون شڪايتون بہ ملي رهيون آهن تہ ڏاڙيلن طرفان اهڙن سماجي ڪارڪنن ۽ سياسي اڳواڻن کي قتل جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن جيڪي حق سچ جي جدوجهد دوران پوليس سان مهاڏو اٽڪائيندا رهندا آهن. هاڻي تہ ماڻهو پهراڙين مان لڏڻ لاءِ مجبور ٿي چڪا آهن، سنهي ٽلهي وڻج واپار وارا هندو سنڌي ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيا آهن ۽ هڪ پاسي آهي باهہ تہ ٻئي پاسي آهي پٽ. ڪوٽن ۾ ڏاڙيل ۽ شهرن ۾ مهاجر دهشتگرد! وڃجي تہ ڪاڏي وڃجي.

هوڏانهن حڪومت بار بار پئي اعلان ڪري تہ ڏاڙيلن جو خاتمو ڪيو ويندو. سنڌ جي آءِ جي صاحب جو چوڻ آهي تہ ڏاڙيلن خلاف آپريشن انهن جي خاتمي تائين جاري رهندو. في الحال تہ ڏاڙيل گهٽ ۾ پوليس وڌيڪ مري رهي آهي. ڪالهہ ضياءَ دور ۾ بہ ڊويزن فوج بہ هن آزار کي مٽائي نہ سگهي هئي ۽ انهن ڏينهن ۾ مخالف ڌر جي پارٽي يعني پ پ جا اڳواڻ چوندا هئا تہ اسان اقتدار ۾ اچي هي مسئلو ڏاڙيلن کي مشروط قسم جي معافي ڏئي حل ڪنداسون. پر هاڻي وزيراعظم بينظير پٽو ڏاڙيلن کي معافي ڏيڻ جي حق ۾ ڪانهي. ٽي سگهي ٽو تہ سندس حڪمت عملي صحيح هجي، پر جيڪڏهن ڊسمبر ۱۹۸۸ع کان وٺي ان ڏس ۾ ڪنهن قدمن جو جائزو

ونجي ٿو ته سمجھ ۾ نٿو اچي ته ڏاڙيلن کي انهيءَ رفتار سان ڪيئن ختم ڪري سگھبو. هاڻي ته صورتحال ان جاءِ تي اچي پهتي آهي ته ڏاڙا هڙڻ يا هٽائڻ وڏي پئداوار وارو ڌنڌو ٿي پيو آهي ۽ ڪي ماڻهو ان کي تجارت سمجهي لاقانونيت کي همٿائي رهيا آهن. سو ان کان اڳي جو سنڌ جو بيروزگار نوجوان نسل ان جهنگلي فوج ۾ وڃي پر تي ٿئي، ڏاڙيل باقي بچيل سنڌي هندن کي سنڌ مان لڏائي ۱۹۴۷ع جي تاريخ ٻيهر ورجائين ۽ سنڌ جي مڙني اهم ماڻهن کي انهيءَ اڻڪل سان مارائي بنگال واري ياد تازي ڪئي وڃي، حڪومت کي ان تي حد کان وڌيڪ سنجيدگي سان سوچڻ گهرجي ۽ جهنگلي فوج کي مهذب بڻايو وڃي يا ناس ڪيو وڃي چاڪاڻ ته ٻي صورت ۾ ايئن نه ٿئي ته پوليس ۽ ٻين قانون نافذ ڪندڙ ادارن تي حاوي ٿي ڏاڙيل حڪومت جوئي تختو اونڌو نه ڪري ڇڏين.

آچر 22- جولاءِ 1990ع
عوامي آواز

ڪور ڪمانڊرن جي گڏجاڻي
۽ سنڌين جي من جو ماندڻ

فوج جي ڪور ڪمانڊرن جي تن ڏينهن واري گڏجاڻي فوج جي سربراهه جنرل مرزا اسلم بيگ جي اڳواڻي ۾ هلي اڄ پوري ٿي آهي. جنهن ۾ اخباري اطلاعن مطابق هندستان ۽ افغانستان سميت سرحدي صورتحال سان گڏ سنڌ جي گنييير مسئلي تي پڻ ويچار ٿيو آهي. ان گڏجاڻي جي نوعيت ڪجهه اهڙي آهي جو آسمان مان جهڙي خبرون آڻي ڏيندڙ صحافين کي به اها معلومات ملي نه ٿي سگهي ته ان ۾ ڪهڙو بحث ٿيو ۽ ڇا طئ ٿيو؟ بهرحال ملڪ اندر ۽ باهر سرحدن تي جيڪا صورتحال موجود آهي. ان جي روشني ۾ هن گڏجاڻي کي بيحد اهميت حاصل آهي ۽ خاص ڪري جڏهن اعليٰ فوجي حلقن جي ڪا اهڙي گڏجاڻي هجي جنهن ۾ سنڌ جو مسئلو بحث هيٺ آيو هجي ته ان تي سنڌين جي من ۾ ماندڻ مڇڻ فطري ڳالهه آهي.

ليفٽيننٽ جنرل مئڪ من نالي هڪ انگريز عالم سنڌو درياءَ تي لکيل پنهنجي هڪ جڳ مشهور ڪتاب ۾ سنڌي ماڻهن جي قومي مزاج بابت ڏکهي تاريخي پسمنظر ۾ جائزو وٺندي ڪجهه هينئن لکيو آهي: "عام سنڌي ماڻهو هر هلائيندي باهر کان سنڌ ۾ داخل ٿيندڙ مختلف ماڻهن کي چتائي ڏسي ٿو جيڪي هتي اچي آقا ٿي وڃن تا ۽ پوءِ ڪنڌ ڦيري پنهنجي هَرَ کي زمين ۾ ڪُپائي آس ٿو ڪري ته شل نئون آيل آقا پراڻي آقا کان وڌيڪ رحمدل هجي."

هن پسمنظر جي روشني ۾ ڏٺو ويجي ته اسان سنڌين جي اڄ به حالت ڏري گهٽ ساڳي آهي ايتري تائين جو سنڌ ۾ سياڻي ڇا ٿيندو اهو به گهٽو ٿو اسان جي وس ۾ ناهي. اسان جي وس ۾ ته رڳو اهو هو ته نومبر 1988ع جي چونڊن ۾ ويجي ووٽ وجهي اچون ۽ ملڪ ۾ آمريت جي جاءِ تي جمهوريت جو سج اپاري ڇڏيون. اسان جي وس ۾ رڳو ايترو هو ته اسان ضيا آمريت خلاف پنهنجي خون جو نذرانو ڏيون ۽ ان لاءِ ٽڪٽڪيءَ تي ٽنگجي به حق ۽ سچ جا نعرا هڻون. اهڙي طرح اسان جي وس ۾ جيڪو هيو سو اسان ڪيو سون ۽ وفاق جي حق ۾ ووٽ ڏئي ڇڏيو سون. پر پوءِ به اسان کي علحدگي پسند، غير ملڪي ايجنٽ، ملڪ دشمن ۽ اسلام دشمن سمجهيو پيو ويجي. اسان سان اها واردات ماضيءَ ۾ به ٿي چُڪي آهي- پاڪستان جي حق ۾ پهريون ٺهراءُ به سنڌ پاس ڪيو تنهن هوندي به سنڌين کي پاڪستان جو دشمن ڪوٺيو ويو. جن سنڌين نيويءَ جي بغاوت جي اڳواڻي ڪئي انهن کي برطانيا وارن به غدار ڪوٺيو ۽ برطانوي حڪمرانن جي جانشينن به کين ساڳين لقبن سان نوازيو. اهڙي طرح جن ترقي پسندن "آزاد هندستان ۾ آزاد پاڪستان" جا نعرا هنيا، انهن کي سنڌي هندو هجڻ ڪري هندستان جي سرحد تي وڃي بيهاريو ويو ۽ کين چيو ويو ته هو پاڪستان ڇڏي هليا وڃن. ساڳي طرح جن ماڻهن هي ملڪ ٺاهيو ۽ نئين ملڪ ۾ آيل نوجوان رهواسين کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون، انهن ئي ماڻهن جي وجود کي هاڻي ڪلاشنڪوف جي برسٽن جو نشانو بڻايو پيو ويجي.

سو جيڪڏهن تاريخ ڪنهن مصلحت پسنديءَ جو خيال نه واريندي آهي ۽ ڪنهن سان به بي انصافي نه ڪندي آهي ته پوءِ سنڌ جي مسئلي کي انساني همدرديءَ جي بنياد تي پرکي سنڌين سان ٿيندڙ زيادتين جو ازالو ڪيو ويجي ۽ سنڌ جي تازن زخمن تي لوڻ نه ٻرڪيو ويجي- ان ڪري ضروري آهي ته سنڌ جي عوام جن ماڻهن کي پنهنجو چونڊيل نمائندو قرار ڏنو آهي انهن کي موقعو ڏنو ويجي ته اهي

پنھنجي اقتدار جا پنج سال پورا ڪن. ايئن ڪرڻ سان سنڌين کي احساس ٿيندو تہ سندن حيثيت مساوي آھي ۽ ھنن جي ووٽ جي بہ ڪا اھميت آھي.

ان ڪري موجوده حالتن ۾ اھا آس ئي ڪري سگھجي ٿي تہ فوجي ھيڈڪوارٽر ۾ ٿيل اعليٰ فوجي عملدارن جي گڏجاڻي ملڪ ۾ جمھوري دور جاري رکڻ جي حمايت ڪندي ۽ پارلياماني جمھوريت جو نئون ڇاول ٻوٽو جيڪو اڃا مس انگوريو آھي ان کي وڌڻ ويجھڻ لاءِ عوامي راءِ جي احترام جو پاڻي ڏنو ويندو ۽ ان ڳالھ جو خيال رکيو ويندو تہ ڪنھن اڻ پلئي ٻار وانگي کي انڊو ھڻ ان ڪومل ۽ نازڪ ٻوٽي کي پاڙ کان ڇڪي ٻاھر ڪڍي ڪنھن گٽر ۾ اڇلائي نہ ڇڏيندو.

ان ۾ ئي ھن ملڪ جي ڇڳائي آھي ۽ ايئن ڪرڻ سان ئي ھتي رھندڙ ڏڪڙيل ماڻھن جي اکين ۾ جاڳندڙ اڻ پورن خوابن جي تڪميل ٿي سگھي ٿي. بھرحال، سنڌين کي ھر صورتحال لاءِ تيار رھڻو پوندو ۽ پنھنجي جوش کي ھوش جي ضابطي ۾ رکي پنھنجي آئيندي جي اڏاوت جو اونو رکڻو پوندو.

پيڙي پيڙي ٻڌ، سورائتي سندرو
ڪيچ اڳاھون پنڌ، متان لڪن سين لڳين مرين.

پٽائي

سومر 23- جولاءِ 1990ع
عوامي آواز

سياسي نخرا، سرچاءَ ڪميٽي ۽ آئين ترميم جو لاش

مرڪز ۾ پنجاب وچ ۾ سرچاءَ ڪرائڻ لاءِ پنجن ميمبرن واري ڪميٽي جيڪا ڪجھ مهينا اڳ جوڙي وئي هئي ان گذريل آچر تي ڳالهين جي چوٿين دور دوران سورهن نقطن واري ڏکهي ايجنڊا تي غور ڪري اهو تاثر ڏنو آهي ته پرچاءَ وارو ڪم ڏاڍي پريم سان اڳتي وڌي رهيو آهي. هن ڪميٽي ۾ وفاقي حڪومت پاران ملڪ محمد قاسم ۽ سيد يوسف رضا گيلاني شامل آهن. جڏهن ته پنجاب حڪومت پاران منظور احمد وٽو غلام حيدر وائين ۽ ملڪ نعيم احمد شامل آهن. جن اهم مسئلن تي ان سلسلي ۾ ويچار ڪيو ويو آهي انهن ۾ پيپلز ورڪس پروگرام، ڳوٺن کي بجلي فراهم ڪرڻ، عام مفادن واري ڪائونسل، سياسي وفادارين بدلائڻ خلاف آئيني تدبيرن توڙي سرڪاري ملازمن ۽ سياسي ڪارڪنن کي هيسائڻ وارا معاملا شامل آهن.

اسان جي خواهش آهي ته وفاقي سرڪار ۽ پنجاب شل پاڻ ۾ پرچي وڃن ته جيئن موجوده چونڊيل حڪومت کي جمهوري طرح پنهنجي اقتدار وارو مدو پورو ڪرڻ جي مهلت ملي سگهي ۽ ويچارن جا نام ماٺهن جو به ڪو بلو ٿئي جن پيپلز ورڪس پروگرام تي عمل ٿيڻ لاءِ هاڻي آسمان ڏانهن ڏسڻ شروع ڪيو آهي. ها، البت، اسان کي اها ڳالهه به محسوس ٿي رهي آهي ته هنهي ڏرين وچ ۾ جيڪو جهيڙو آهي سو ايجنڊا جي نقطن تي گهٽ ۽ اقتدار جي ڪرسي تي وڌيڪ آهي. ان جهيڙي ۾ جيئن ته ڪا به ٽين ڌر غير جانبدار ٿي نه ٿي

سگهي، ان ڪري اسان کي چوٽو پوندو ته وفاق سان پنجاب جو جهيڙو اسلام آباد تي راج قائم ڪرڻ جو آهي. باوجود ان جي ته تازو وزيراعظم بينظير پٽو فوج لاءِ عدالتي اختيارن جي سلسلي ۾ واضح ڪيو هو پر آئين جي ۲۴۵ فقري هيٺ فوج کي اختيار ان صورت ۾ ڏنا ويندا آهن جڏهن ڪو صوبو وفاق سان جهيڙيندو هجي ۽ بغاوت تي لهي اچي، پر ان اشاري کانپوءِ به پنجاب سرڪار جي رويي ۾ ڪو فرق نه آيو آهي ۽ حڪومت به مجبور نظر اچي رهي آهي ته پنجاب سان سرچاءُ وارو ڪم اڳتي وڌايو ويجي. شايد ان جو مقصد اهيو آهي ته آئين جي ۲۴۵ فقري هيٺ فوج کي پنجاب واري صوبي ۾ موڪلي نٽو سگهجي، ان ڪري ڳالهه جيئن ٺهي تيئن ٺاهڻ گهرجي.

سو اهو وفاق ۽ پنجاب جو مسئلو آهي، اسان سنڌ وارن کي ٻين جي معاملن ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي. البت، اسان اهو ضرور سمجهون ٿا ته هي ڪو پهريون موقعو ناهي آيو جڏهن وفاق ۽ ڪنهن صوبي جا پاڻ ۾ اختلاف ٿيا هجن. اهڙو جهيڙو اوپر بنگال ۽ وفاق وچ ۾ به ٿيو هو پر ان کي حل ڪرڻ لاءِ ڪا سرچاءُ ڪميٽي قائم نه ڪئي وئي هئي، ان لاءِ استرائيڪنگ فورس ٺاهي آپريشن ڪيو ويو هو. اهڙو اختلاف وفاق ۽ بلوچستان وچ ۾ به ٿيو هو پر ان کي به نبيرڻ لاءِ ڪنهن سرچاءَ ڪميٽيءَ ٺاهڻ بدران پهاڙن تي ٻمن جو مينهن وسايو ويو هو ۽ گذريل يارهن سالن تائين وفاق کان ڪا به چڱن مڙسن جي ٽيم سنڌ ۾ نه آئي هئي جڏهن سنڌ ۽ وفاق جي اٽڪٻٽ تي هئي- ها، البت، هڪڙو ريفري موڪليو ويو هو جيڪو راند شروع ڪرائي، پاڻ ئي ميدان فتح ڪري ڇڏيو هو ۽ پوءِ ڳوٺ برهماڻي، لاکات، صادق ماڇي، دائو ديرو مورو خيرپور ناٽن شاهه، لاڙڪاڻو ٽٽو ۽ نوشهروفيروز کان لنڊن جي اخبارن خبرون ڇپڻ شروع ڪيون هيون.

سو اسان نه ٿا چاهيون ته وفاقُ پنهنجا اختلاف پنجاب سان انهيءَ نموني حل ڪري جيئن ماضي ۾ بنگال، بلوچستان ۽ سنڌ جي حالت ۾ ڪيو ويو هو- اسان، بهرحال، پنجاب کي نيڪ مشورو

ڏيندا سون ته ماضي کان سبق پرائي ۽ وفاق کي به ياد ڏيارينداسون ته ان سلسلي ۾ اڳتي وڌڻ کان اڳ پاڪستان ۾ "وفاق" لفظ جي سياسي معنيٰ تي غور ڪيو وڃي۔ اسان نه ٿا چاهيون، "وڏهن سانَ ۽ لتاڙجن پُوڙا"، ۽ نه وري اسان آس لڳايون وينا آهيون ته ڪو دنيا جا سيئي بگهڙ ان تي متفق ٿي وڃن ته رڍن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪرڻو آهي۔ اسان دراصل پوري سنجيدگي سان ان راءِ جا آهيون ته شل وفاق ۽ پنجاب صوبي وچ ۾ پرچاءُ جو اهڙو ناهه ٿي وڃي جيڪو هن ملڪ ۾ ڪن اڻ۔لکيل آئين جي حيثيت حاصل ڪري وڃي ۽ آئيندي ۾ جڏهن به ڪنهن صوبي جا وفاق سان ناتا بگڙڻ لڳن ته ان جو حل انهيءَ ناهه جي روشنيءَ ۾ پاڻمرادو ٿي وڃي ۽ ان لاءِ نه ڪنهن سرچاءَ ڪميٽي جو ناهڻ ضروري ٿئي ۽ نه ڪنهن "اسٽرائيڪنگ فورس" جون حالتون حاصل ڪرڻ جي زحمت کڻڻي پوي.

پر اهو سڀ ڪجهه تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو جڏهن هن ملڪ ۾ آئين جي بالادستي قائم ٿئي ۽ آئين جي حڪمراني هتي تڏهن اچي سگهي ٿي جڏهن انين ترميم واري لاش کي اگهاڙو ڪري تاريخ جي قبرستان ۾ دفن ڪيو وڃي ته جيئن 1973ع وارو اهو آئين بحال ٿي سگهي جنهن لاءِ 1983ع ۾ سڄي ملڪ جي ڪروڙين ماڻهن سول نافرماني جي تحريڪ هلائي هئي ۽ خاص ڪري سنڌ لال لهوءَ جي سرگم تي ناچ ڪيو هو. هن معاملي ۾ آئين ڪنهن به سرچاءَ ڪميٽي کان وڌيڪ طاقتور قوت آهي ڇاڪاڻ ته چند ماڻهن واري ڪا ڪميٽي اڄ آهي، سڀاڻي ناهي، پر آئين کي رهڻو ئي آهي، جيڪڏهن جمهوريت کي رهڻو آهي ۽ خود هن ملڪ کي زندهه رهڻو آهي.

اڳارو 24-جولاءِ 1990ع
عوامي آواز

دهشتگردي جو مانگر مڇ ۾ سنڌ جا مورڙا

دهشتگردیءَ جي مانگر مڇ تي مورڙئي ۾ هن جي قوم جي پرامن قوتن پنهنجي حال سارو جيڪا بڇ ڪئي آهي ان جي نتيجي ۾ اهو راڪاس ايڏا مُئو ناهي، البت هيڏو ضرور ٿيل آهي. گذريل عيد تائين سنڌ حڪومت ۾ سنڌ جي امن پسند قوتن پاران دهشتگردي جي ديوَ تي ٿيل حملن جي نتيجي ۾ مانگر مڇ ڪافي موڪو ٿي پيو هو ۾ غشيءَ جي عالم ۾ هو. عيد کانپوءِ ان هوش سنيالیو ۾ هاڻي محرم مهيني جي چنڊ ظاهر ٿيڻ، کانپوءِ گرَ کڻي رهيو آهي. نتيجي ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ فائرنگ جا واقعا ٿي رهيا آهن. حيدرآباد ۾ ڪراچي ۾ ٽڪا ٽُڪي شروع ٿي وئي آهي، ۾ ۲۷ جولاءِ وارو ڏينهن به ويجهو ايندو پيو وڃي جنهن لاءِ جنوني اولڙا ڪراچي جو رخ ڪري رهيا آهن.

اها ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي ته گڏيل مخالف ڏر جا ليڊر هونئن ته سنڌ ۾ بدامني تي لاهور ۾ اسلام آباد ۾ ويهي هاءِ گهوڑا ڪندا آهن ۾ پ پ کي ذميوار قرار ڏئي پنهنجي سياسي دڪان هلائڻ لاءِ پريس مافيا جو پرپور سهڪار وٺندا آهن پر جڏهن ۲۷ جولاءِ وارو احتجاج ڪرڻو هوندو اٿن ته ان لاءِ اسلام آباد بدران سنڌ جي ئي چونڊ ڪندا آهن. سو امن جي هنن نام ڪنين وڪيلن جي "ڪچ ۾ قرآن ۾ هٿ ۾ ڇُري" آهي ۾ هو ڪراچيءَ ۾ جمع ٿي رهيا آهن. هنن جي ميزباني نيو جتوئي وارو پوتار ڪري رهيو آهي ۾ پ پ جي ترجمان جو بيان ڇپيو آهي ته ۲۷-جولاءِ تي جيڪڏهن هڪڙي انساني حياتي جو به زيان ٿيو ته ان جي جوابداري سي او پيءَ

(گڏيل مخالف ڏر) تي هوندي. البت اسان جو خيال آهي ته ان ڏينهن جيڪڏهن ڪنهن هڪ يا وڌيڪ سنڌيءَ جي حياتي مماتيءَ ۾ تبديل ٿئي ٿي ته ان جي جوابداري جنوني اولڙن کي پنهنجي اوطاق تي آڻڻ واري سنڌي پوتارن تي ئي پوڻ گهرجي. بهرحال اڄا وقت آهي ته مخالف ڏر جون پارٽيون ان حقيقت جو احساس ڪن ته سنڌ ۾ فسادن جي باهه وسائڻ لاءِ ڪين به ڪو ڪردار ادا ڪرڻو آهي ۽ ان جو ڪو نوس ثبوت ڏين. ظاهر آهي ته باهه وسائڻ لاءِ پاڻيءَ جي ضرورت آهي جڏهن ته هنن جي هٿ ۾ گاسليٽ جا ڏبا جهليل آهن. اها ٻي گالهه آهي ته انهن ڏهن تي اهڙي طرح "امن" جو نالو لکيل آهي جهڙي طرح عيد جي موقعي تي حيدرآباد مان هٿ آيل بم تي اهو نالو تحرير ڪيو ويو هو.

سنڌ جي نئين صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ۽ دهشتگردي جي مانگر مڇ سان جهيڙڻ لاءِ پ پ جي سنڌ حڪومت کي جيڪي ڪجهه ڪرڻو آهي، اها هڪ اهڙي تاريخي جوابداري آهي جنهن تي سنڌ جي آئيندي جو دارومدار آهي ته پ پ جي سنڌ حڪومت ايڏا تائين ان تنقيد جو بار گهلي رهي آهي ته ان دهشتگردن سان ناهه ڪيو هو ۽ اهي ماڻهو پ پ کي پٺيءَ ۾ ڇرو هڻي هليا ويا هئا. جڏهن ته سنڌو درياءَ جي پاڻي جو رنگ گاڙهو ٿي چڪو هو. سو سنڌ انتظاميا کي هن پيري ننهن چوپٽي جو زور لڳائي سنڌ ۾ لاقانونيت کي پنجو ڏيڻو پوندو ۽ پنهنجن ووٽرن جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت ڪرڻي پوندي.

ان خدشي جو اظهار اسان ان ڪري به ڪيون ٿا ڇاڪاڻ ته سنڌ جي وڏي وزير آفتاب شعبان ميراڻي سنڌ ۾ تشدد کي روڪڻ لاءِ قانون نافذ ڪندڙ ايجنسين جي چڙوچڙ ڪمان جو ذڪر ڪيو آهي. اسان سندس ان مؤقف جي تائيد ڪريون ٿا ته قانون تي عمل ڪرائڻ وارا ادارا سول انتظاميا جي هٿ هيٺ هجڻ گهرجن، پر اسان جي هٿ ۾ "ڪن فيڪون" واري طاقت ته ڪانهي. ۽ جيڪڏهن اها طاقت

وقت جي حڪومت وٽ به ناهي، ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ اهو سوال ۽ ان سوال جو جواب سنڌ جي سياسي تاريخ جا ڪيترائي پراڻا پنا ڦاڙي ڇيهون ڪري سگهي ٿو. ان ڪري سنڌي ماڻهن جي چونڊيل حڪومت کي اقتدار کان وڌيڪ عوام سان اڪير رکي پنهنجو تاريخي فرض ادا ڪرڻ گهرجي، ان ۾ پ پ جي آئيندي جا آسرا به لڪل آهن ۽ هن ملڪ جي جاگرافيائي تاريخ جو راز پڻ سانڊيل آهي.

ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته سنڌ جي پ پ حڪومت يارهن مهينڻ واري ناهه وارو ٽاپو ڪائڻ ڪانپوءِ اڪيون پٽي هلڻ سکي آهي ۽ جڏهن عوام جي حق ۾ سخت مؤقف اختيار ڪيو اٿس تڏهن کان مٿس چئني طرفن کان باهوڙ شروع ٿي وئي آهي. پر بهرحال، سوپون ته سر گهُرنديون آهن ۽ گهر وينيون مطلوب سان ملي نه سگهنديون آهن. پ پ حڪومت آڏو اڃڪلهه جيڪو چئلينج آهي سو معمولي ناهي، دهشتگردي رڳو شهرن ۾ ڪانهي، پهراڙين ۾ به آهي ۽ درياءَ ۾ چاڙهه اچڻ ڪانپوءِ ڏاڙيلن جا نڪاٽا وڌيڪ مضبوط ۽ پوليس چوڪيون وڌيڪ ڪمزور ٿي ويون آهن. سو هيءَ اهڙي صورتحال آهي، جنهن تي خود پ پ حڪومت جي اقتدار جو دارومدار آهي جيڪو دهشتگردن ۽ ڏاڙيلن هوندي هليو به ته ڪيترو هلندو.

تيستائين، بهرحال سنڌي ماڻهن کي پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪرڻ جو به بندوبست ڪرڻو پوندو ۽ سياست جي هن سمونڊ ۾ بيوقوف دوستن ۽ داناءَ دشمنن کان وٽي ڏريائين ڏارين ۽ سنڌو ماتريءَ جي اصلي وارثن کي نظر ۾ رکي جديد تاريخ جي هن ٻاهرن ڪنڊن واري رستي تان "هلي ۽ واجهاءِ، ٻنهي ڇيرن وچ ۾" واري ڏاهپ ساڻ اڳتي وڌڻو پوندو.

اربع 25- جولاءِ 1990ع
عوامي آواز

سنڌ جي ڪيس وڙهڻ واري تاريخي ذميواري

ڪور ڪمانڊرن واري اعليٰ سطحي فوجي گڏجاڻيءَ جي رپورٽ ڪٽي ملڪي فوج جو سربراهه جنرل مرزا اسلم بيگ تازو وزيراعظم بينظير ڀٽو سان وڃي مليو آهي ۽ ٻين اهم مسئلن سان گڏ سنڌ جي گنڀير مسئلي تي پڻ ڳالهيون ڪيون اٿس. ان سلسلي ۾ اخباري اطلاعن مان واضح ٿئي ٿو ته وزيراعظم ۽ فوج جي سربراهه وچ ۾ مڪمل يڪراءِ آهي ۽ هنن طي ڪري ڇڏيو آهي ته سنڌ ۾ بدامني ۽ دهشتگردي کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو.

ان کان اڳ ۾ ڪور ڪمانڊرن جي گڏجاڻي بابت ڪجهه تصوراتي خبرون ڇپيون هيون جن ۾ ڪن اخبارن جو خيال هو ته فوجي گڏجاڻي ۾ ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو هو ته، "سنڌ جو مسئلو صرف پ پ — ايم ڪيو ايم وچ ۾ ٽڪراءُ جو نتيجو ناهي پر ان پٺيان هندستان جي جاسوسيءَ واري تنظيم "را" جو هٿ آهي." اهڙيون خبرون جن اخبارن ڏنيون هيون انهن جو مزاج، لهجو ۽ نيت سنڌين جي ويرين واري هوندي آهي ۽ پريس مافيا جا اهي حلقا سيني سنڌين کي اکيون پوري غدار قرار ڏيندا آهن ـ انهن اخبارن جنهن تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تنهن ۾ هنن جو مقصد ايم ڪيو ايم کي بچائڻ ۽ جيئي سنڌ توڙي سيني سنڌين کي ڦاسائڻ هو.

بهرحال سنڌين کي ان خبر تي سرهائي ٿيندي ته فوج جو سربراهه سنڌ جي معاملي تي سنڌين پاران چونڊيل وزيراعظم سان هم خيال آهي. اهو ان ڪري به هڪ فطري عمل آهي ڇاڪاڻ ته

بينظير پٽو کي ووٽ ڏئي وزيراعظم بڻائڻ وارا ماڻهو غدار ٿي نه ٿا سگهن ڇاڪاڻ ته سندن چونڊيل پارٽي وفاق جي سڀ کان وڏي حامي ۽ ملڪ جي حفاظت جي آخري اميد آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هن ملڪ ۾ اهڙا به کي هوائي حلقا آهن جيڪي خود پ پ کي علحدگي پسند پارٽي چون ٿا ۽ اهڙي طرح پنهنجي ملڪ دشمني کي لڪائڻ جي کوشش ڪندا آهن. سو ان لحاظ کان وزيراعظم ۽ فوج جي سربراهه جي ملاقات سنڌين خلاف هلندڙ زهريلي پرچار جي توڙ لاءِ مثبت عمل تصور ڪري سگهجي ٿي ڇاڪاڻ ته اسلام آباد ۾ کي حلقا سرپاتن ۾ پنهنجي ڪروڌي روح جي سموري غلاظت سنڌين تي هاري انهن کي ملڪ دشمن ۽ اسلام دشمن ثابت ڪرڻ ۾ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيا آهن. اسان جي خواهش آهي ته سنڌين جي چونڊيل وزيراعظم جي موقف کي فوج جي سربراهه سميت ملڪ جي انهن سيني حلقن کي چڱي طرح سمجهڻ گهرجي جيڪي پاڻ کي محب وطن ۽ ملڪ جو سڄڻ سمجهندا آهن. انهن ماڻهن کي اها ڳالهه هميشه لاءِ سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته سنڌي عوام پاران فوجي آمريت خلاف هلايل تاريخي جدوجهد جو ئي نتيجو آهي جو ٽانگي ۾ سوار ٽيڻ جيترين پارٽيون به اڄ اهي سياسي آزاديون حاصل ڪري رهيون آهن. جيڪي ملڪ جي وڏي ۾ وڏي وفاقي پارٽي کي حاصل آهن ۽ ان سان گڏ خود پاڪستان پيپلز پارٽي کي ۽ اها ڳالهه هميشه لاءِ دل ۾ وهاري گهرجي ته ان جي طاقت جو سرچشمو جيڪي ماڻهو آهن انهن جو ڪيس وڙهڻ، انهن کي تنگ نظر مذهبي جنونيت جي باهوڙ کان بچائڻ، هنن جي ننگن جي لڄ رکڻ ۽ امن امان لاءِ گهرايل فوج پاران هنن خلاف ڪا به نا انصافي ٽيڻ جي صورت ۾ ڪين مڪمل تحفظ ڏيڻ جي سلسلي ۾ ڪا به ڪسر نه ڪئي ويندي. هيءَ اهڙي تاريخي جوابداري آهي جنهن تي خود پ پ جي سياسي آئندي جو دارومدار آهي ۽ هي اها آزمائش آهي جنهن مان گذري پ پ سنڌين جي دل ۾ دائمي جڳهه ٺاهي سگهي ٿي.

ريل جي سيٽيءَ لاءِ ماٺھو پنڌ پاھڻ

روزانو ريڊيو تان مختلف آوازن ۾ انائونسر اھو ٻڌائيندي ڪا بہ ڦڪائي محسوس نہ ٿا ڪن تہ فلاڻي ريل گاڏي ڇھ ڪلاڪ دير سان ايندي، پنھنجي مقرر وقت کان اٺ ڪلاڪ پوءِ ايندي يا اڄ جي گاڏي اڇوڪي تاريخ ۾ پھچي نہ سگھندي. اھا حڪومت جي تہ نيڪ نامي ٿي سگھي ٿي تہ خبرن تي ڪا پابندي ڪانھي پر ريلوي ڪاتي لاءِ واقعي اھا حقيقت انتھائي ڏکوئيندڙ آھي تہ ريل گاڏيون روزانو بنا ناغي ايترو دير سان پھچي رھيون آھن ۽ اھا حيرت جي ڳالھ آھي تہ ريلوي ڪاتي جڏھ اعليٰ عملدار اھو محسوس نٿا ڪن تہ اھڙي صورتحال ۾ سندن ادارو مجموعي طور تي ساک وڃائي ويھندو ۽ ماٺھو بسن، ويگنن ۽ سواري جي ٻين وسيلن کي وڃي چنبڙندا. جيستائين عام لوڪ جي حالت آھي تہ انھن جو احساس تہ ڪڏھن ڪڏھن انھن ماٺھن کي بہ ٿيندو آھي جيڪي ھنن جي ووٽن سان چونڊجي آيا ھوندا آھن. ريل گاڏين جي دير سان پھچڻ ڪري عام ماٺھن کي جيڪا تڪليف رسي ٿي ان تي ريل ڪاتي جي اوپرن آفيسرن کي ڪو احساس ٿئي، اھو ٻہ ڪان ٻير گھرڻ وانگي آھي. بھرحال، ان کي سنپالڻ خود ريلوي ڪاتي جي بھترين مفاد ۾ آھي ۽ ان سان ملڪي معيشت تي پڻ بھتر اثر پئجي سگھي ٿو.

خاص ڪري سنڈ ۾ ريل گاڏي جي دير سان اچڻ ڪري منچر مان مرندڙ مڇي، اتر سنڈ مان پئدا ٿيندڙ زيتون، ٻين علائقن مان ايندڙ انب ۽ ٻيون اقتصادي جنسون مارڪيٽ ۾ دير سان پھچن ٿيون جنھن ڪري سنڈ کي اقتصادي نقصان رسي ٿو. باقي جيستائين عام ماٺھن جي حالت آھي تہ اھي ويچارا ٻارن ٻچن سميت ريلوي استيشن جي پليٽ فارمن تي ويھي ويھي پنڌ پاھڻ ٿي وڃن ٿا پر ريل گاڏي نہ ٿي پھچي.

خميس ٢٦- جولاءِ 1990ع
عوامي آواز

انڈا اونڈا ويچ يا
تاريخ جا نابين روح

جماعت اسلامي، ايم ڪيو ايم ۽ مسلم ليگ جي اڳواڻي ۾ ٿهيل گڏيل مخالف ڌر جا اڳواڻ ميان نواز شريف سميت اڄوڪي ڏينهن احتجاج ملهائڻ لاءِ اسلام آباد ۽ لاهور بدران ڪراچي ۽ حيدرآباد اچي سهڙيا آهن. هو ڪهڙي ڳالهه تي احتجاج ڪري رهيا آهن ۽ ان لاءِ سنڌ جي چونڊ چوڪئي اٽن سو راز هاڻي راز نه رهيو آهي. هنن جي بيانن ۾ جاڻايل آهي ته اهي حيدرآباد جي پڪي قلعي واري آپريشن ۾ متاثر ٿيل ماڻهن جي سار لهڻ آيا آهن ۽ ان واقعي تي احتجاج ڪري رهيا آهن. ان دوران هنن وزيراعظم بينظير پٽي ۽ سنڌ جي وڏي وزير آفتاب شعبان ميراڻي خلاف عدالت ۾ پڪي قلعي واري آپريشن جي حوالي سان فرياد داخل ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي.

مخالف ڌر جي انهن اڳواڻن کي خبر هئڻ گهرجي ته سنڌي عوام هنن جي پارٽين کي ويهه سال اڳ چونڊن ۾ ٽڏي ڇڏيو هو. ان ڪانپوءِ جڏهن به هو عوام وٽ ويا آهن ته گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ انهن جو حشر اهڙو ٿيو آهي جهڙو سن 1937ع وارين چونڊن ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو ٿيو هو. ان جو سبب اهو آهي ته سنڌي هنن ماڻهن کي سنڌ جي مسئلن ۽ سنڌين جي تاريخي محرومين جي حوالي سان انڈا اونڈا ويچ ٿا سمجهن. اهڙا تاريخ جا نابين روح جيڪي اڄ تائين سنڌو درياءَ جي ڪنارن تي رهندڙ قديم ماڻهن جي قومي مزاج کي سمجهي ئي نه سگهيا آهن. ۽ ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته هنن جي عقل کي انڈ جا تالا لڳل آهن ۽ هو عقل واري ڪنهن ڳالهه ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ سوچڻ جا نه

اهل آهن ۽ نہ اهڙي ڏهني سگهہ ئي رکن ٿا. هنن جي پارٽين وٽ اهڙو کوبہ پروگرام کونهي جنهن مان غريبن کي کو لاڀ ملي. هو شاهوکارن کي وڌيڪ مالدار ۽ غريبن کي ايڏا بہ بکيو رکڻ گهرن ٿا. روٽي، کپڑي ۽ مکان جو نعرو هنن جي وجود تي تيزاب وانگي ساڙڻ وارو اثر ٿو کري ۽ ان کري هو انساني ترقي جي ارتقا کي پُٺي ڏئي هلڻ وارا بيوقوف جادوگر ٽيڻ جي کوشش کن ٿا. پر تاريخ جو ڦيٽو هنن کان پوئتي نہ ٿو ڦري ۽ هو گهڙيال جي کانٽن ۾ لڙکي لڙکي اونڌي منهن اچي ٿا کرن پر کانٽن کي پوئتي هٽائي نہ ٿا سگهن. وري نڪ جا اهڙا نرڇا آهن جو هر اليکشن ۾ اٽي ٿا بيهن ۽ ماڻهو هنن کي هارائي ٿا چڏين، تڏهن بہ هو نہ ٿا مڙن. سندن سياسي پروگرام عوام جي مسئلن کي حل کرڻ بدران مسکينن جي هانوَتي مگ ڏرڻ لاءِ جوڙيو ويندو آهي ۽ ڏتڙيل عوام جي ڦٽن تي لوڻ ٻُرکڻ هنن جي جاتل سڃاتل ۽ پراڻي حرکت آهي.

ان کري گڏيل مخالف ڏر سنڌ ۾ ٻيهر کان پير گهرڻ آئي آهي جڏهن تہ هنن کي اها خبر ناهي تہ هتي ٻيهر پير پئدا نہ کندا آهن. ان کري اسان ميان نواز شريف ۽ ايم کيو ايم جي سياسي ليڈرن کي واضح کرڻ گهرون ٿا تہ اسان کي سندن بهشت جي کا بہ لوڙ کانهي. اسان پنهنجو بهشت پاڻ ٺاهڻ جي سگهہ رکون ٿا. ها، البت اسان کين مخالف ڏر جا سياستدان قبول کرڻ لاءِ ان شرط تي تيار آهيون تہ اهي آئين ۽ قانون جي بالادستي ۾ پختو يقين رکن ۽ پنهنجن انهن ماڻهن کي قانون جي گرفت مان چڏائڻ لاءِ هٿ نہ هڻن جيکي دهشتگردي ۾ ملوث آهن. ٻي صورت ۾ ان فلسفي کي سياسي دهشتگردي ئي تصور کيو ويندو. ان سلسلي ۾ اڃوکي ڏينهن تي ٽيندڙ واقعن کي وڏي اهميت آهي ڇاکاڻ تہ امن جون هوائي ڳالهيون کرڻ وارن جي اندر ۾ کيترو تشدد لکل آهي تنهن جو ثبوت ملي ويندو.

جمعو 27- جولاءِ 1990ع، عوامي آواز

آسڻ جن اريج تن
جا سُور ۽ سازدا

سنڌي برابر سپ مظلوم آهن. پر جيڪڏهن ظلم جي درجا بندي ڪئي ويندي ته عورتن کانپوءِ سڀ کان وڌيڪ ڏُجهايل ماڻهو انهن علائقن جا آهن جن جي ترقيءَ لاءِ سازدا نالي اٽارٽي جوڙي وئي آهي. اهي علائقا آهن ٿر، ڪوهستان، نارو ۽ سنڌ جا ٻيا باراني حصا جتي پاڻي جي ڪوٽ، خشڪي ۽ ڏڪار جو خطرو ڳُجهيون جيان، هميشه لامارا ڏيندو رهندو آهي. هي علائقا، سرڪاري انگن اکرن مطابق سنڌ جي جملي ايراضيءَ جو ٦٠ سيڪڙو ٿيڻ ٿا جڏهن ته اسان جو خيال آهي ته جيڪڏهن خيرپور ضلعي جو فيض گنج وارو تعلقو ۽ جيڪب آباد ضلعي جا سوکهڙي کان ستايل هنڌ ان زون ۾ شامل ڪجن ته خشڪ علائقن ۾ سيڪڙو ستر کان وڌي ويندو. ريج کان وانجهيل هنن علائقن ۾ جيڪي ماڻهو رهن ٿا تن بابت هڪ ڏڳهي تاريخي پس منظر ۾ ذڪر ڪندي پٽائي صاحب چيو هو ته، "آسڻ جن اريج، تن جي وهڻ جو وَرَنُ ئي ٻيو" ـ اها ٻي ڳالهه آهي ته اهو زهر في الحال هو پاڻ پي رهيا آهن. سو هنن پنڌتي پيل ماڻهن ۽ انهن جي علائقن ڏانهن ترقي کي وڌي وڃڻ لاءِ پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪا سنجيدگيءَ سان ڪوشش نه ڪئي وئي آهي. مختلف حڪومتون آيون، ٿر ۾ ڪوهستان لاءِ ڪاغذي رٽائون ناهي هليو ويون، پر انهن تي عمل ڪڏهن به نه ٿيو ـ ان سلسلي ۾ اڳوڻي حڪومت سنڌ اربن زون ڊيويلپمينٽ اٽارٽي (سازدا) قائم ڪئي جنهن کي موجوده پ پ حڪومت بهتر طريقي سان هلائڻ لاءِ جتن

ڪري رهي آهي. هيءَ اٺارٽي سڌو سنئون سنڌ جي وڏي وزير آفتاب شعبان ميراڻيءَ جي اختيار هيٺ هلي رهي آهي، ان ڪري به ان سان عوام وڏيون اميدون سلهاڙي ويٺيون آهن ته گهٽ ۾ گهٽ عوامي حڪومت ۾ ته خشڪ علاقن جي پيڙهيل ۽ وانجهيل ماڻهن جو ڪو بلو ٿيندو.

پر عملي لحاظ کان سازدا هينئر تائين سنڌ جي پنٽي پيل علاقن لاءِ اهو ڪجهه ڪري نه سگهي آهي. جنهن جي منجهائنس اميد ڪئي پئي وئي. ماڻهن جي امداد ڪرڻ لاءِ سنها ٿلها چڱا ڪم سازدا ضرور ڪيا آهن. پر ٿر، ڪوهستان ۽ ناري واري علاقي جا بنيادي مسئلا جهڙوڪ پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهمي، روڊن جي تعمير ۽ علاج جون سهوليتون وغيره حل ٿي نه سگهيا آهن.

التو اڇڪلهه سازدا پنهنجي عملي سان جهيڙو ڪري وڏو آهي جنهن ڪري رهيو ڪهيو ڪم به رولي ۾ پئجي ويو آهي. سازدا ۾ قانوني طور چونڊيل يونين سان اختلافن کانپوءِ ڪارڪنن ۽ آفيسرن جو پاڻ ۾ پيدا ٿيل ٽڪراءُ سڄي اداري جي ڪارڪردگيءَ کي متاثر ڪري رهيو آهي. ان سلسلي ۾ سازدا اسٽاف يونين جو چوڻ آهي ته سازدا ڪارڪنن سان ڪيل ناهه تان ڦري وئي آهي، يونين جي مرڪزي جنرل سيڪريٽريءَ سميت ڪجهه عهديدارن کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو آهي. ٻه سو ملازمن جون پگهارون روڪي ڇڏيون آهن ۽ هڪ سو ڪن ۽ ڪيترن ملازمن کي چارج شيٽ ڏنا ويا آهن. ۽ ڪيترن ملازمن جون سزا طور بدليون ڪيون ويون آهن. سو اهڙي ماحول ۾ سازدا پنهنجن محدود وسيلن جي روشني ۾ جيڪو ٿورو گهڻو ڪم ڪري سگهي ٿي اهو به ٿي نه سگهندو. ان ڪري ضروري آهي ته هن اداري کي پنهنجي اسٽاف سان اختلاف ختم ڪرڻ گهرجن، نوڪرين مان خارج ڪيل ڪارڪنن کي واپس آندو وڃي ته جيئن اداري ۾ (Labour Perce) قائم ٿي سگهي. رڳو اهڙي ئي پر امن ماحول ۽ سيني ملازمن جي دلي سهڪار سان اهي ڏکيا آدرش

حاصل ڪري سگھجن ٿا جن لاءِ سازدا کي قائم ڪيو ويو هو.

ان سان گڏ اهو به ضروري آهي ته خشڪ علاقن جي ترقي لاءِ هڪ مڪمل وزارت قائم ڪئي وڃي ۽ صوبائي حڪومت پنهنجي اثر رسوخ کي استعمال ڪري وفاقي حڪومت کان جهجها فنڊ حاصل ڪري اريج وارن علاقن جي وساريل انسانن جي خدمت ڪري ڏکويل ماڻهن جي منهن تي کا معنيٰ خيز مرڪ آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪري۔ جيڪڏهن اهو مقصد حاصل ڪرڻو آهي ته پوءِ ان کانسواءِ ٻيو ڪو به چارو ڪونهي ته هن اداري ۾ جيڪي آفيسر ننڍا وڏا ملازم ۽ ڪارڪن پرتي ڪرڻا آهن اهي ٿر ڪوهستان ۽ واسطيدار علاقن مان آندا وڃن. اهو به هڪ اهم اپاءُ ٿيندو جنهن سان هن علاقي جي ماڻهن مان بيروزگاري ختم ڪري هنن جي خدمت ڪري سگهبي.

سازدا کي هن وقت اڃا به وڌيڪ فعال ادارو بڻائڻ ان ڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته اڃڪلهه ڪوهستان ۾ ڪارو ڏڪار هلي رهيو آهي. جنهن بابت مختلف اخبارن ۾ اينڊز خبرون ۽ تصويرون مئل جانور، اڌاٽل پکي، غائب ٿيل پسون ۽ اُجهاٽل انساني چهرا دنيا کي ڏيکاري رهيون آهن. ٿر جي صورتحال اها آهي ته ڪٽي ڪٽي ٿورو گهٽو وسڪارو ٿيو آهي پر پوءِ واريءَ جي طوفان نئين ڦوٽهڙي تي واري ورائي ڇڏي آهي ۽ ڪوهن جو پاڻي ڪولهين، ٻيلن ۽ مينگهواڻن جي اکين جي پاڻيءَ وانگي سڪي ويو آهي. سو جيڪڏهن هلندڙ اونهاري ۾ سارنگ ٿر جي سار نٿو لهي ته پوءِ سنڊ سرڪار ڏڪي ۾ پٽجي ويندي ڇاڪاڻ ته اريج جا ماڻهو جهڙا منا آهن تهڙا ڪڙا به ٿيندا آهن.

چنچر 28- جولاءِ 1990ع
عوامي آواز

سنڌ جي بحران واري ٽائيم بم جي ٽڪ ٽڪ

جنهن کي سنڌ جو گنڀير مسئلو چئجي ٿو سو گهٽي وقت کان وڌي جيئن جو تيئن هلي رهيو آهي. شهرن ۾ منظم دهشتگردي، بهراڙين ۾ ڏاڙيلن جون قهري ڪارروايون ۽ سڄي سنڌ ۾ لساني ۽ نسلي فساد اهڙا مسئلا آهن جن کي جيڪڏهن جلد حل نه ڪيو ويو تہ اهي سنڌ کي بيروت بنائي هتي جي ڪک پن کي تباهہ ڪري ڇڏيندا. سنڌ جي ان خطرناڪ صورتحال سڄي ملڪ کي ڏوڏي ڇڏيو آهي. ساموندي بندر، بين الاقوامي هوائي اڈو، تيل جا کوهہ، وڏا صنعتي مرڪز جنهن علائقي ۾ موجود آهن اتي دهشتگردي جي راکاس معيشت کي جيڪو ڪاپاري ڏڪ هنيو آهي تنهن سڄي ملڪ جي مجموعي آمدني کي بيدردي سان متاثر ڪيو آهي. سنڌ وارو بحران ملڪي سياست لاءِ هڪ ٽائيم بم ٽي پيو آهي. ڪيترن سياسي مبصرن جو چوڻ آهي تہ سنڌ ۾ تشدد ۽ لاقانونيت واري انارڪيءَ کي جيڪڏهن ترت ٻنجو نہ ڏنو ويو تہ پوءِ سنڌ جو خير نہ آهي ۽ نہ ملڪ سلامت رهندو.

اهڙي اهم صوبي سنڌ جي وڏي وزير آفتاب شعبان ميراڻي تازو پنهنجي بيان ۾ هڪ دفعو ٻيهر ان جو ورجاءُ ڪيو آهي تہ شهرن ۾ ٽيندڙ دهشتگردي خلاف وڏي پئماني تي آپريشن تمام جلد شروع ڪيو ويندو. هن ڄاڻايو آهي تہ ٻهراڙين ۾ ڏاڙيلن جي دهشتگردي خلاف ڪارروائي شروع ٿي چڪي آهي. جنهن جا ڪجهہ نتيجا بہ

نڪتا آهن. ان سلسلي ۾ اسان سمجهون ٿا ته سنڌ جي وڏن شهرن ۾ خاص ڪري حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ اعلانن ڪرڻ بدران فوري آپريشن جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته اتي دهشتگردن وٽ جيڪي هٿيار آهن اهي ايڏا ناهن پڪڙيا ۽ نه وري دهشتگرد جهلي جيل موڪليا ويا آهن. هاٿي تائين رڳو ڊبل سواري واريون گرفتاريون ڪيون ويون آهن ۽ حيدرآباد ۾ چون ٿا ته انتهائي سنگين ڏوهن ۾ ملوث ماڻهو آزاد گهمي رهيا آهن.

سوا هم سوال هي آهي ته اهو آپريشن جنهن بابت هر هر بيان ڏنا ويڻ ٿا سو چو نه ٿو ڪيو ويڃي. ڇا ايئن ٿي نه ٿو سگهي ته سڪٽن اعلانن کي ٻڌي اهي هٿيارن سميت اڳواڻ ئي چوڪس ٿي ويڻ ۽ پوءِ جڏهن آپريشن شروع ٿئي تڏهن قانون لاڳو ڪندڙ ايجنسين جي هٿ تي نه چڙهن. ان قسم جي آپريشن جي صورت ضرور وارن ڏينهن ۾ ڏاڙيلن خلاف ڪيل انهيءَ ڪارروائي جهڙي ٿي سگهي ٿي جنهن جو اڳواڻ اطلاع ملڻ کانپوءِ ڏاڙيلن اُٺ گهرائي ورتا هئا ۽ انهن تي پنهنجي هٿيار پنهوار ڪٽي ٻيلن مان فرار ٿي ويا هئا.

حقيقت ۾ ڏٺو ويڃي ته سنڌ جي شهرن ۾ آپريشن آڏو ڪئين اهم رڪاوٽون آهن سڀ کان وڏو مسئلو اهي مطالبا آهن ته فوج کي عدالتي اختيار ڏنا ويڻ ته پوءِ هي فوج ڏاڙيلن ۽ دهشتگردن خلاف آپريشن ۾ سول انتظاميا جي مدد ڪندي. ان نقطي تي آئين جي روشني ۾ ڪافي ڊگهو بحث ٿي چڪو آهي ۽ گڏيل مخالف ڌر جي وري وري زور ڏيڻ جي باوجود وزيراعظم بينظير پٽو اهڙن اختيارن ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، جن جي سياسي معنيٰ سنڌ جي جزوي مارشل لا لڳائڻ آهي.

ان سلسلي ۾ ڪافي ڏي وٺ کانپوءِ لڳي ٿو ته وزيراعظم فوج جي سربراهه ۽ ملڪ جي صدر جي وچ ۾ ٺاهه ٿيو آهي جنهن هيٺ فوج مڪمل اختيار حاصل ڪرڻ واري مطالبي تان هٿي وئي آهي. وفاقي سرڪار فوج کي محدود اختيار ڏيڻ تي ويچار ڪري رهي

آهي، اقتدار جي ايوانن ۾ ان گهوٽالي کي ختم ڪري جيستائين ڪو صاف صاف اعلان ڪيو ويڇي تيستائين ملڪي اخبارن ۾ طرح طرح جا افواهه هلي رهيا آهن. پريس جي ڪجهه حلقن جو خيال آهي ته ملڪ جو صدر ويجهڙائي ۾ هڪ آرڊيننس جاري ڪندو ۽ اهو مسئلو هميشه لاءِ ختم ٿي ويندو. ڪجهه حلقن جو خيال آهي ته شهرن ۾ دهشتگردي ۽ بهراڻين ۾ ڏاڙيلن کي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪي خاص عدالتون قائم ڪيون پيون وڃن، انهن ۾ به سول مئجسٽريٽن سان گڏ ڪرنل جي عهدي جا فوجي عملدار پڻ گڏ هوندا.

اسان سمجهون ٿا ته جيڪڏهن اهڙين قياسي آرائن ۾ ڪا سچائي آهي ته پوءِ اهڙو عمل جمهوريت، آئين ۽ عدالتي سرشتي لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو. اصولي طور تي عدليه ۽ انتظاميا به جدا جدا ادارا آهن. پ پ پنهنجي سياسي تاريخ ۾ هميشه ان اصول تي زور ڏيندي رهي آهي ته عدليه کي انتظاميا کان الڳ ۽ آزاد رکڻ سان گڏ خودمختيار پڻ بڻايو ويندو. سو ان پسمنظر ۾ جيڪڏهن قومي آفيسرن کي عدالتن ۾ شريڪ ڪيو ويو ته اها انتظاميا جي عدليه مٿان چڙهائي ٿيندي. جنهن سان حقيقي جمهوري نظام جي پختي ٿيڻ واري عمل کي ڇيهو رسندو. سو اسان جي خيال ۾ ٿيڻ ايئن گهرجي ته عدليه کي الڳ آزاد ۽ خودمختيار رهڻ ڏنو وڃي ۽ جيئن وزيراعظم بينظير پٽو سميت ملڪ جي مڙني جمهوريت دوست حلقن ڄاڻايو آهي، فوج کي پنهنجي آئيني ذميواري پوري ڪري غير مشروط طور سول انتظاميا جو ساڻ ڏيڻ گهرجي. اسان کي لڳي ٿو ته ان معاملي ۾ ڪو به آئيني يا سياسي مونجهارو ڪونهي ڇاڪاڻ ته مجرمن کي جيڪڏهن پوليس پڪڑي خاص عدالتن ۾ حاضر ٿي ڪري سگهي ته پوءِ ان مهم ۾ انتظاميا جي مدد فوج کي ڪرڻ ڪپي ۽ وري جيڪڏهن دهشتگردن جي گرفتاري تي ڪو پرتشدد رد عمل ٿئي ٿو ته ان کي منهن ڏيڻ لاءِ به فوج کي استعمال ڪيو وڃي ۽ آخر ۾ دهشتگردن ۽ انهن جي سرپرستي توڙي ڏاڙيلن ۽ انهن جي پاڙيدارن

خلاف مهم جو خاتمو ٿيڻ تي فوج کي واپس بيئرڪن ۾ موڪليو ويجي.

بهرحال جيڪي بہ ڪرڻو آهي سو وقت ضايع ڪرڻ ڪانسواءِ هڪدم ڪيو ويجي چاڪاڻ تہ سنڌ جي بحران وارو ٽائيم بم ٽڪ ٽڪ ڪري رهيو آهي ۽ وقت ڪنهن جو انتظار نہ ڪندو آهي.

"مُئي جو ڪنداءِ، سو جانب ڪيو جيئري"

پٽائي

آچر 29- جولاءِ 1990ع
عوامي آواز

مذهبي رواداريءَ وارو حق موجود

هجري سن 1410 مان 1411 ۾ تبديل ٿيڻ شرط ۽ محرم الحرام واري مهيني جي چنڊ ڏسڻ سان ئي انهن ماڻهن مخفي گڏجاڻيون شروع ڪري ڏنيون هيون جن کي ڪانوَ وانگي، "لڙ ۾ مزو ايندو آهي" ۽ جن کي درگ مافيا کان وٺي وقت جي سامراج تائين ڪيترن ئي هنڌان "هُشي" ان مقصد لاءِ ملندي رهندي آهي ته جيئن سنڌ ۾ رتوڇاڻ هلندي رهي ۽ سندن آقا ان صورتحال مان فائدو وٺي اقتدار جي ڪرسيءَ تائين پهچي سگهن.

هي صورتحال رڳو هن سال نئين طرح پيدا نه ڪئي وئي آهي، هتي عاشورن جي موقعي تي هر سال مذهبي فسادن جو خدشو محسوس ڪيو ويندو آهي. ۽ سٺ واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ اهڙو فساد جو هڪ بم خيرپور ضلعي جي نيڙهي شهر ۾ ڦاڙيو ويو هو جنهن ۾ سوين ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا هئا. اهڙي طرح، ان ڪانپوءِ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين وڏن توڙي ننڍن شهرن ۾ عاشورن جي موقعي تي فساد ٿيندا رهيا آهن.

ان پسمنظر ۾ صورتحال کي پرکيندي هن سال پڻ امن جا پوجاري انسان، پ پ جي صوبائي حڪومت ۽ سنجيدا مذهبي اڳواڻ عاشورن جي موقعي تي امن امان رکڻ لاءِ اپيلون ڪندارهيا آهن. پر ان جي باوجود سنڌ جي ڪجهه شهرن مان شيعا-سُني ڪشيدگيءَ جون خبرون اچي رهيون آهن. حڪومتي حلقن وٽ اهو انومان آهي ته بيروني دشمن قوتون ۽ لڪل هٽ جيڪي وَرُ وَرُ ڪري سنڌ کي خون سان وهنجارينداً رهيا آهن، اهي هن موقعي تي ضايع ٿيڻ نه

ڏيندا ۽ ڪوشش ڪندا تہ صدين کان هڪ ڏرتيءَ تي گڏ رهندڙ ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ ساڳي تهذيب سان واسطو رکندڙ ۽ ساڳئي قومي مزاج وارن ماڻهن کي هڪبئي سان ويڙهائي رتو واهہ ڪيو وڃي. اهڙي حرڪت، جنهن بابت خدشن جو اظهار ڪيو پيو وڃي، ان جي پٺيان ظاهري مذهبي مقصد جي اوٽ ۾ ڪو سياسي پيٽ جو سور ضرور وکڙ ڪائي رهيو آهي.

بهرحال ٻاهريون سازشون پنهنجي جاءِ تي، اسان کي جنهن بيحد اهم حقيقت ڏانهن ڏيان ڏيڻو پوندو سا هيءَ آهي تہ سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهو پنهنجي عظيم ماضي ۾ مذهبي رواداري ۽ وسيع نظريءَ جون جيڪي روايتون قائم ڪيون آهن، انهن کي سر جي بازي لڳائي بہ برقرار رکڻ گهرجي. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ مذهب انسان لاءِ هڪ انتهائي حساس معاملو آهي. پر دنيا جا سڀ مذهب ماڻهوءِ کي مهذب بڻائڻ لاءِ قتل ۽ رتوچاڙ کان منع ڪن ٿا. ۽ خاص ڪري سنڌي ماڻهن کي مذهب جي فلسفي سمجهائڻ لاءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، روحل فقير، شاهہ عنايت ۽ ٻين عظيم صوفي شاعرن ڏاڍي تخليقي انداز ۾ هر هر سمجهاٽيون ڏنيون آهن تہ هڪبئي جي مذهبي عقيدن جو احترام ڪريو ۽ تبليغ واري مذهبي فرض کي پر تشدد طريقي سان نہ نپايو.

اهو ئي سبب آهي جو سنڌ تاريخي طور امن جي ڏرتي رهي آهي. ان حقيقت جو اظهار انهن يورپي مفڪرن، تاريخدانن ۽ سماجي علمن جي ماهرن پڻ ڪيو آهي جن کي پاڪستان تحريڪ دوران هندو-مسلمان فسادن واريءَ قيامت ۾ پڻ سنڌ اندر ڪو خاص انتشار نہ ڏسي عجب لڳو هو. اهو اهڙو سماجي عمل هو جنهن جي نفسياتي ۽ تاريخي بنياد پويان علمي اثرن جي اڄ بہ پاڪستان جي ڪيترن دانشورن کي پروڙ ناهي پئي. اهڙا ماڻهو اعتبار نہ ڪندا جيڪڏهن هنن کي ٻڌايو ويندو تہ سنڌ ۾ سُني فرقي جا ماڻهو عاشورا واري ڏينهن ڪربلا جي شهيدن لاءِ قرآن خواني ڪندا آهن ۽ اهڙي

طرح شيعا فرقي جا ماڻهو پڻ بين فرقن جي مسلمانن کي وڏي حد تائين برداشت ڪندا رهيا آهن.

اها اسان سنڌين جي تاريخ آهي جنهن ۾ اسان پنهنجي مذهب، ريتن رسمن، مختلف سوچن ۽ جاگرافيائي توڙي لساني لهجن جي فرق سان صدين کان زندهه آهيون. اسان پنهنجي مذهبي، تاريخي، سياسي ۽ تهذيبي ورثي کي پنهنجي نئين نسل جي حوالي ڪرڻ کان اڳ ان حقيقت تي سوچڻ کان رهي نه ٿا سگهون ته اسان ۾ جيڪي ڪوتاهيون آهن اهي پنهنجي اولاد جي ذهنن ۾ داخل نه ڪرڻ گهرجن ۽ نئين نسل کي اهڙو ورثو ورهائي ڏنو وڃي جنهن ۾ مذهبي نفرت جي جاءِ تي انساني محبت هجي، ماڻهپو هجي ۽ اهي تهذيبي تقاضائون هجن جن کي پنهنجو ڪري اسان جو اولاد ايڪيهين صدي جي دنيا جو بهترين انسان ٿي سگهي. ان تي خليل جبران جو هڪ خيال ڏاڍو اهم آهي ته، "اوهان جو اولاد اوهان جو ناهي. اهو زندگيءَ جي تسلسل ۽ ارتقا جو ڇٽيو آهي. اوهان انهن کي پيار ته ڏئي سگهو ٿا، پر پنهنجا خيال انهن جي دماغ ۾ داخل نه ڪريو. ڇاڪاڻ ته اوهان ماضي آهيو ۽ اوهان جو اولاد آئيندو آهي."

سو اسان سنڌين کي گهرجي ته پنهنجي تاريخي ۽ تهذيبي پسمنظر جي روشني ۾ "حق" کي "موجود" سمجهي هڪئي جي مذهبي جذبن جو احترام ڪريون ۽ خاص ڪري عاشورن واري ڏينهن ۾ اهڙي ڪا به حرڪت نه ڪريون جنهن ڪري سنڌ ڏرتي جي پيشاني تي رت جا داڳ ٿي پون. جيڪڏهن اسان ايئن ڪيو ته پوءِ پڪ ڄاڻو ته اسان نه مذهب جي مڃتا وارو فرض ادا ڪري سگهنداسون ۽ نه وري دنيا جي تاريخ وارن ڪتابن ۾ اسان کي مهذب ليکجڻ جي حيثيت ملي سگهندي.

"هوت وسي هر هنڌ، هنن ڏٺو هنگلاج ۾-"

سومر 30-جولاءِ 1990ع

عوامي آواز

شريعت بل واري ٽڪٽڪي تي اونڌو ٽنگيل انسان

عورتون، اقليتون، شيعا، صوفي، دانشور، وڪيل صحافي ۽ ڪيتريون ئي سياسي جماعتون پاڪاري رهيون آهن پر مولوي حضرات برابر زور لڳائي رهيا آهن ته شريعت بل منظور ڪيو وڃي. ۽ مولوين مان جيڪي ابهرا ماڻهو آهن اهي ته ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته شريعت بل خلاف جيڪو ڳالهائيندو تنهن جي زبان ڇڪي باهر اڇلائي ويندي. هي شور گوڙ وري محرم واري مهيني ۾ ۽ عاشورن واري ڏينهن ۾ مچايو ويو آهي ته جيئن امن امان جو مسئلو پيدا ٿئي. هونئن به شريعت بل وارو سمورو ڊراموهڪ خالص سياسي ڪيل آهي. عوام جو وتايو فقير "چريو ڪريو آهي پر سمجهي سڀ ڪجهه ٿو." مقصد صاف صاف اهو آهي ته ان بل جي روشني ۾ هڪ اهڙو قانون پاس ڪرايو وڃي جنهن هيٺ عورت کان حڪمراني جو حق کسي، بينظير پٽي جي حڪومت جو آئيني طريقي سان تختو اونڌو ڪري سگهجي.

سو حڪومتون ته خير بدلجنديون رهنديون آهن، پر جيڪا بنيادي ڳالهه آهي سا آهي پارليامينٽري جمهوريت ۽ اسيمبلين جي بالادستي، پر ايجا به انساني مسئلو اهو آهي ته جيڪڏهن اهڙي ڪنهن بل کي منظور ڪيو وڃي جنهن سان عورتون، اقليتون ۽ مولوين کانسواءِ عوام جي وڏي اڪثريت متاثر ٿئي ته پوءِ اهڙي ظلم کي قانون جو نانءُ ڏيڻ تهذيب جي منهن تي دانگي گهمائڻ جي برابر ٿيندو. عورتن جي سماجي حيثيت بابت شريعت بل جا حامي جيڪو

تاثر ڏيندا آهن ان مان لڳندو آهي تہ هنن جي خيال ۾ عورتن جون ٻہ اکيون مرد جي ٻن اکين کان گهٽ ڏسي سگهنديون آهن. ساڳي طرح انهن ماڻهن جو اقليتن ۽ سماج جي ٻين طبقن ڏانهن پڻ رويو ظالماڻو آهي. هن سلسلي ۾ ايجا ٻہ جيڪا ڳالهہ گهٽي تشويش واري آهي سا آهي مخالف ڏر جو اهو رويو جنهن وسيلي هو اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهن جنهن سان هلندڙ حڪومت کي نقصان ٿئي. پلي تہ پوءِ عوام جون آزاديون ڦاهيءَ چڙهي وڃن.

سو اسان ان خيال جا آهيون تہ مخالف ڏر کي پورو پورو حق آهي تہ اهي حڪومت جي مخالفت ڪن، پر شرط اهو آهي تہ ان سان عوام جي اڪثريت واري فيصلي جي قرباني نہ ڏني وڃي. هن ملڪ ۾ جمهوريت جي آئندي جو سمورو دارومدار ان تي آهي تہ چونڊون بنا ڏاندڙين جي ڪرايون وڃن ۽ چونڊن جي نتيجن کي قبول ڪيو وڃي. ان سان گڏ اها حقيقت ٻہ ڏيان ۾ رکي وڃي تہ هن ملڪ ۾ رڳو مسلمان نہ ٿا رهن. هي گهٽ-قومي ۽ گهٽ-مذهبي ملڪ آهي. هتي مسلمانن ۾ ڪيترا فرقا آهن ۽ ان سان گڏ هتي عيسائي، پارسي، هندو ۽ قادياني وغيره رهن ٿا. ان ڪري اهڙي معاشري ۾ جنهن ۾ تمام گهڻن عقيدن وارا ماڻهو رهندا هجن اتي هڪ فرقي جي ماڻهن واري عقيدي کي بالادست بڻائي سڄي ملڪ تي ٽاڪيو وڃي اها آمريت آهي، جمهوريت ناهي. جڏهن تہ اها پنهنجي جاءِ تي حقيقت آهي تہ اسلامي شريعت بل ٻہ مختلف شيون آهن.

سو جيئن تہ شريعت بل واري شور پٽيان هڪ ڏگهي سياست لڪل آهي ان ڪري اسان واسطيدار ماڻهن کي اهو مشورو ڏيندا سون تہ "پنڌين دروازي" کان اقتدار ۾ اچڻ واري حرڪت نہ ڪن ۽ مڙس ماڻهو ٿي عوام جي آڏو اچي صاف صاف سياست ڪن. ۽ ان تي سوچين تہ جيڪو بل هو ضياءَ جي ڏينهن ۾ پاس ڪري نہ سگهيا ان کي هاڻي پيش نہ ڪن. بهرحال پوءِ ٻہ جيڪڏهن عوام انهن کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪري تہ اسان، "جاڙي ٻہ جڳ سين،" واريءَ چواڻي

جي روشنيءَ ۾ ان صورتحال کي تسليم ڪري ونڊاسون. البت اسان ان ڳالهه تي زور ڏيندا سون ته سياسي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سستي شهرت حاصل ڪرڻ وارا اهي ڏونگ اختيار نه ڪيا وڃن جن ۾ مذهب کي ذاتي اقتدار لاءِ استعمال ڪرڻ پڻ شامل آهي.

ان ڪري اسان موجوده حڪومت کي مشورو ڏيندا سون ته عوام جي عظيم تر مفاد ۾ اهڙا قانون پاس ڪرايا وڃن جن هيٺ ملڪ ۾ مارشل لا جو مطالبو ڪرڻ وارن تي غداري واري قانون هيٺ ڪيس هلائي سگهجن ۽ ٻيو ته سياسي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ مذهب جي اوٽ وٺڻ واري حرڪت کي سنگين جرم قرار ڏنو وڃي. اسان جي خيال ۾ ايئن ڪرڻ سان حڪومت مذهب اسلام جي وڏي ۾ وڏي خدمت سرانجام ڏيئي سگهندي ۽ اهو هڪ ڪرائيءَ کان گهپي سگهندي جيڪو جمهوري طريقي سان چونڊيل حڪومتن کي راتاهو ڏئي ڪروڙين ماڻهن کي ٽڪٽڪيءَ تي اونڌو ٽنگي انسان جي ڪل کي ڦٽڪن سان ڦٽي وجهندو آهي.

اڱارو 31 جولاءِ 1990ع
عوامي آواز

سنڌ ڏرتيءَ جي خشڪ نڙي آلي ڪريو

سنڌو درياءَ ٿورو چاڙهه ڪائي وري لاٽ ڏيڪاري آهي. سارنگ اڃا سار نه لڌي آهي. ڪچي جي ڪجهه هيٺانهين علائقن ڪانسواءِ سنڌ جي ٿوٽ ۽ سڪل زمين کي ڪٿي به درياءَ پنهنجي لٽاچي آب حيات سان نه نوازيو آهي. شايد انهيءَ جي ڪري سنڌ جي پيڙيءَ وارا آبادگار ۽ هاري پاڻيءَ جي کوٽ جون دانهون ڪري رهيا آهن. هارين ساريون پوکي چڏيون آهن، انهن کي پاڻي گهرجي، مالوند ماڻهن کي کير ۽ لسي پيئڻ لاءِ مال کي پاڻي پيارٽو آهي. جَرَ کي ڪارو ٽي وڃڻ کان بچائڻ لاءِ درياءَ جي پاڻيءَ جو ريلو گهرجي. ٽر ۾ واري اُڏي رهي آهي. ڪوهستان ۾ ماڻهو ميلن جا ميل پنڌ ڪري گڏهن تي ۽ پنهنجن ڪلهن تي پاڻي پري پنهنجن ٻچن کي پالڻ لاءِ وس ڪري رهيا آهن. ٻهراڙين جون عورتون آهن جيڪي ٽي ٽي چار چار دلا مٽي تي ۽ ڪچ تي رکي جڏهن پاڻي پرڻ لاءِ ڊگهي منزل لتاڙڻ نڪرن لڳن ٿيون تہ اعتبار ئي نہ ٿو اچي تہ ڪو اسان ويجهي مستقبل ۾ ايڪيهين صديءَ ۾ داخل ٿيڻ وارا آهيون.

هي اهڙو مسئلو آهي جيڪو فطري بہ آهي تہ هٿرداو پڻ. فطري ان ڪري آهي ڇاڪاڻ سنڌو ماٿريءَ جي جاگرافيائي تاريخ ئي اهڙي آهي ۽ اسان جو درياءَ ڏاڍو پورالو ديوتا آهي. ان جي مرضي آهي تہ "وسنديون ويران ڪري" ۽ جي چاهي تہ "وسائي واهڻ." پر سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ وارو مسئلو هٿرادو پڻ آهي. اهوان ڪري جو اڄوڪي انسان 29۔ هزار فٽ جي بلنديءَ تان ڪرندڙ همالیا جبلن

وارين ندين مان وڏي درياءَ تي بند ٻڌي ڇڏيا آهن. اهي بند اسان جي درياءَ تي نہ ٻڌا ويا آهن، اسان جي وجود کي ونگ وڌا ويا آهن. ۽ ايڏا ٻہ چون ٿا تہ ڪالا باغ ڊيم ٺهندو!! سو جي ايئن ٿيو تہ اسان تباهہ ٿي ويندا سون.

سو اسان کي ڪربلا جي شهيدن وانگي اُجيو رکندڙ يزيديت اڄ ٻہ سرگرم آهي. هاڻي تہ پنجاب ۾ اسلامي اتحاد جي حڪومت آهي، پر جڏهن سنڌ ۽ پنجاب وارن ٻنهي صوبن ۾ پٽي صاحب واري پ پ جي حڪومت هئي تڏهن ٻہ چون ٿا تہ سنڌ جي آبپاشيءَ جي آفيسرن کي موڪليو ويندو هو تہ وڃي جناح بئراج، تئونسا ۽ چشما بئراجن تي وهو ۽ ڏسو تہ سنڌ کي پنهنجي حصي جو پورو پاڻي ملي ٿو يا نہ ؟؟ اهڙن انتظامن هوندي ٻہ اخبارن جا فائيل شاهد آهن تہ سنڌ جو پاڻي چوري ڪيو ويندو هو. سو هاڻي تہ صورتحال اهڙي آهي جو سنڌ مان ڪو آبپاشي جو آفيسر پنجاب جي ڪنهن بئراج تي وڃي چوڪي ڏيندو تہ نواز شريف جا چوڪيدار هن کي گرفتار ڪري ميانوالي پوليس جي حوالي ڪندا. اهڙي صورتحال ۾ اسان کي پاڻي ڏک ڪيئن ملي سگهندو جو اسان پنهنجي زراعت جي نڙي آلي ڪريون، تنهن لاءِ ضروري آهي تہ سنڌ حڪومت اکيون پٽي ۽ همت کان ڪم وٺي. گهٽ ۾ گهٽ اونهاري جي موسم ۾ سنڌ جي ٻنين لاءِ پاڻيءَ جي ڪوٽ ٽيڻ نہ گهرجي.

اسان جا ڪجهہ حرفتي، چالاڪ ۽ موقعي پرست ڪامورا ۽ رجعتي سياستدان چوندا آهن تہ پاڻي جي مسئلي تي اجائي هاءِ گهوڑا بند ڪري ٽيوب ويل هٽو ۽ پنهنجين ٻنين کي آباد ڪريو. اهڙن ماڻهن کي خبر ناهي تہ جَرَ جي پاڻيءَ ۾ اهو لَٽُ ناهي ٽيندو جيڪو سنڌو درياءُ مانسرور ڍنڍ کان وٺي پاڻ سان گڏ ڪنيو ايندو آهي ۽ جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ، "لَٽُ واريءَ ٻنيءَ ۾ ماڻهو پوکيو تہ ماڻهو ڦُٽي پوي" اهڙن ماڻهن کي پٽائي صاحب پنهنجي رسالي ۾ ڪنگ ڪوئيو آهي جيڪي لُڙيو پاڻي ٻہ برداشت ڪري ويندا آهن جڏهن تہ

هنج پکي هميشہ تازي پاڻيءَ جي ريلي لاءِ بيتاب هوندا آهن. تڏهن تہ پٽائي صاحب لکيو هو تہ "سَرُ سکو سال ٿيا، هنج هَريو ئي پيرُ- هي ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي ان رمز کي."

سو سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ واري سنگين مسئلي کي ڪنگ -نما اسان جا ڪامورا ۽ ڏنڊ جي پکين جهڙا سان جا ڪي تنگ نظر سياستدان محسوس نہ ٿا ڪن. ۽ اهو ئي سبب آهي جو پنجاب جا ڪيترائي نام گڻيا ڪامورا چوندا آهن تہ ڪوٽڙي بئراج کان لهوارو جيڪو پاڻي وهي ٿو سو زيان ٿئي ٿو ۽ انهيءَ پاڻي تي ئي اسان ڪالا باغ ڊيم ناهڻ چاهيون ٿا جنهن مان بجلي پڻ ٿيندي ۽ سڄو جهان روشن ٿي ويندو. ان سلسلي ۾ پڻ ۾ اچي ٿو تہ هڪ اهم گڏجاڻي آگسٽ مهيني جي پهرين هفتي ۾ اسلام آباد ۾ ٿي رهي آهي جنهن ۾ آبڪلاڻيءَ واريءَ موسم جو فائدو وٺي تاثر ڏنو ويندو تہ سنڌ کي پاڻي جام آهي ان ڪري ڪالا باغ ڊيم ناهڻ جي اجازت ڏني وڃي.

اسان کي اميد آهي تہ سنڌ جي موجوده پ پ حڪومت سيد غوث علي شاهہ ۽ قاضي اختر واريءَ حڪومت وانگي ڪالا باغ واري مسئلي تي سوديبازي نہ ڪندي ۽ سنڌ جي خريف واري فصل کي بچائڻ لاءِ پنجاب کان پنهنجي حصي جو پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا بہ غفلت نہ ڪندي. اهو ان ڪري بہ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ سنڌين جو "پاڻي منجهہ پساهہ آهي."

اربع پهرين آگسٽ 1990ع
عوامي آواز

هر دور جي يزيديت تي.....

ڪربلا واري جنگ اڄ کان ۱۳۵۱ سال اڳ "حسينيت" ۽ "يزيديت" وارن ۾ مختلف نظرين کي جنم ڏنو هو. انهن مان هڪڙو نظريو حق ۽ سچ لاءِ وڙهندي سوريءَ کي سورانگهي شهيد ٿيڻ جي وات ڏسي ٿو جڏهن ته ٻيو نظريو معصوم انسانيت جو بيدرديءَ سان ڪوس ڪري ظلمت واري راج قائم ڪرڻ وارو بيڙو سرشتو سمجهائي ٿو. دنيا جي تاريخ حق ۽ ناحق جي اهڙي ازلي ٽڪراءَ، سچ ۽ ڪوڙ جي اڻ کٽندڙ جنگ ۽ نيڪيءَ توڙي بديءَ جي ڏر وٺي ٻيهندڙ انسانن جي ذڪر سان پري پئي آهي.

ان ازلي جهيڙي ۾ اڄ تائين مختلف مذهبن ۽ نظرين ۾ ايمان رکندڙ جن عظيم انسانن حق ۽ سچ لاءِ پنهنجي خون جا ڏرياءَ وهايا آهن، انهن جو مقصد صرف اهو هو ته آئيندي جو انسان سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق سمجهي سگهي ۽ ترقي ڪري هڪ مهذب انسان بڻجي سگهي، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته شهادت جي اهڙي عظيم عالمي ورثي هوندي به اڄوڪو انسان اڃا وحشي جيوت وارن پنهنجن نشانن کي پنهنجي اندر ۾ سانڍيندو اچي.

ياد رکڻ گهرجي ته هر دور ۾ سچ جو ساٿ ڏيڻ لاءِ قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن، پنهنجا ذاتي ۽ انفرادي مفاد گڏيل عوامي پلاٽي ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ قربان ڪرڻا پوندا آهن، پاڻ وڃائڻو پوندو آهي ۽ اندر جي ابليس کي کيڏي ٻاهر ڪرڻو پوندو آهي. اهو جهاد ڏاڍو اوکو آهي. رسمي طور ڪن ٽوپائڻ سان جيئن جوڳي ٿي نه سگهبو آهي تيئن رڳو سِسِي ڪپائڻ سان به شهادت نه ملندي آهي. شهادت وارو

عظيم اعزاز ڪنهن عظيم انساني مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنڊ ڪپائڻ کانپوءِ ئي ماڻي سگھجي ٿو.

ان ڪري اڄوڪي ڏينهن اسان کي سنجيدگيءَ سان سوچڻ گھرجي ته ازل کان هلندڙ "يزيديت" ۽ "حسينيت" واريءَ لڙائيءَ جي موجوده شڪل ڪھڙي آهي، اسان جنهن عالمي ماحول ۾ جيئون ٿا ۽ زمين جي جنهن حصي ۾ رهون ٿا، اتي سچ ۽ ڪوڙ ظلم ۽ انصاف، حق ۽ باطل واريون ڪھڙيون قوتون آهن ۽ اسان کي انهن مان ڪنهن سان ساڻ ڏيڻ گھرجي، اسان کي سوچڻ گھرجي ته ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجي ڦرلٽ، بي انصافيءَ ۽ دهشتگرديءَ جو شڪار ٿيندڙ بي ڏوهي روح ڪھڙا آهن ۽ انهيءَ انياءَ خلاف اسان کي ڪھڙيءَ ريت مهاڏو اٽڪائڻ گھرجي.

۽ ان موقعي تي ڪربلا جي شهيدن کان وٺي اڄ جي انهن مڙني جوڌن کي پڻ سلام ڪرڻ گھرجي جن انسانيت ۽ مهذب معاشري جي بقا لاءِ پنهنجا ڪنڊ ڪپائي ڇڏيا پر جھڪائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون

اکيون ڪيئن ڳجھڙي، تارا تون مَ ڪاءُ،
پسين نه پئي پٽ تي، ريڑيارو راءُ
جيئري جنهن جوان کي لڳا نَوَ سو نَوَ گھاءَ
رات جنهين جي ماءُ، روئي پرٽو رب کي.

خميس 2 آگسٽ، 1990ع
بمطابق 10 محرم الحرام 1411 ھ
عوامي آواز

وڙهن سانَ لتاڙجن ٻُوڙا

سنڌ سان اها پراڻي ويڙهن رهي آهي تہ جڏهن بہ پاڪستان ۽ هندستان جا پرڏيهي ناتا بگڙڻ لڳندا آهن تہ سنڌ کي قربانيءَ جي ٻکري ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. باوجود ان جي تہ پرڏيهي معاملن وارو ڪاتو وڻڪ هوندو آهي ۽ بين الاقوامي پاليسين ناهڻ ۾ ڪو سنڌ جو عمل دخل نہ هوندو آهي پر جڏهن ڪشمير يا پنجاب جي معاملي تي بہ پنهي ملڪن وچ ۾ تڪرار ٿيندو آهي تہ هندستاني ايجنٽن جي چرپر ڪشمير يا پنجاب کان وڌيڪ سنڌ ۾ ڏيکاري ويندي آهي ۽ پوءِ جڏهن روس يا آمريڪا جي مداخلت سان ٻئي ملڪ ٻاڻ ۾ ٽهي ويندا آهن تہ سنڌ مان بہ ايجنٽ هليا ويندا آهن.

سو هاڻي بہ اهڙيون خبرون جاري ڪيون پيون وڃن تہ هندستان جون فوجون سنڌ جي سرحد تي ڪئمپون قائم ڪري رهيون آهن. سنڌين کي لڏائي هندستان ۾ آباد ڪرائڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن ۽ سنڌي ماڻهن سان ٿيل زيادتين جا تفصيل جمع ڪيا پيا وڃن. اهڙين خبرن ڏيڻ جو هڪڙو مقصد سنڌين کي ملڪ-دشمن قرار ڏيڻ آهي ۽ اهو تاثر قائم ڪرڻو آهي تہ جڻ سنڌي هندستان جي اشاري تي وينا آهن. يا وري اهڙي پروپئگنڈا ڪئي ويندي آهي تہ هندستاني فوجون سرحد پار ڪري سنڌ ۾ داخل ٿيندیون تہ سنڌي انهن لاءِ رستو صاف ڪندا جنهن ڪري ملڪي سلامتي کي خطرو پئدا ٿي ويندو. اهڙي پرچار خاص ڪري انهن ڏينهن دوران ڪئي ويندي آهي جڏهن سنڌ ۾ ڪو وڏو آپريشن

ڪرٽو هوندو آهي يا ملڪ ۾ مارشل لا لڳل وارو هوندو آهي.

اسان ان سلسلي ۾ واضح ڪرڻ گهرون ٿا ته جيڪڏهن سنڌي هندستان ۾ رهڻ گهرن ها ته هو 1943ع ۾ پاڪستان وارو ٺهراءُ پنجاب، بنگال ۽ بين صوبن کان اڳ ۾ پاس نه ڪن ها ۽ جيڪڏهن سنڌي اصل کان هندستان جا ايجنٽ هجن ها ته 1936ع ۾ بمبئي کان الڳ ٿيڻ واري تحريڪ نه هلائين ها ۽ ان سلسلي ۾ وري هڪ ٻيو سوال اهو آهي ته پاڪستان جي جملي سياسي تاريخ ۾ 1971ع ۾ ملڪ کي ٽوڙڻ واري سازش ۾ ڪو به سنڌي ملوث نه هو. چا ان جي ڪا تحقيقات ٿي آهي ته ملڪ کي اڳي جن ٽوڙيو هو سي ڪير هئا. چاڪاڻ ته ٿي سگهي ٿو ته اهي ساڳيا ماڻهو انهن جا هم خيال حلقا هاڻي به ساڳي راند کيڏندا هجن. ان ڪري بنا سوچڻ سمجهڻ جي سنڌ خلاف پروپئگنڊا سراسر نا انصافي ٿيندي.

باقي جيستائين ملڪ ۾ جنگي جنون کي هوا ڏيڻ ۽ پرڏيهي مداخلت واري ڪارڊ کي استعمال ڪري هنگامي حالتن کي سختيءَ سان لاڳو ڪرڻ يا مارشل لا لڳائڻ جو سوال آهي ته هن ملڪ جي سياسي تاريخ ۾ اهو ڪو انوکو مثال نه ٿيندو. هتي وري وري چونڊون ملتوي ٿيندیون رهيون آهن ۽ جڏهن به حڪمران ڏسندا آهن ته چونڊن جا نتيجا سندن پسند پٽاندر نڪرڻ وارا ناهن ته اهڙو کيل کيڏيو ويندو آهي. سواڄ ڪلهه ته ان سلسلي ۾ ڪافي اشارا موجود آهن جن جي روشنيءَ ۾ اهڙو خدشو ڪري سگهجي ٿو. هاڻي ته چونڊون ملتوي ڪرائڻ لاءِ ڪن ماڻهن وڃي عدالت جو در کڙڪايو آهي ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ اهڙي درخواست پڌرڻ لاءِ منظوري به ڏني آهي. چونڊن ۾ باقي وڃي 15 ڏينهن بچيا آهن ۽ چونڊن جي مهم دوران ان پارٽي جي پوزيشن خاصي بهتر نظر اچي رهي آهي جنهن جي حڪومت کي 6 آگسٽ تي صدارتي حڪم سان لاٽو ويو هو.

سو جيڪڏهن حڪمرانن جي من ۾ اهڙي ڪا ڳالهه آهي ته پوءِ "جاڙي به جڳ سين" البت ان سلسلي ۾ سنڌ کي بدنام نه ڪيو

ويچي ۽ سنڌي ماڻهن جي ايئن چئي توهين نه ڪئي ويچي ته ڪو هو پرڏيهي ايجنٽ آهن. درحقيقت سنڌي عوام هن ملڪ جي بين سيني علاقن جي ماڻهن کان سياسي سجاڳيءَ ۾ اڳتي وڌي ويا آهن ۽ ملڪ ۾ جمهوريت جي جدوجهد لاءِ بنگالين وانگي سيني کان اڳرا آهن. سو جيڪڏهن ان لحاظ کان ڏٺو ويچي ته ان ۾ پاڪستان جي نيڪ نامي آهي ته اتي رهندڙ ماڻهو دنيا ۾ جمهوريت جا چئمپين ٿي ويا آهن. ان کي ڪا سازش تصور ڪرڻ "گئي تي پاڻي ڦيرڻ" جي برابر آهي ۽ هڻ وڻي محب وطن ماڻهن کي اهنج ڏيڻ آهي ته جيئن هو بيزار ٿي بگڙجي وڃن ۽ انهن خلاف ڪنهن وڏي ڪارروائي ڪرڻ جو جواز پئدا ڪيو ويچي.

اچو ته ان تي سوچون ۽ صلاح ڪريون ته جيڪڏهن جمهوريت جا مخالف حلقا سنڌين کي هٿرادو طريقي سان مشتعل ڪري ڪچلڻ گهرن ته اسان جو ان تي رد عمل ڇا هوندو. اهڙي ڪنهن جامع حڪمت عملي ٺاهڻ ڪانسواءِ سنڌ کي موجوده صورتحال ۾ ڪنهن وڏي آفت کان بچائڻ سولو ڪم نه هوندو.

اڳاري 9-آڪٽوبر 1990ع
عوامي آواز

سنڌي سماج جو ڪرنگھو
۽ تاريخ جو ڏوند

سنڌ جي هڪ برڪ دانشور ۽ سماجي علمن جي ماهر جي ايم مهيڪري سنڌ تي انگريزي ۾ هڪ ڪتاب لکيو هو جنهن ۾ هن سنڌ جي دائمي دردن جو تفصيل سان جائزو ورتو نتيجو ڪڍيو هو ته جيستائين سنڌ ۾ طاقتور وچولو طبقو پيدا نه ٿو ٿئي، تيستائين سنڌ سُورن ۾ ئي هوندي. تازو سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ جي چيئرمين يوسف لغاري پڻ سنڌ جي وچولي طبقي کي سرگرم ڪرڻ لاءِ اڻ تڻ ڏيڪاري آهي. هن کان اڳ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، جيڪا پاڻ سنڌي وچولي طبقي جي پڙهيل ڪڙهيل ماڻهن جي تنظيم هئي تنهن سنڌ جي خاصي خدمت ڪئي هئي، ايستائين جو ان کي جنرل ضياءَ جي ڏينهن ۾ غير قانوني جاڻائي مٽس بندش وڌي وئي هئي. اهڙي طرح سنڌي ادبي سنگت، سنڌ سروٽس سوسائٽي ۽ اڪثر قومپرست، سوشلسٽ توڙي ڪميونسٽ خيالن جون سياسي پارٽيون سنڌ جي وچولي طبقي جي نمائندگي ڪن ٿيون.

اهو بحث پنهنجي جاءِ تي آهي ته ڪنهن سماج جي ترقي لاءِ ان جي وچولي طبقي کي ترقي ڏيارجي يا ان جي هيٺيئن طبقي يعني هاري، ناري ۽ ڪمي ڪاري کي مٿي آڻجي. ۽ ان تي سنڌ جي سماجي ۽ سياسي حلقن ۾ ڪو اختلاف ئي ڪونهي ته ڏڻڙيل ۽ پورهيت طبقن کي ترقي ڏيارڻ کانسواءِ سنڌي سماج ترقي ڪري نه سگھندو. پر مسئلو صرف اڄ جو آهي. يعني موجود صورتحال ۾ جنهن ۾ اسين رهون ٿا ۽ جنهن کي ڪيترا سماجي ۽ سياسي ماهر

نيم سرمائيداري، نيم جاگيرداري ۽ نيم قبائلي ڪوٺين ٿا. ان ۾ ڇا ٿي سگهي ٿو. اهڙو سماج جنهن ۾ رڳو ٻه طاقتور طبقا موجود هجن، هڪ جاگيردار يا وڏو زميندار ۽ ٻيو ڏتڙيل يا خوشحال هاري ته ان ۾ ترقي لاءِ ڇا ڪجي؟ اهو سوال نظرياتي نوعيت جو آهي، جنهن تي ڪيترا ئي رايا آهن. البت سڄي دنيا جي سماجي اٿلن پٿلن کي ڏسجي ٿو ته عام طور تي ايئن ئي نظر اچي ٿو ته جن سماجن ۾ رڳو مٿيون ۽ هيٺيون طبقو ٿيندو آهي. اتي ٻنهي طبقن جي وچ مان ڦٽي نڪرندڙ طبقو انقلابي ڏِکَ ڏيندو آهي ۽ جيئن ته انهيءَ وچولي طبقي ۾ استاد، ڪاريگر، وڪيل، صحافي، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ ننڍا ڪامورا ٿيندا آهن. ان ڪري اهو طبقو سماجي طور وڌيڪ طاقتور به ٿئي ٿو ۽ گهٽ ۾ گهٽ ايترو انقلابي ٿئي ٿو جو مٿئين طبقي کي تاراج ڪري سگهي.

هن وقت سنڌي سماج ۾ پڻ ذري گهٽ صورتحال ساڳي آهي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ يا ته وڏيرو آهي يا هاري ناري آهن. پڙهيل لکيل نوڪرين وارا نوجوان پيدا ٿين ٿا ته وڏيرڪو نظام انهن جون پاڙون جڙ کان پٽي اڇلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ۽ هيٺيون طبقو صدين کان وٺي جاگيردارن، وڏن توڙي ننڍن زميندارن ۽ وڏيرن جي چَڪيءَ ۾ پيسجي رهيو آهي. ان مظلوم طبقي جو اهو به مسئلو آهي ته جيڪو طبقو ان جي حقن لاءِ وڙهي ٿو ان جو تعلق به وچولي طبقي سان آهي. سنڌ ۾ هاري ڪاميٽي توڙي سوشلسٽ يا ڪميونسٽ نظرين جي ماڻهن جو مثال موجود آهي. ان ڪري هيٺيئن طبقي جي ازلي بالادستي ۽ تاريخي انقلابي ڪردار کي مڃيندي في الوقت ان حقيقت کي مڃڻو پوندو ته جيستائين وچولو سنڌي طبقو سنڌي وڏيري کان گوءِ کڻي اڳتي نه ايندو، تيستائين سنڌ سورن ۾ ئي هوندي.

١٩٤٧ع کانپوءِ جڏهن سنڌي هندو سنڌ ڇڏي شر نارٿي بڻجي هليا ويا هئا تڏهن سنڌي سماج جو ڪرنگهو ٽٽي پيو هو. جيئن ته وچولو طبقو هر سماج جي پٺيءَ جو ڪنڊو ٿيندو آهي تيئن

سنڌي سماج ۾ سنڌي هندو هو جنهن وڏيرڪي نظام کي ٽوٽا ڇپايا هئا. پاڪستان ٺهڻ واري لڏپلاڻ کانپوءِ ئي سنڌي مسلمان وچولو طبقو اُسرڻ شروع ٿيو. اڄ اهن ٻوٽي گل ڪڍيا آهن ۽ پنهنجي عمر جي لحاظ کان ڏگهي وڻ واري ڏِڪ ڏيڻ شروع ڪئي اٿس. البت سنڌ جي تاريخ شاهد آهي ته سنڌي سماج کي وري وري پوئتي ڌڪي وڏيرڪي نظام جي اونداهي کاهيءَ ۾ ڌڪيو ويو آهي، ان ڪري ڪيترا ڀيرا ايئن ٿيو آهي ته سنڌي وچولي طبقي جي اڏام وارن پرن کي ڪتريو ويو آهي.

هن وقت سنڌي سماج جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي ته سنڌ جا سماجي ماهر، دانشور ۽ سياسي فيلسوف ان تي ويچار ڪن ته سنڌي وڏيري جو موجوده ڪردار سنڌي قوم جي ترقيءَ لاءِ ڪيڏو ضروري يا ڪيترو اجايو آهي. اسان کي پنهنجي قومي وجود کي بچائڻ لاءِ اهو به سوچڻو پوندو ته جيڪڏهن وڏيرڪو نظام ايڪويهين صدي لاءِ سماجي ڏوند بڻجي ٿو وڃي ته ان کي تاريخ جي کهڙي ڊير تي اڇلايو وڃي ۽ ان جي جاءِ تي ڪيئن وچولي طبقي کي اياري مٿي آڻجي.

جمعو ٢٣ نومبر ١٩٩٠ع
عوامي آواز

نہ ڪنهن ماريا جنگ ۾،
نہ ڪنهن سُور پَرَي

سنڌ جي عوام تي اونهاري جي هاڻوڪي موسم دوران گرميءَ جي جيڪا آفت نازل ٿي آهي. ان تي روزانو گهٽو ڪجهہ لکجي رهيو آهي ۽ خاص ڪري هاڻي جڏهن گرمي واري قيامت ڊگهي ٿي رهي آهي ۽ روزانو اخبارون ڪيترن ماڻهن جي مرڻ جا اطلاع ڪٽي گهر گهر پهچي رهيون آهن تڏهن اها حقيقت بلڪل چٽي ٿي چڪي آهي تہ سنڌ آفت-سٽيل علاقو بڻجي ويو آهي جنهن ۾ جيڪي سوين ماڻهو مارجي ويا آهن اهي پنهنجي فطري موت نہ مئا آهن پر موسم هٿان ماريا ويا آهن. جن ۾ سندن ڪو ڏوهہ نہ هو. ان ڪري ضروري آهي تہ هاڻي وفاقي ۽ صوبائي حڪومت هڪدم انهن مڙني ڪٽنبن کي مناسب معاوضو ڏيڻ جو بندوبست ڪري جن جا ماڻهو بنا ڪنهن سبب جي آفت جو شڪار ٿي ويا آهن. اهو ان ڪري بہ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ هاڻوڪي گرمي واري شديد لهر ۾ مري ويل ماڻهن جو تعداد گهوٽڪيءَ واري ريل جي حادثي کان ٻيٽو ٽيٽو ۽ نوشهرا ۾ ٿيل بارودي ڌماڪن واري واقعي کان پڻ تمام گهٽو آهي. گرميءَ سبب سنڌ ۾ سوين ماڻهو اڃل جو شڪار ٿيا آهن جڏهن تہ تازو لالوڪيت ۾ 4 ڇٽا فائرنگ ۾ مري ويا هئا تہ بلڪل ٻئي ڏينهن سنڌ جو وڏو وزير ڇام صادق علي هڪدم اتي پهچي سندن مائٽن ۾ لکين رپيا معاوضي طور ڏنا هئا. اسان ان جي خلاف نہ آهيون تہ لالو ڪيت ۾ مري ويل ڇٽن ماڻهن کي سنڌ حڪومت پاران ڇو معاوضو ڏنو ويو. اسان تہ ان خيال جا آهيون تہ مالي معاوضو درحقيقت ڪنهن بہ

فوتي جي مالڪن ۽ وارثن جي اندر واري سور کي اجهائي نه سگهندو آهي پر ان جي باوجود اهو ضروري هوندو آهي ڇاڪاڻ ته جڏهن ڪنهن ڪٽنب مان ڪمائيندڙ ماڻهو فوت ٿي ويندو آهي ته روحاني ۽ ذهني عذاب سان گڏ ڪٽنب جي ٻاتين لاءِ مالي مشڪلاتون معاشي مسئلا پيدا ڪري وجهنديون آهن. اسان جو بهرحال مقصد اهو آهي ته مرندڙ ماڻهو ڪير به هجي، ان جي ڪوٽ، جدائي ۽ سور لالوڪيت ۾ به ساڳي ريت محسوس ڪيو ويندو جهڙو سنڌوءَ جي ٻن ڪنارن تي جتي قيامت جهڙيءَ گرميءَ سوين ماڻهو ماري وڌا آهن. اسان ان ڪري حڪومت کي پرزور اپيل ڪنداسين ته هر ضلعي جي آفيسرن کان مدد ونڊي تفصيل سان نقصان جو سروي ڪرائي، انگ اکر جمع ڪري انهن مڙني ڏکويل ڪٽنبن جي مدد ڪئي وڃي جن کان هاڻوڪي ظالم موسم پنهنجا پيارا ماڻهو جدا ڪيا آهن. ۽ ان سان گڏ دنيا کي اهو به ٻڌايو وڃي ته ڏرتي مٿان فطرت جي ماحول کي آمريڪا جي مهرباني سان نار جنگ وسيلي جيڪي ٽنگ ڪيا ويا آهن، انهن جو اڄ نتيجو اهو نڪتو آهي جو زمين تي انسان کان برداشت نه ٿيندڙ گرمي راڄ ڪري رهي آهي.

اسان سنڌ حڪومت جي صحت واري ڪاتي جي ڪامورن کي پڻ صلاح ڏيندا سين ته هن ڏکئي وقت ۾ هو عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ بنا لالچ لوڀ جي ٻاهر نڪري اچن. اسانکي اميد آهي ته جنهن وقت سنڌ جو عوام ڪنهن آفت واري صورتحال مان گذرندو هجي ان وقت صحت جا عملدار اهڙي ڪا حرڪت نه ڪندا جنهن سبب اخبارن ۾ اهڙيون خبرون ڇپجڻ لڳن ته آفت جي سٽيل ماڻهن لاءِ آيل دوائون ميڊيڪل استورن تي وڪرو ٿيڻ لڳيون.

اسان کي اميد آهي ته هن موقعي تي غير سرڪاري سماجي ٻلائي واريون تنظيمون جهڙوڪ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، ڳوٺ سڌار سنگت سنڌ، سڪ پريت، ٻانهن ٻيلي وغيره پڻ هن وقت پنهنجو پورو زور لڳائي سنڌي ماڻهن جي درد کي ورهائي ڪٽڻ جي

ڪوشش ڪندا. ان سلسلي ۾ سنڌ جي خيراتي ادارن، عورتن جي تنظيمن ۽ پئسي وارن فردن کي پڻ پنهنجو رول ادا ڪرڻ گهرجي ۽ سنڌ جي ڳوٺن ۾ ماڻهن کي گلوڪوز، ڊرپون وغيره پهچائڻ جو بندوبست ڪندیون. اسان آخر ۾ سنڌ جي جملي ننڍين توڙي وڏين سياسي پارٽين کي پڻ صلاح ڏينداسين ته اهي هن ڏکئي وقت ۾ عوام وٽ وڃن ۽ وڃي سندن مسئلا سمجهن ۽ پوءِ حڪومت تي دٻاءُ وجهن ته گرمي سبب مري ويل سنڌي ماڻهن کي بنا دير معاوضو ڏنو وڃي.

نہ ڪنهن ماريا جنگ ۾، نہ ڪنهن سور ٻَرَي،
رُڻان ڪيئن ڪري، مادر ملاحن کي.

پٽائي

اڱارو 11 جون 1991ع
عوامي آواز

جهوڪ جي ڪيڏاري مان
ڦُٽي نڪرندڙ عالمي انقلاب

اڄ صوفي شاهه عنايت شهيد جي ميلي جي وچين ڏمال آهي. ٺٽي ۽ حيدرآباد ضلعي جي سرحد تي قديم ۽ تاريخي شهر جهوڪ شريف ۾ شاهه شهيد جا هندو توڙي مسلمان پوئلڳ ۲۷۳ سال اڳ واريءَ انهيءَ انقلابي جنگ جي ياد تازي ڪري رهيا آهن. جيڪا لاڳيتو ڇهه مهينا وڙهي وئي هئي ۽ جنهن ۾ هڪ طرف صوفي شاهه عنايت جي اڳواڻيءَ ۾ هزارين انقلابي هاري وڙهي رهيا هئا جڏهن ته ٻئي طرف مغل سلطنت جون رياستي فوجون ۽ ڪلهوڙن جا لشڪر موجود هئا ته جهوڪ جو ڪيڏارو ميرانپور ۾ ۱۷۱۷ع ۽ ۱۷۱۸ع وارن سالن دوران بهادر صوفين جي رت سان ڏوتو ويو هو. اهي صوفي پيشي جي لحاظ کان هاري هئا جيڪي صوفي شاهه عنايت جي قيادت ۾ گڏجي اجتماعي کيتي ڪندا هئا ۽ ان هارپي مان ملندڙ آمدني پاڻ ۾ برابريءَ جي بنياد تي ورهائي ڪٽندا هئا. جيئن ته کيتيءَ جو اهو اجتماعي نظام سنڌ ۽ هند جي وڏيرپ ۽ جاگيرداريءَ جي ڪفن ۾ آخري ڪوڪو ثابت ٿي رهيو هو. ان ڪري هندستان جي مغل بادشاهت ۽ سنڌ جي ڪلهوڙن واريءَ مذهبي تنگ نظر حڪومت انقلابي صوفي اڳواڻ ۽ سندس هلايل هاري تحريڪ کي ڪچلڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. هوڏانهن جهوڪ واري ڪميون هئي جنهن ۾ ڪم ڪندڙ هاري حق ۽ سچ جي لڙائي آخري فتح تائين وڙهڻ لاءِ ڪنڊ ڪپائڻ لاءِ تيار هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته سڄي هندستان جون فوجون سنڌ جي انقلابي هارين تي ڪنهن ازغيبي آفت وانگي

ٽٽي پيون پر ان جي باوجود جهوڪ واري تحريڪ کي ڪچلڻ ناممڪن نظر اچڻ لڳو بعد ۾ ڪلهوڙن حڪمرانن شاهه شهيد سان قرآن شريف جي حاشيءَ تي هڪ معاهدو ڪيو جنهن هيٺ جنگبندي ٿيٽي هئي ۽ ان کانپوءِ هارين جي تحريڪ کاميابيءَ جي منزل کي پهچڻ واري هئي. سو اهڙي ريت ڪلهوڙا حڪمران قرآن تي وعدو ڪري ڦري ويا ۽ شاهه عنايت صوفيءَ کي پاڻ وٽ صلح لاءِ گهرائي هن کي شهيد ڪري ڇڏيائون.

جهوڪ واري تحريڪ سڄي دنيا جي سوشلسٽ انقلاب ۽ هاري مزدور راج لاءِ پهريون قدم ثابت ٿيو. اها پي ڳالهه آهي ته يورپ جي محققن کي ايشيا ۾ آيل انهيءَ عظيم تبديليءَ جو بروقت علم ٿي نه سگهيو هو جنهن ڪري هنن جهوڪ واري ڪميون کان ٧٦ سال پوءِ قائم ڪيل پٽرس ڪميون کي دنيا جي سوشلسٽ انقلاب جو بنياد قرار ڏنو آهي.

شاهه شهيد ۽ سندس جهوڪ شريف اڄ سنڌ جي سياسي ۽ انقلابي نسل لاءِ عظيم اتساهه جو ذريعو آهي. البت ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت ۽ شاهه شهيد جي گادي نشينن کي هڪ اهم ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. سنڌ سرڪار کي هن ميلي بابت ضروري مواد چپرائي ان کي عام ڪرڻ ۽ جهوڪ جي ميلي کي پاڪستان توڙي سڄي دنيا ۾ عام ڪرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پوندي جڏهن ته صوفي شاهه عنايت جي پوئيرن کي هي ميلو عام ماڻهن ۽ سياسي ڪارڪنن لاءِ ڪولي رکڻو پوندو. هن وقت جهوڪ جو ميلو صرف شاهه شهيد جي مريدن ۽ خليفن جو ميلو لڳي ٿو جتي محدود تعداد ۾ ماڻهو اچن ٿا جنهن ڪري هن ميلي ۾ پٽائيءَ جي ميلي واري ڏک نظر نه ايندي آهي.

جهوڪ جي ميلي کي عام ڪرڻ ان ڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته ان جو سماجي ڪارج ڪنهن عظيم سماجي تحريڪ کان گهٽ ناهي. سنڌ جو هي واحد ميلو آهي جنهن ۾ هندو مسلمان ٻڌي ۽ ايڪي جو انوکو نمونو نظر ايندو آهي ۽ اهو ڏسي ماڻهو حيران

ٿي ويندا آهن تہ هندو مسلمانن وانگي ۽ مسلمان هندن وانگي اٿندي وهندي ان ڳالهہ تي فخر ڪندي نظر ايندا آهن تہ ٻنهي جو عمل پنهنجي مرشد جي تعليم پٽاندر آهي.

اچو تہ اڄوڪي ڏينهن تي وچن ڪيون تہ صوفي شاهہ عنايت شهيد جي پيغام کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻ لاءِ جاکوڙ ڪنداسين ۽ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر سنڌي ماڻهو سنڌ سرڪار توڙي شاهہ شهيد جا پونئير پنهنجو پاڻ پتوڙيندا رهندا. اسان سمجهون ٿا تہ جيڪڏهن شاهہ عنايت شهيد جي جهوڪ شريف ۽ شاهہ عبداللطيف پٽائي جي پٽ شاهہ کي اسان پنهنجو روحاني ۽ سياسي مرڪز ٺاهيو تہ شايد سنڌ ۽ سنڌين تي آيل اڄوڪن ڏکن ۽ ڏاکڻن کي گهٽائڻ ۾ اسان کي ڪنهن قدر ڪاميابي حاصل ٿي وڃي.

ڪاري ڪکر هيٺ، مون جهيڙيندي ڇڏيا،
ڪارا ڪنڊ هٽن ۾، اڏل وڃيرا هيٺ،
ٿي تنين سين ڏيٺ، موٽن جنين مهٽو.

پٽائي

خميس 29 آگسٽ 1991ع
عوامي آواز

سياسي تبديلين واري سڻائي واءَ جا هلڪا جُهوٽا

سنڌ ۾ پوندڙ قيامت جهڙيءَ گرميءَ جو هڪ هڪ لمحو سڪرات وانگي گذاري سنڌي ماڻهو سانوڻ مان سياري جي موسم واري تبديليءَ کي سرءُ واري مند ۽ ٿڌڙي هوا جي هلڪن جهوٽن لڳڻ سان ئي محسوس ڪري وٺندو آهي ۽ درياءَ تي رهندڙ مُهين جي دڙي جا اڏيندڙ مُهاڻا جڏهن پنهنجين ڊونڊين ۽ ٻيڙين ۾ اوڀارو سفر ڪندا آهن تڏهن هوا بند ٿيڻ ۽ سندن "اَوَتڙ" ٿيڻ کانپوءِ ڏکڻ جي هير جا جسم تي ٿڌڙا ڪڍندڙ جيڪي جهوٽا لڳندا آهن اهي سندن دريائي جيوت، وڻجار ۽ واٽ موکڻ لاءِ ڏاڍا اهم هوندا آهن.

سو سنڌي ماڻهو جنهن سياسي سانوڻ واريءَ ٻُوسٽ جي موسم ۾ رهن پيا ۽ جنهن جي هڪ هڪ لمحي کي سڪرات جيان ماريندڙ محسوس ڪيو اٿن ان جي مٽجڻ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ جيئن رڻَ ۾ هرڻ کي رُڃَ پاڻيءَ واريءَ شڪل ۾ نظر ايندي آهي تيئن سياسي تبديلين جا آثار بہ اسان سنڌين لاءِ ڪو نئون دوکو هجن ۽ اڳي کان اڳري ڪنهن مصيبت جو مامرو کڻي اچي اسانجي ڳچيءَ ۾ وجهن، پر پوءِ بہ ڏکن جي ڏنگيل روح کي سکن جون سِينڍُون بہ اتساهہ ڏيڻ لڳنديون آهن.

اسان بہ جڏهن ڏسون ٿا تہ جماعت اسلامي آءِ جي آءِ کان باغي ٿيڻ لڳي آهي، اعليٰ فوجي قيادت ۾ تبديليون اچي چڪيون آهن، ايم ڪيو ايم جي يونين ڪراچي اندر ريفرينڊم ۾ شڪست کائي ٿي وڃي، اي اين پي حڪومت سان تعاون ڍرو ڪري ڪالا باغ

ڊيم خلاف موقف وٺي بيهي ٿي، بينظير ڀٽو نئين عالمي نظام جي اڳواڻن سان سياسي صلاح مشورا ڪري پاڪستان جي پنجاب واري علائقي ۾ جلسا جلوس ڪرڻ جو پروگرام ٺاهڻ کان اڳ ڪراچي ۾ عظيم عاليشان جلسو ڪري ٿي، زاهد سرفراز پنهنجن آقائن تي ڏمرجي پوي ٿو ۽ ٻيون به ڪيتريون ئي اهم سياسي تبديليون اچن ٿيون ته لڳي ٿو ته اسان جي آقائن جا چهرا تبديل ٿيڻ وارا آهن.

اسان جي اها خواهش آهي ۽ اسان سمجهون ٿا ته ملڪ جو پڻ ان ۾ ئي مفاد آهي ته پاڪستاني سموري دنيا کي تبديل ٿيندو ڏسي پاڻ کي به تبديل ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ڇاڪاڻ ته اهو دنيا جو دستور آهي ته يا اوهان پاڻ تبديل ٿي وڃو نه ته دنيا اوهان کي زبردستي تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪندي. اهو ان ڪري ضروري آهي ڇاڪاڻ ته ارتقا ڪائنات ۽ انسان جو مُقدر آهي، سو پاڪستان جي حاڪمن، ملڪ جي اصلي وارثن، مخالف ڌر جي اڳواڻن، وقتي اقتدار هلائيندڙن، ملڪ جي ماهرن، دانشورن، سياستدانن ۽ عام ماڻهن کي اها ڳالهه هاڻي سمجهڻ گهرجي ته هن ملڪ ۾ موجوده دور مطابق ٻه وڏيون تبديليون آڻڻيون پونديون. هڪ ته هن ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت قائم ڪرڻي پوندي جنهن ۾ ڪنهن به ڌونس يا ڌانڌليءَ جي ڪا به گنجائش نه هوندي ۽ عوام جي ووٽ واري پرچيءَ جي تقدس کي بحال ڪرڻ واري تڪميل ضرور ڪرڻي پوندي. ٻي اهم سياسي تبديلي اها قبول ڪرڻي پوندي ته پاڪستان جي صوبن کي وڌ کان وڌ خودمختياري ڏيڻ اوس ٿي پوندو. ان خودمختياريءَ کي پوءِ ڪهڙو به نالو ڏنو وڃي پر جنهن کي سياسي طور "ملڪ جو قومي مسئلو"، چيو ويندو آهي، ان کي نئين صورتحال ۾ ضرور حل ڪرڻو پوندو. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري به ٿيڻو آهي ڇاڪاڻ ته دل تبديل ٿي چڪي آهي ۽ سوويت يونين ۾ جيڪي سياسي سڌارا اچي رهيا آهن سي ٽين دنيا کي ايترو ئي متاثر ڪندا جيترو اُتي ١٩١٧ع ۾ آيل انقلاب ڪيو هو. ۽ ان سان گڏ جڏهن روس ۽ آمريڪا وچ ۾ سرد

جنگ کي بہ ٻُنجو اچي ويندو تڏهن هتي پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ جنگ لڳي نہ سگهندي. پر جي اها جنگ لڳي بہ تہ اڳي وانگي سترهن ڏينهن بہ نہ هلي سگهندي. البت گهٽو امڪان اهو آهي تہ جنگ نہ لڳي، ٻئي ملڪ پاڻ وٽ هٿيار گهٽائي غريب ماڻهن جي حالت سڌارڻ تي وڌيڪ ڏوڪڙ خرچ ڪن ۽ اهڙي طرح ڪشمير وارو مسئلو ڪنهن طرح حل ٿي وڃي جنهن سبب هيل تائين ٻنهي ملڪن کي وڏو نقصان ٿيو آهي ۽ اهڙي طرح ان حوالي سان ٻيون بہ ڪافي تبديليون اچي سگهن ٿيون.

سو جيئن تہ دنيا تبديل ٿي رهي آهي ۽ پاڪستان پڻ هن دنيا جو هڪ حصو آهي ان ڪري پاڪستان ۾ قائم حڪومت ۾ پڻ تبديليون اٿنر آهن، اهو ان ڪري بہ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ پاڪستان ۾ قائم موجوده حڪومت جو انهيءَ پراٽيءَ دنيا سان تعلق آهي جيڪا هاڻي تبديل ٿي چُڪي آهي ۽ تاريخ جي ڪهاڙخاني ۾ خاموشيءَ سان نابود ٿيڻ لاءِ محفوظ ٿي وئي آهي.

خميس ۱۲ سيپٽمبر ۱۹۹۱ع
عوامي آواز

سنڌين جي دلين ۾ ڏارين جي آبادڪاريءَ جا ڏماڪا

سنڌي ماڻھن کي پنھنجي ئي ديس اندر اقليت ۾ ڦيرائي سنڌ جي جملي آمدنيءَ وارن ذريعن تي قبضو ڪرڻ واري نيت سان ڏارين جي لشڪرن کي ماڪڙ جي ڪٽڪن وانگي آڻي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ وارن پروگرامن کي ناھيندڙ لکڻ ۽ ظاھر ھٿن بابت ڪالھ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪافي زوردار بحث ٿيو آھي جنھن ۾ سنڌي ماڻھن جي چونڊيل نمائندن گھري تشويش جو اظھار ڪندي انڪشاف ڪيو آھي تہ لکين بھاري ۽ ٻيا غير ملڪي باشندا لاڳيتو سنڌ اندر داخل ٿي رھيا آھن. جيتوڻيڪ حڪمران ڏاھڙن خدشن کي رد ڪري ڇڏيو آھي ۽ خاص ڪري صوبائي وزير مظفر حسين شاھ انڪشاف ڪيو آھي تہ سنڌ ۽ پنجاب وارن صوبن جي سرحد تي ڪمون شھيد وٽ چيڪنگ لاءِ چوڪيون قائم ڪيون ويون آھن تہ جيئن بھارين جي سنڌ اندر آمد کي روڪي سگھجي. پر انھيءَ سرڪاري موقف تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي مخالف ڏر جي سربراھ سيد قائم علي شاھ ھڪ طاقتور دليل ڏنو آھي ۽ چيو آھي تہ جيڪڏھن سنڌ سرڪار چوي ٿي تہ بھاري يا ڏاريا سنڌ جي حدن اندر داخل نہ ٿي رھيا آھن تہ پوءِ ھنن سنڌ ـ پنجاب سرحد تي چيڪنگ لاءِ چوڪيون ڇو قائم ڪيون آھن. خود انھيءَ سرڪاري اپاءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ بھاري پاڪستان آندا پيا وڃن ۽ انھن جي پنجاب مان سنڌ ڏانھن آمد پڻ جاري آھي. ھن خبردار ڪيو تہ ڏارين جي آمد کي سنجيدگيءَ سان نہ روڪيو ويو تہ پوءِ سنڌ ۾ ٽڪراءَ واري صورتحال پيدا ٿيندي ۽ امن امان سخت خطري ۾ پئجي ويندو.

سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاريءَ واري مسئلي کي لڪائڻ سان حڪومت جو ڪو به مسئلو حل نه ٿيندو. جيئن عشق ۽ مُشڪ نه لڪندا آهن تيئن ڀهارين جي سنڌ ۾ آمد متان ڪو به غلاف وجهي نه ٿو سگهجي. مواصلات جي ترقيءَ ڪانپوءِ دنيا گڏجي سڏجي، ويڙهجي سيڙهجي ۽ ايتري ننڍڙي ٿي وئي آهي جو ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ۾ ڪو اسڪڈ ميزائيل ڇوڙيو ٿو وڃي ته ان جي فوٽوءَ ساڻ خبر ميزائيل ڪرڻ کان اڳ ئي باقي دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي وڃي ٿي. ان ڪري جيڪڏهن بنگلاديش واريون ڪئمپون ڀهارين خالي ڪيون ۽ اسان کي انهن ڪئمپن جا فوٽو ملي ويندا ۽ جيڪڏهن لڪي چوري ڀهاري پنجاب مان ٿيندا سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ انهن جي آمد کي ايترو مخفي رکيو ويو ته به ايترن ماڻهن جي اچڻ جو هن ملڪ جي اقتصاديات تي واضح اثر پوندو. سنڌ جي آدمشماري جا انگ اکر سلطاني گواهه ٿي سنڌين جي سياسي قتل عام جون لفظي فلمون پريندا ۽ دنيا جي ضمير کي چهنڀيون پائي، چڪ هڻي ۽ چهڪ ڏئي ننڊ مان اٿاري سنڌ ڏانهن ڏيان ڇڪائيندا.

سو سنڌ حڪومت کي خبر هئڻ گهرجي ته ڪي اهڙا مسئلا آهن جن بابت سنڌي عوام کي بيوقوف ٺاهي نٿو سگهجي. ان ڪري اسان حڪومت کي نيڪ صلاح ڏيندا سون ته اهي ڀهارين جي مسئلي تي سنڌي عوام کي اعتماد ۾ وٺن ۽ ان جو هڪ جمهوري طريقو اهو آهي ته هن مسئلي تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڊگهو بحث ڪيو وڃي ته جيئن مسئلو پنهنجن مڙني پهلوئن سميت سنڌي عوام آڏو اچي وڃي سو جيئن ته سنڌ حڪومت سنڌ اسيمبليءَ اڳيئي سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاريءَ خلاف ٺهراءُ پاس ڪيو آهي ان ڪري ضروري آهي ته ان ٺهراءَ جي روح کي رنج پهچائڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي ۽ اسيمبليءَ پاران صاف لفظن ۾ اعلان ڪيو وڃي ته سنڌ ۾ نه صرف وڌيڪ ڌارين جي آبادڪاريءَ کي روڪڻ گهرجي پر اتي اڳيئي غير قانوني طور ترسيل ماڻهن کي پٺ واپسي جي ٽڪيٽ ونڊائي وڃي.

سومر 7-آڪٽوبر 1991ع، عوامي آواز

طاقتور حڪمرانن پاران
حقيقتن آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ

بي گناهه ۽ معصوم ماڻهن جو ڇامشوري لڳ هاريل خون ڪٽوري ٻڏجي تيزيءَ ساڻ پکڙجي رهيو آهي. اسلام آباد کان وٺي لنڊن ۽ واشنگٽن تائين انهيءَ خون جون ڦهنگون سفيد جبا پائيندڙن ۽ اندر ۾ ابليس وهاري هلندڙن کي داغدار ڪري رهيون آهن. هن دفن ٿيل واقعي کي زمين مان کوٽي ٻاهر ڪڍي حڪمرانن جي منهن تي ٽڦڙ وانگي هڻڻ جو ڪم گهڻو ٿڏو سنڌي اخبارن ڪيو آهي. اردو ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ چپندڙ اخبارون ايئن چپ رهيون جيئن ڪڙ تي مينهن پوندو آهي ۽ باوجود ان جي ته سنڌ سرڪار توڙي سنڌ ۾ آپريشن ڪندڙ اختيارين جي ڏٻاءُ جو سنڌي اخبارون مقابلي ڪرڻ جي سگهه نٿيون رکي سگهن پر ان هوندي به انهن هاڻ گهوڙا ڪئي ۽ پهريون دفعو طاقتور حڪمران حقيقتن آڏو پنهنجو سر جهڪائڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

ٽنڊي بهاول جا شهيد سنڌ جي انهن هزارين بي ڏوهي ماريل ماڻهن وانگي آهن جن کي مختلف دورن ۾ وقت جي حاڪمن پنهنجي اقتدار واري انڊ ۾ اچي جيئري رهڻ واري حق کان محروم ڪيو آهي. جنرل ضياءَ جي ڏينهن ۾ برهماڻي ٻُوٽ، ڪسانو موري، لاکاڻ ۽ خيرپور ناٿن شاهه جهڙن ڪيترن ئي ٻُوٽن کي ٽنڊو بهاول بڻايو ويو هو. پر سنڌي ماڻهو سالن جا سال ان سياسي درد کي زهريلي ٻُڪيت ڏئي پنهنجي وجود جي ڪنڊ ۾ لڪائي رکيو آهي. سنڌي ماڻهن وقت اچڻ تي انهيءَ درد کي ٻُوڙها آڻيندڙ گئس جي دونهين جو روپ

ڏئي حڪمرانن آڏو واضح ڪري چڏيو آهي تہ انهن سان جيڪي زيادتيون ٿيون آهن اهي هنن پنهنجي ذهن ۾ سهيڙي رکيون آهن چاکاڻ تہ پلوَ پراڻا نہ ٿيندا آهن.

جامشوري واري واقعي جا ۽ وڏا پهلو آهن. هڪ آهي بي رحمي جنهن کان ڪم ونيِ غريب ۽ بي ڏوهي ڳوٺاڻن کي گهران ونيِ اچي جهنگل ۾ گوليون هڻي ماريو ويو. ۽ هن خوني ڊرامي جو پيو پهلو آهي، بي شرمي جنهن سان سچي دنيا آڏو مسڪين ماڻهن کي دهشتگرد قرار ڏنو پيو وڃي.

بهرحال اها اطمينان جي ڳالهہ آهي تہ هن واقعي جي جاچ ٽيٽ ڪانپوءِ سنڌ جي وڏي وزير ٽنڊي بهاول جي مارجي ويل ماڻهن متان دهشتگرد هجڻ وارو الزام لاهي چڏيو آهي. ان ڪانپوءِ آيل ان خبر ۽ چگو تاثر پيدا ڪيو آهي تہ ان فوجي ميجر کي گرفتار ڪيو ويو آهي جيڪو هن دردناڪ واقعي ۾ ملوث هو.

اسان هتي اها ڳالهہ واضح طور تي ڪرڻ گهرون ٿا تہ پاڪستان جي فوج کي سنڌي ماڻهن سان ڪٿائڻ نہ گهرجي. اهو ان ڪري ضروري ناهي چاکاڻ تہ پي صورت ۾ سنڌي ماڻهو فوج کي اقتدار تان هٽائي چڏيندا. اهو ان ڪري ضروري آهي چاکاڻ تہ سنڌي ماڻهو ڏاڍا معصوم آهن، ان ڪري جنهن ۽ هنن سان ڪٿايو آهي، تاريخ انهن کي ڪڏهن ۽ نہ بخشيو آهي.

خميس 11 جون 1992ع
سنڌ سجاڳ

سياسي بيماريءَ جي وڊيڪٽ وارو علاج

بيمار ملڪي سياست واري مڙهه جو علاج ڪندي دوا درمل بدران جڏهن ان جي وڊيڪٽ ڪرڻ لاءِ آپريشن جو فيصلو ٿيو تڏهن خبر پئي ته بيمار جي حالت وڌيڪ پيچيدي ٿي وئي آهي. انهيءَ سياسي بيماري ۾ پيچيدگي ايم ڪيو ايم طرفان استعيفيٰ جي صورت ۾ پيدا ٿي جنهن بعد سنڌ حڪومت ۾ صوبائي اسيمبلي خطري ۾ پئجي وئي آهي.

۽ هوڏانهن وڌيڪ تشويشناڪ صورتحال تڏهن پيدا ٿي آهي جڏهن سنڌ ۾ آپريشن ڪندڙ اختيارين سنڌ جي سياسي پارٽين خلاف آپريشن شروع ڪيو آهي جنهن جي پهرين مرحلي ۾ الذوالفقار جيئي سنڌ ۽ پنجابي پختون اتحاد شامل ڄاڻايا ويا آهن.

سنڌ ۾ ڏوهارين خلاف جيڪو آپريشن شروع ڪيو ويو هو تڏهن، چيو ويو هو ته اهڙي ڪارروائي ڪئي ويندي جو ڪنهن به سياسي پارٽي خلاف قدم نه کڄي. پر هاڻي جڏهن سياسي پارٽين خلاف آپريشن جو فيصلو شروع ٿيو آهي ته ان مان اهڙا شڪ پيدا ٿي رهيا آهن ته جيري خاطر ٻکري ڪهڙ جا سانباها ٿيڻ وارا آهن.

اسان ان حقيقت کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ته ڏوهن جو دائرو وڏي سياسي تنظيمن ۾ ور ڪري ويو آهي ۽ ان بيماري کان خود سرڪاري حلقا به بچيل ڪونهن، پر ان جو مقصد اهو ناهي ته سنڌ جون جملي قومپرست ۽ ترقي پسند تنظيمون دهشتگرد آهن.

اسان سنڌ ۾ آپريشن ڪندڙ اختيارن کي گذارش

ڪنداسين تہ اهي جلد بازي کان ڪم نہ وٺن ۽ سياسي تعصب، مذهبي ڪٽرپڻي، نسلي مت پيد توڙي صوبائيت يا لساني دشمني وارن تصورن کي پاسي تي رکي سنڌ ۾ اهڙي ڪارروائي ڪري جو ڪا بہ آڳر ڪجي نہ سگهي ۽ ڪا بہ ڏر ايئن چئي نہ سگهي تہ ڪو سندن خلاف امتيازي سلوڪ ڪيو پيو وڃي.

سنڌ ۾ آپريشن ڪندڙن کي اهو بہ سمجهڻ گهرجي تہ هتان جا سياسي مسئلا ڏاڍا پيچيدا آهن. مثال جيئي سنڌ واري نالي کي ٻڌي ڪيترين مضبوط مرڪز جون حاميون ڏريون ڇرڪي ويندين آهن پر کين خبر هئڻ گهرجي تہ اهو نعرو باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پنهنجي هڪ نظم ۾ ڏنو هو جنهن تي اعتراض بہ ٿيا هئا ۽ ڪيس بہ ٿيا هئا. نيٺ ڳالهہ وڃي سپريم ڪورٽ تي پهتي هئي، جنهن پنهنجي فتويٰ ڏئي واضح ڪري ڇڏيو هو تہ جيئي سنڌ واري لفظ ۾ ڪا ملڪ دشمني ڪا نہ آهي اهڙي طرح ان نعري کي جهنڊو ناهي جيئي سنڌ تنظيم نهي ۽ سنڌ ۾ سياست ڪرڻ لڳي.

ساڳي ڳالهہ ۽ سياسي ڪتا ٻين سياسي گروپن سان لاڳاپيل آهي. ان ڪري بلڪل اڪيون ٻوٽي انڊو آپريشن ڪرڻ کان بلڪل پرهيز ڪرڻ گهرجي ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪري ڪارروائي جو دائرو اهڙي نموني رکيو وڃي جيئن ان ۾ سياسي قسم جي ماڻهن کي چيپاٽڻ جو عمل پيدا نہ ٿئي.

اسان وس وارن اختيارين لاءِ اهو بہ ڄاڻائڻ گهرنداسين تہ الذوالفقار نالي ڪنهن تنظيم جي وجود بابت ڪا تصديق ٿيل راءِ موجود ڪانهي. ان ڪري الذوالفقار يا جيئي سنڌ جي نالي ۾ ڪنهن ڏر خلاف انڊي ڪارروائي فوج خلاف ماڻهن جي جذبن کي ايارڻ ۽ ڪانسواءِ ڪجهہ اپنگهہ ڳورو وارو بيهندو.

اڳاڙو 30، جون 1992ع
سنڌ سجاڳ

سنڌ جي تاريخ ٽين هزاري عيسويءَ ۾ داخل ٿئي ٿي

قديم تهذيبن جا وارث لوڪ دنيا ۾ سڌريل انسان مڃيا ويندا آهن. اسان سنڌي جيڪي ڪالهه تائين پنج هزار ورهيه قديم سنڌو ماڙيءَ واري تهذيب جا وارث هئاسون سي اڄ فخر سان چئي سگهون ٿا ته اسان ان تهذيب جا ماڻهو آهيون جيڪا ڇهه هزار ورهيه قديم آهي.

ان وقت جڏهن ننڍي کنڊ ۾ ديومالائي سنڌو درياءَ جي ڪنارن تي هن تهذيب جنم ورتو تڏهن يورپ ۽ آمريڪا کي اونداها کنڊ چيو ويندو هو.

پر اڄ اهي اونداها کنڊ اسان کان گهڻو اڳتي وڌي ويا آهن ۽ اسان پوئتي رهجي ويا آهيون. سماجي ۽ سائنسي ترقيءَ جي هن انساني ارتقائي سفر ۾ اسان ڇو پٺتي پٽجي ويا آهيون جڏهن ته اسان ترقي ڪيل دنيا کي موهن جي دڙي وارو "ڦيٽو" ڏنو جيڪا ان دور جي عظيم سائنسي ايجاد هئي؟

ٽين هزاري عيسوي جي نئين صديءَ وارو سال 2000 اهو سوال اسان جي اکين ۾ اکيون وجهي پڇي رهيو آهي!!

هن سوال جو جواب اسان کي ڪنهن هوشيار وڪيل جيان چالاڪيءَ ۽ چابڪدستي سان نه پر ايمانداريءَ سان دل تي هٿ رکي سچ ڳالهائي ڏيڻ گهرجي!

هن سوال جي جواب لاءِ اسان کي پنهنجين ڪوتاهين ۽

ڪامرانين جو جائزو وٺڻو پوندو ۽ طيءِ ڪرڻو پوندو ته دنيا سان گڏ ڪلهي سان ڪلهو ملائي هلڻ لاءِ ايندڙ هزار سالن دوران اسان کي ڪهڙيون ڪامرانيون ماڻڻ گهرجن ۽ ان لاءِ ڪهڙين ڪوتاهين کي دور ڪرڻ گهرجي؟ ان لاءِ سڀ سوچيندڙ سنڌي عقل ۽ ڏاهپ ۾ امتياز رکندڙ ڏيهي ۽ پرڏيهي سنڌي جڏهن گڏجي ويهي سوچيندا تڏهن ئي ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهبو!

ڇهه هزار ورهيه اڳ مُهين جو دڙو ڪيئن هو ۽ اڄ ڪيئن آهي، سنڌو درياءَ جي ڪهڙي صورت هئي ۽ اڄ ڪهڙي آهي، سنڌي ٻولي ڪيئن ڦالهائي ويندي هئي ۽ ڪهڙي لپيءَ ۾ لکي ويندي هئي. سنڌي ماڻهو تڏهن شعوري طور ڪيئن هو ۽ اڄ ڪيئن آهي. انهن سوالن جي جوابن ملڻ ڪانسواءِ ماضي ۽ حال کي پيٺي نه سگهبو جنهن ڪري مستقبل لاءِ ڪا حڪمت عملي جوڙڻ محال ٿيندو.

سنڌ جي هزارن سالن واري تاريخ اسان لاءِ ايڏا تائين ڇڻ ته هڪ ڳجهارت بڻيل آهي. سنڌ جي تاريخ جا خال ايڏا تائين پُر ٿي نه سگهيا آهن. اسان هر انهيءَ امتحان ۾ فيل پئي ٿيا آهيون جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ جا خال پرڻ وارو سوال پڇيو ويو آهي. اسان مُهين جي دڙي واري پنهنجي مادري ٻولي پڙهي نه ٿا سگهون جنهن ڪري قديم دور ۾ سنڌي شاعري، ادب، فلسفي ۽ سائنس بابت اسان کي ڪا ڄاڻ ڪانهي. اسان کي اها به خبر ناهي ته جڏهن مُهين جي دڙي وارو شهر آباد هو ته سنڌو درياءَ ان جي اوير ۾ وهندو هو يا اولهه ۾. سنڌو درياءَ جيڪو هاڻي ڏينهون ڏينهن سُڪي رهيو آهي ان ۾ تڏهن ڪيترو پاڻي وهندو هو"

لڳي ٿو گذريل ڇهه هزار ورهين ۾ اسان جونءَ- پير ترقي ڪئي آهي. ترقيءَ، سڌاري ۽ واڌاري واريءَ انهيءَ رفتار کي ڪيئن وڌائجي، ڪيئن تيز ڪجي يا جيئن آهيون تيئن ئي هججي؟ ان سوال جو جواب ڳولڻو پوندو.

ڇا ايندڙ هزار سالن واري جديد تاريخ جي دور ۾ به اسان ايئن

ئي معصوم عورتن کي "کاري" ڪري ڪُھندا رھنداسين. رھڻ لاءِ ڪاوان گھر ھوندا. کائڻ لاءِ لسي ماني کانسواءِ ڪجھ نہ ھوندو ۽ ڏنڏو ڏاڙيوالي ھوندو. يا اسان مان ڪو سنڌي چنڊ تي ٻہ پير رکندو ۽ لئبارٽري ۾ ڪيميائي جزن تي کوجنا ڪري پنھنجي پسند واري انساني نسل جي تخليق ڪري سگھندو؟

قاسمي جي ڦندي جھڙو سوالي نشان جو مٿيون حصو ڏمڪي ڏئي چئي ٿو تہ جديد دنيا ۾ جيئڻ لاءِ اوھان چتاپيٽي، جدوجھد ۽ عقل کان ڪم نہ ورتو تہ اوھان جو وجود، اوھان جي تاريخ ۽ جاگرافي منجي ويندي؟!

۽ جيڪڏھن ايئن ٿيو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ پلا جي ايئن نہ ٿئي تہ ان لاءِ ڇا ڪرڻ گھرجي؟ ان تي سوچڻ لاءِ ڇا اسان وٽ مناسب ماحول موجود آھي؟ اسان سنڌي مسلمان جيڪي سمجھون ٿا تہ اسان جو پيغمبر ۽ عظيم شاعر ٻئي "اُمي" آھن سي پڙھڻ ۽ ڪڙھڻ ڪڏھن شروع ڪندا؟ اسان کي اھو عقل ڪڏھن ايندو تہ عورت ۽ مرد ٻئي انسان آھن ۽ ٻنھي مان ڪو اوچ يا نيچ ناھي، ٻنھي جا حق ۽ فرض ھڪجھڙا آھن ۽ ٻئي برابر آھن.

پر اسان وٽ تہ مرد، عورت کان ڏاڍو آھي، وڏيرو ھاري کان ڏاڍو آھي، سرمائيدار، مزدور کان ڏاڍو آھي، "جيڪو ڏاڍو سو گابو آھي. اسان وٽ ڏاڍي جي لڪ کي ٻہ مٽا ٿيندا آھن. اھا اوچ نيچ، ڏاڍائي ۽ ارھہ زورائي، وڏيرکي ۽ مذھبي داداگيري، جھنگل جو قانون ۽ وحشي جيوت جا نشان اسان کي کيڏانھن وٺي ويندا. ان تي اسان ڪڏھن سوچيو آھي!؟

ٻي ھزاري عيسوي دوران سنڌ ۾ ٻتائي پيدا ٿيو. عيسوي سن جي ٽين ھزاريءَ ۾ ڇا تاريخ جو اھڙو ٻيو ڪو حادثو ٿي سگھي ٿو؟ ڇا ڏئين ھزاريءَ ۾ سنڌ مان غربت ختم ڪرڻ جو ڪو فارمولا موجود آھي؟ ڇا سنڌ وٽ ايندڙ ھزار سالن دوران ڪجھہ ڪرڻ لاءِ ڪا ايجنڈا موجود آھي؟ اھڙي قومي ايجنڈا ڪير ٺاھيندو؟ سياستدان،

دانشور عوام يا ٽئي؟ اڄوڪو ڏينهن اهڙا انيڪ سوال اکين ۾ کڻي سنڌ جي اڱڻ ۾ آيو آهي. ڏسون ته اسان ان جي آجيان ڪيئن ٿا ڪريون؟

ڪالهه جو لهندڙ سج ۽ اڄ جو اڀرندڙ سورج وقت جي علامت آهن. انسان ۽ وقت جو رشتو فطرت ۽ ماڻهوءَ جو ازلي ناتو آهي. ڪائنات جو فطرتي ماحول وقت ۽ انسان کي هلائي ٿو جڏهن ته انسان هميشه کان فطرت سان جنگ ڪري ڌرتيءَ تي پنهنجي جيون لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪندو رهيو آهي. اهڙي فطري ڪاوش دوران ڪڏهن انسان فطرت کي ۽ ڪڏهن فطرت انسان کي ڇيهو رسائي ٿي. ڏسڻو اهو آهي ته نئين هزاريءَ ۾ سنڌي ماڻهو فطرت جي ماحول کي بگاڙڻ کانسواءِ ڪيئن پنهنجي ترقيءَ لاءِ مناسب ماحول تيار ڪري ٿو؟

سج سڀاڻي جا ڪري، ساميءَ سائي روءِ.

ڀٽائي

ڇنڇر پهرين جنوري 2000ع
روزاني سچ

سنڌي ادب ۽ صحافت جي حسن جي علامت

جيڪڏهن سنڌ ۾ آيل ڪو پرڏيهي ماڻهو مون کان پڇي ته، "سنڌي ماڻهو ڪيئن ٿيندا آهن؟" ته مان کيس سڌو محترم انور پيرزادي صاحب وٽ وٺي وڃان ۽ کيس چوان ته، "اڄهو سنڌي ماڻهو هيئن ٿيندا آهن."

سنڌي ماڻهوءَ توڙي سنڌي ادب ۽ صحافت جي حُسن جي علامت بڻجي ويل هيءُ "پريو مڙس" جهڙو ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ جو حسين آهي، اهڙا سندس ويچار ۽ تحريرون خوبصورت آهن.

هيءُ ذهين شخص جڏهن ڳالهائيندو آهي ته احمد فراز جي هڪ شعر وانگر "پهول جهڙتي هين" ۽ جڏهن لکڻ ويهندو آهي ته، سندس دماغ جي ڄار مان خيالن جا هنجڙا ڪاغذن تي اڏرندي نظر ايندا آهن. پنهنجي مِٽي ۽ ماڻهن سان ديوانگيءَ جي حد تائين عشق ڪرڻ هِن جو ايمان ۽ هر اهو مورچو سنڀالڻ هن جو فرض آهي. جيڪو سنڌ جي ڪنهن به ميدان تي خالي پيو آهي. هن شخص جي زندگي به عجيب ڪهاڻين جو مجموعو آهي. هن پائلٽ بڻجڻ چاهيو هو. هن کي جيل ۾ جاءِ ملي. هن ڀنڀوريون پڪڙڻ چاهيون هيون. هن کي سياست جي صحرا جي صحبت ملي. هن جواني ماڻڻ چاهي پئي ته کيس 17 سالن جي عمر ۾ شاديءَ جا زنجير وڌا ويا. هن رُلڻ ڀٽڪڻ چاهيو هو ته هن کي پيٽ جي مسئلن ۾ قيد ڪيو ويو. هن "گيت اجايل مورن" جا لکڻ چاهيا هئا ته هن کي صحافت جي گود ملي. هن پنهنجي محبوبا جي هنج ۾ سالن جو ٿڪ ڀڃڻ چاهيو هو ته هن کي سنڌ ماءُ جي اوسارن ۾ جاڳ ۽ جاکوڙ ملي. هن ڪارن وارن جي ڪڪرن هيٺ جيئڻ چاهيو هو ته هن کي مهين جي دڙي ۽ ڀٽائيءَ جي عاشقي ملي. پر چڱو ٿيو جو هيءُ پائلٽ نه بڻيو. پائلٽ ته ڪو به سنڌي نوجوان بڻجي سگهي ٿو پر انور پيرزادو ڪير به نٿو بڻجي سگهي.

انور پيرزادي صاحب جي ذهن جي ميوزيم ۾ سنڌ جو سمورو حُسن محفوظ آهي ۽ سندس دل جي دربار ۾ هر وقت ڀٽائيءَ جو راڳ ٿيندو رهندو آهي.

انور ابڙو

پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ڀاڙي، کائُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻَ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ به مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

کوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي ٻہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو به مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي کوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو کو به لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي کوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. ايياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بولیءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڙَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکيِ پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)